
سنڌ سيپيتا
[پاڳو پيو]
عنايت ڪتياڻ

# سنڌ سيپتا

(ڀاڱو ٻيو)

**عنايت ڪٽياڻ**

2021

**ڊجيٽل ايڊيشن**

2022ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: سنڌ سپيتا (پاڱو پيو)
موضوع: تاريخ
ليکڪ: عنايت ڪٽياڻ
ڇاپو پهريون: 2021ع
ڪمپوزنگ: سعيد مرتضيٰ
لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
ڇپائيندڙ: مرڪ پبليڪيشن ڪراچي
سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم
C_50 سچل ڳوٺ، سپارڪو روڊ/
ڪراچي يونيورسٽي روڊ، اسڪيم 33
ڪراچي. 03453343003
ملهه: 300 رپيا
ڊجيٽل ايڊيشن: **سنڌ سلامت ڪتاب گهر**
www.sindhsalamat.com

Published By: Murk publication,
Room No: 305 .rd Floor Sabir Manzil 98
Near Gul Plaza, Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
**murtazalaghari64@gmail.com**
cell:03005182494

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:
ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي، ٿامس ڪتاب گهر ڪراچي
دانيال ڪتاب گهر حيدر آباد، ڪنول ڪتاب گهر، سمبارا ڪتاب گهر حيدر آباد
رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، سنڌيڪا ڪتاب گهر لاڙڪاڻو،
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر، تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس،
مهراڻ ڪتاب گهر سانگهڙ، تر ڪتاب گهر مٺي،
پريتم قاضي نواب شاهه، مُرڪ پبليڪيشن ڪراچي

# ارپنا



هي ڪتاب پنهنجي پياري دوست عبدالحڪيم ميمڻ جي نانءِ ڪيان ٿو، جنهن ڪان مليل محبتون ۽ مانُ ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهجي، ڪتاب ۾ لکيل سيني ماڳن تي هُو منهنجو همسفر ۽ مددگار رهيو، جنهن جو ذڪر ڪتاب ۾ بہ آهي. عبدالحڪيم ميمڻ نظرياتي قومي ڪارڪن، انساني برابري جو علمبردار، هر هڪ جو همدرد ۽ مخلص انسان هو، هُو 11 سپٽمبر 2020ع جي ڏينهن اوچتو الوداع ڪري مون کي اداس ڪري ويو، ڇو تہ آئون سندس ساٿ ۽ محبتن جو عادي بڻجي ويو هئس.

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”**سنڌ سپيتا (پاڱو ٻيو)**“ اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ليکڪ ۽ محقق عنايت الله ڪٽياڻ جي تحقيقي مضمونن، سفري احوالن ۽ تاريخي ماڳ مڪانن بابت لکيل مضمونن ۽ ڪالمن جو مجموعو آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخي ماڳن ۽ تاريخي شخصيتن بابت مضمون آهن جيڪي مختلف وقتن تي اخبارن ۾ ڇپيل آهن. تاريخ هڪ خشڪ موضوع آهي پر عنايت الله ڪٽياڻ ان کي سفرنامي واري انداز ۾ لکي دلچسپ بڻائي ڇڏيو آهي جنهن ڪري اوهان کي بوريت محسوس نہ ٿيندي ۽ تاريخ جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو. عنايت ڪٽياڻ جو شوق سير سفر آهي، ان ۾ ترجيح سنڌ جا اهم ماڳ ۽ هيروز آهن. هن جڏهن به قلم کنيو آهي، قومي ورثن کي اهميت ڏني آهي.

هي ڪتاب 2021ع ۾ مُرڪ پبليڪيشن، ڪراچيءَ پاران سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم، ڪراچي جي سهڪار سان ڇاپيو ويو. ٿورائتا آهيون عنايت ڪٽياڻ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پبلشر نوٽ: | مرتضيٰ لغاري | 07 |
| مهاڳ: | سيد غلام شاهه | 09 |
| قومي قافلي جو هم سفر | آصف بالادي | 18 |
| هڪ قومي ڪردار | محبوب علي عباسي | 20 |
| پنهنجي پاران | عنايت ڪٽياڻ | 23 |

1- ديبل/ پنڀور 27
2- جهم ڪوٽ 42
3- حيدر آباد جو ڪچو قلعو 49
4- نئون ڪوٽ 52
5- شهيد هوش محمد شيدي 56
6- حر تحريڪ تي هڪ نظر 60
7- دولهه دريا خان جي اوطاق 69
8- وسڪاري جي موسم ۾ ٿر جو سير 75
9- ڪارونجهر ۾ تاريخي ماڳ 81
10- ڪاسبو ۽ پوڙيسر تلاءُ 84
11- پارڪر ۽ پاري ننگر 89
12- مني ۾ هڪ منفرد مندر 93
13- تاريخ جو گلدستو ڪارونجهر بچايو 95

# پبلشر نوٽ

عنايت ڪٽياڻ جو بنيادي تعلق ضلعي خيرپورميرس جي شهر ”پِير جو ڳوٺ“ سان آهي. هو 80 واري ڏهاڪي ۾ پنهنجو اباڻو شهر ڇڏي ڪراچي پهتو، هن پنهنجي گذر سفر ۽ ٻارڙن جي تعليم کي ترجيح ڏني ۽ ڪراچيءَ جي سنڌي وسندي ”سچل ڳوٺ“ ۾ رهائش اختيار ڪئي. توڙي جو اُهو سچل ڳوٺ جي اڏاوت وارو دور هو. هو ان ڳوٺ جي بنيادي رهاڪن ۽ ڳوٺ جي بنياد رکڻ کان ان جي تحفظ ۽ ترقي ڏيارڻ وارن مک ڪردارن منجهان هڪ آهي. سچل ڳوٺ جي آبادي ۽ اُتي رهائش اختيار ڪندڙن جي حقن لاءِ هن شخص دوستن سان گڏجي خوب جدوجهد ڪئي، جيتوڻيڪ پرپاسي جا زور آواز ماڻهو سندن ذاتي دشمن ٿي بيٺا، ان سلسلي ۾ ڪين جيل جو منهن به ڏسڻو پيو، پر هنن جدوجهد جاري رکي. اڄ سچل ڳوٺ جون روشنيون ان جاکوڙ جو نتيجو آهن.

عنايت ڪٽياڻ ذاتي طور تي خاموش طبع، ڪم سان ڪم رکندڙ، سادي طبيعت ۽ وڏي دل وارو ماڻهو آهي. هي جاکوڙ ڪردار سڪٽي واهه واهه کي پاسي تي رکي پنهنجو ڪم جاري رکڻ جو عادي آهي.

عنايت ڪٽياڻ توڙي جو هڪ سياسي ۽ سماجي ورڪر رهيو آهي، پر هن مختلف پارٽين، تنظيمن ۽ ادارن ۾ وڏن عهدن تي به خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، اُن جي باوجود سندس شخصيت ۾ ڪو انا وارو تاثر نظر نه ٿو اچي. هو يارن جو يار، ميل جول جو معتبر، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو، مهمان نواز ۽ کل مُک شخصيت جو مالڪ آهي. هو قومي سوچ رکندڙ ڪردارن منجهان هڪ آهي، ڪيس سنڌ، سنڌي قوم، قومي ٻولي ۽ ورثن، ماڳن مڪانن جي تحفظ جو اونو آهي. سندس ٻيو سگهارو تعارف سندس لکڻيون آهن.

عنايت ڪٽياڻ جو شوق سير سفر آهي، ان ۾ ترجيح سنڌ جا اهم ماڳ ۽ هيروز آهن. هن جڏهن به قلم کنيو آهي، قومي ورثن کي اهميت ڏني آهي. سندس لکڻ وارو ڪم تاريخ آهي. پر تاريخ ۾ به منفرد لکڻي سندس قلم منجهان سرجي ٿي. سندس تاريخي ليکن تي آڌاريل هڪڙو سلسلو جيڪو مسلسل ”سنڌ سيپيتا“ جي نالي سان منظر عام تي ايندو رهيو آهي. سندس تاريخي ليک سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ به شايع ٿيا آهن. انهن جو پهريون پاڱو ”سنڌ سيپيتا“ جي نالي سان پهرين شايع ٿي چڪو آهي، ان ڪتاب جو اردو ترجمو پڻ ڪجهه وقت اڳ ڇپجي منظر عام تي آيو آهي. سندس ان سلسلي جو ڪم مسلسل جاري رهيو آهي. هو تاريخي ماڳن جا مشاهداتي دورا ڪندو رهي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو سندس قلم کي نئين قوت ملي ٿي ۽ پوءِ اُن ماڳ تي ڀرپور ليک لکي وٺي ٿو.

عنايت ڪٽياڻ جي لکڻي عام محقق کان مختلف آهي، هو تحقيق به ڪري ٿو ۽ تاريخ جو تحفظ به ڪرڻ چاهي ٿو، پر پڙهندڙ کي به مايوس نه ٿو ڪري. اڪثر تحقيقي ليک ڇسا ۽ خشڪ نظر اچن ٿا، پر عنايت ڪٽياڻ جي ليک ۾ رس چس به آهي ته رواني به آهي، تاريخ به آهي ته تهذيب به آهي. ان کان علاوه سندس لکڻي سگهارو آواز به آهي، ڪافي لکڻين جي منظر عام تي اچڻ بعد سرڪاري طور تي انهن ماڳن مڪانن تي ترقياتي ڪم پڻ شروع ڪيا ويا آهن. اهڙا تاريخي مضمون ۽ مقالا گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪري ”سنڌ سپيتا“ ٻي پاڱي جي صورت ۾ پڙهندڙ آڏو پيش ڪيون ٿا.

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي جو اشاعتي پورهيو يقينن پڙهندڙ جي قبوليت جي بنياد تي اڳتي وڌي ٿو، اُهو ئي سبب آهي جو مسلسل نئين جذبي ۽ منفرد ڪتاب سان گڏ پڙهندڙن جي عدالت ۾ پيش ٿيون ٿا. عنايت ڪٽياڻ جو هي تحقيقي ۽ تاريخي ڪتاب ”سنڌ سپيتا“ ٻيو پاڱو پڻ اهڙي جاکوڙ جو حصو ۽ نتيجو آهي.

**مرتضيٰ لغاري**
03005182494

# مهاڳ

تاريخ لکڻ ذميدار، ايماندار، جرئتمند، علم، عمل، شوق، لگن، ڪمٽمينٽ واري مستقل مزاج محنتي ماڻهوءَ جو ڪم آهي.
تاريخ منجمد نہ ٿيندي آهي، هي مسلسل لکبي رهبي آهي. ان جي مختلف پهلوئن تي هر مورخ پنهنجي سوچ سمجهہ ۽ تحقيق مطابق راءِ رکندو آهي. جيئن سائنس گذريل ٿيورين کي غلط ثابت ڪري نيون ٿيوريون ڏينديون رهي ٿي، اهڙي طرح تاريخ ۾ بہ ڪيترين پراڻين ڳالهين جي جاءِ تي نئين سائنسي تحقيق سبب نيون ٿيوريون اچن ٿيون.
تاريخ فرد کان وني قبيلي ۽ قوم تائين ماضي جي واقعن کي مدنظر رکي حال ۽ مستقبل ۾ جيئڻ جا سبق ۽ ڏس ڏيندي آهي، جن ۾ ڄاڻ سان گڏ ڪجهہ صلاحون حڪم جي حيثيت رکنديون آهن، جن تي عمل ڪرڻ ۾ بقا ۽ انڪار ۾ فنا آهي.
قومون جڏهن پنهنجي شاندار ماضيءَ کي وساريندون آهن تہ پوءِ غلاميءَ جي هر شڪل تي راضي ٿي ويندون آهن. اهو رضا تي راضي رهڻ جو عمل غير فطري آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي قومون تاريخ وساريندون آهن، انهن جي جاگرافي بہ محفوظ نہ رهندي آهي. اهڙين حالتن ۾ قوم جا سمجهدار ۽ لائق فرزند پنهنجي تاريخ جا خوبصورت ڪارناما ۽ حاصلات پڙهي ۽ پڙهائي قوم کي روشن راهہ ڏيکاريندا آهن.
عنايت ڪٽياڻ اهو اهم ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو آهي. هو، سنڌ جي وساريل ماڳن کي ڳولي هٿ ڪري چنڊي ڇاڻي پيش ٿو ڪري ۽ ان سان گڏ ڌرتيءَ سان محبت جو درس بہ ڏي ٿو. لکڻ جو انداز اهڙو تہ سادو ۽ سنو اٿس جو پڙهندڙ کي ان دور ۾ وني وڃي، انهن جاين ۽ ماڳن ۾ نئون ساهہ ڦوڪي جيئرو ڪري ڏيکاري ٿو؛ جتي وڃي هو نيون نيون ڳالهيون سکي خوشي محسوس ڪري ٿو ۽ ماضيءَ جي عظيم ماڻهن جي ڪيل ڪمال جهڙن ڪمن ڪرڻ تي آماده ٿئي ٿو.
هي ڪتاب سنڌ سپيتا (ڀاڱو ٻيون) تسلسل آهي، عنايت جي ان عزم جو جنهن ۾ هن تاريخ جي تحريڪ شروع ڪئي آهي. سندس هن کان پهريان لکيل ڪتاب سنڌ سپيتا (ڀاڱو پهريون) بہ انتهائي اهميت جو حامل آهي. ان ڪتاب ۾ ليکڪ (عنايت) بابت تعارف ۾ مون سندس خانداني پسمنظر سان گڏ هن جي لياقتن متعلق لکيو هو. ان ڪري هاڻي سندس لاءِ ڪجهہ لکڻ بجاءِ ڪتاب بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندس.
هن ڪتاب ۾ شامل سڀ مضمون ايڪتا اخبار ۾ ڇپجي چڪا آهن، جن کي وڏي پذيرائي ملي ۽ ڪيس ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ لاءِ مون سميت گهڻن دوستن مٿس زور ڀريو. هن انهن مضمونن تي وڌيڪ ريسرچ ڪري ضرور اضافن سان ڪتابي شڪل ۾ پيش ڪيا آهن. هن ڪتاب ۾ ڪُل تيرهن مضمون آهن. هر مضمون تي وڏي محنت ۽ ريسرچ

ٿيل آهي. خاص ڪري پهرئين مضمون ”ديبل/ٻنڀور“ تي ڪيل تحقيق ۽ يڪجاءِ تفصيل ته اڄ تائين ڪنهن به نه ڄاڻايا آهن. ان مضمون ۾ عنايت ڪافي اهم سوال اٿاريا آهن، جيئن: 1. ديبل بندر ۽ ٻنڀور جا نالا ڪيئن پيا، هڪ شهر آهي يا الڳ الڳ شهر آهن؟

2. ديبل بندر هڪ هو يا ٻن مختلف جاين تي هو (هڪ سمنڊ تي ٻيو درياهه تي)؟

3. ساساني دور ۾ جڏهن مڪران ۽ سنڌ الڳ ضلعا (صوبا) هئا ته ان وقت ديبل الڳ ضلعو(صوبو) هو.

4. سنڌ جو حصو هو يا هڪ شهر، بندر ۽ علائقو هو؟

5. ابن قاسم جنهن بندر کي پهرين فتح ڪيو، اهو ديبل بندر ٻنڀور واري جاءِ تي هو يا ڪنهن ٻي جاءِ تي هو؟

6. ديبل/ ٻنڀور جي عروج ۽ زوال جا ڪهڙا سبب هئا؟

اهڙا ڪيئي سوال آهن، جن جا جواب هن، سائنسي ۽ منطقي انداز سان پيش ڪيا آهن. پنهنجي موقف جي سپورٽ ۾ دنيا جي مڃيل تاريخدانن، جاگرافيدانن ۽ سياحن جا، ديبل بندر متعلق لکيل ڪتابن ۽ مضمونن مان حوالا ڏنا آهن، جن ۾، البيروني، موسيٰ خوريني، پاٽنجر ڪننگهام، رچرڊ برٽن، ڪيپٽن مئڪمرڊو، ڊلا روشي، رينيل ڊبليو، هيملٽن، هنري ڪزنس، ايليٽ، چيني سياح ڪياتان، ابن بطوطا، ڪئنٽن، بشاري مقدسي وغيره اچي وڃن ٿا. اهي معتبر حوالا مصدق ۽ وڏي اهميت وارا آهن.

اقتصادي لحاظ کان هن بندر جي اهميت کي اجاڳر ڪندي تاريخي طرح اسباب بيان ڪيا اٿس.

سڪندر يوناني جو اميرالبحر اسڪائلس (514 - 517 ق-م) سنڌو دريا رستي پشاور کان ديبل آيو هو. ان ئي دور ۾ يوناني سلطنت توڙي ايرنڊڙ رومي سلطنت جا واپاري ناتا ننڍي کنڊ سان شروع ٿي چڪا هئا.

جيئن ته جهازن کي سمنڊ ڪناري سفر ڪرڻو هوندو هو، ان ڪري ننڍي کنڊ ۾ ويجهي ۾ ويجهو بندر ديبل هو. ان ڪري هي بندر ترقي ڪري ايشيائي واپاري شين جو هڪ اهم تجارتي گذرگاهه بڻجي پيو.

وچ ايشيا، چين ۽ سنڪيانگ جي شهر خوتن (Khotan) مان (جيڪو ان وقت چيني ريشمي ڪپڙي جو مرڪز هو) ريشمي ڪپڙو خشڪي ۽ دريائي رستي ديبل آندو ويندو هو. ان ڪري ان رستي کي ريشمي سڙڪ يعني سلڪ روٽ چيو ويندو هو. چين ۽ پاڪستان کي ملائيندڙ روڊ کي به شاهراهه ريشم چوندا آهن. چائنا پاڪستان ڪاريڊور (CPEC)به ساڳيو سِلڪ روٽ آهي.

مان چين جي آٽانامس ريجن سنڪيانگ ۾ مختلف وقتن تي ويندو رهيو آهيان.

سنڪيانگ چين جي ايريا جو ڇهون حصو آهي، هي قدرتي وسيلن سان مالامال چين جو ڇهون وڏو فري انڊسٽريل زون آهي، هن سان نَون ملڪن جون سرحدون ملن ٿيون،

جنهن ۾ منگوليا، رشيا، ڪزاڪستان، ڪرگستان، تاجڪستان، افغانستان، پاڪستان، انڊيا ۽ تبت اچي وڃن ٿا.

اتان جو ڪلچر، زبان، رهڻ ڪهڻ جا طور طريقا، اسان سنڌ وارن سان ڪافي ملن ٿا. اڪثريت مسلمانن جي آهي. اتي جا اصل رهندڙ باشندا اشغر، ترڪ نسل جا مسلمان آهن. اشغر زبان جي الفابيٽ عربيءَ ۾ آهي. سنڪيانگ جا ٽي وڏا ۽ تاريخي شهر آهن: 1. ارمچي، 2. ڪاشگر ۽ 3. خوتن. ارمچي سنڪيانگ صوبي جي گادي جو هنڌ آهي. خوتن ريشم جي ڪپڙي جو قديم وقت کان مرڪز آهي ۽ ڪاشگر سڀ کان وڏيڪ پراڻو شهر ۽ ماضيءَ ۾ گاديءَ جو هنڌ به رهيو آهي. عباسي دور جي کوٽائي (892ع - 750ع) ۽ ٻين دورن ڏهين کان ٻارهين عيسوي صديءَ ۾ ڪاشيءَ جا جيڪي ٽانوَ ۽ سرون مليون آهن، اهي دراصل ڪاشگر کان آيل هئا. ڪاشگر ڪي اتان جا ماڻهو ڪاشي چوندا آهن. ان ڪري هالا ۾ ٺهندڙ نيري رنگ جي گلڪاريءَ واريون سرون جنهن کي ڪاشيءَ جون سرون چوندا آهن؛ اهو هنر اتان جو هجڻ ڪري اڄ سوڌو ان کي ڪاشي جون سرون سڏيو ويندو آهي. اهي نشانيون ٻڌائين ٿيون ته سنڌ جا ڪيڏا وسيع واپاري ناتا هئا ۽ اڄ ڪيترو محدود ۽ بي وس ٿي پيا آهيون.

مصنف مختلف وقتن تي ٿيل کوٽائين جو تفصيل محفوظ ڪندي ٻڌايو آهي ته پنيور جي پهرين کوٽائي 1929 ۾ مسٽر مجمدار صاحب ڪرائي.

ٻي کوٽائي 1951 ۾ مسٽر الڪاڪ ڪرائي. ٽِين کوٽائي 1958 کان 1965 تائين آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ جي ڊاڪٽر ايف اي خان سائنسي بنيادن تي ڪرائي. ان جي نتيجي ۾ مختلف وقتن جي ڇهن دورن جي ڄاڻ ملي.

پهرين تهه ڏهين کان ٻارهين عيسوي صدِي عرب عباسين سان متعلق آهي، جنهن مان ڪاشيءَ جون سرون ۽ ٽانو مليا.

ٻين تهه مان ابتدائي عباسي دور (892ع - 750ع) جون نشانيون مليون آهن، جنهن ۾ قلعي جي مرمت ٿي آهي ۽ چمڪندڙ ڪاشيءَ جون شيون مليون آهن. عباسين جي ٻنهي دورن جا وڏي تعداد ۾ سڪا مليا آهن.

ٽيون تهه اموي دور(750ع - 711ع) جو آهي. جنهن مان شامي طرز جي قلعي جي پٽ ۽ مسجد ۾ لکيل ڪوفي رسم الخط وارا ڪتبا مليا آهن.

چوٿين تهه مان هندو ۽ ٻڌ ڌرم جا آثار مليا آهن، جن ۾ وڏي تعداد ۾ مندر ۽ شولنگ شامل آهن.

پنجون تهه ساساني دور (پنجين صدي عيسوي) جو آهي؛ جڏهن ساسانين مڪران کان ديبل تائين سنڌ جو حصو فتح ڪيو هو.

ڇهون تهه سٿين پارسين جو دور آهي، جنهن مان نڪر جا يوناني ٽانون جهڙا ٽانو مليا آهن. ٽيڪسلا مان به اهڙا ٽانوَ مليا آهن.

ان طرح ڊاڪٽر ايف اي خان سائنسي بنيادن تي ثابت ڪيو آهي ته ڀنڀور ئي اصل ۾ ديبل بندر آهي، جنهن کي ابن قاسم فتح ڪيو هو.

ديبل/ڀنڀور هڪ وڏو انڊسٽريل شهر هو. ان جي ثبوت لاءِ تازو اٿليءَ جي آرڪيالاجسٽ مسٽر سائمون ڀنڀور جي کوٽائيءَ دوران هاٿي جي ڏندن (عاج) جو دنيا جو وڏي ۾ وڏو ذخيرو هٿ ڪيو آهي. هتي جي ڪارخانن ۾ هاٿيءَ جي ڏندن مان مختلف شيون ناهيون وينديون هيون.

ديبل جي تباهي تيرهين صدي عيسويءَ ۾ ٿي. ان جا ٽي سبب چيا وڃن ٿا:

1. درياهه جي وهڪري جو مَٽجڻ.

2. ٻاهرين حملا آورن جي يلغار، جنهن ۾ ڦرلٽ ۽ قتل عام ڪري شهر کي باهه ڏئي ساڙيو ويو.

3. ڌرتيءَ جو ڌٻڻ.

ديبل بندر جي تباهه ٿيڻ ڪانپوءِ ”لاهري بندر“ اوج ورتو. ابن بطوطه 1334ع ۾ سنڌ آيو ته هن لاهري بندر جي اوج جو ذڪر ڪيو آهي. ان مان ظاهر آهي ته ديبل بندر اٽڪل ڇهه سؤ سال سنڌ ۾ مکيه بندر رهيو.

اهي سڀ ڳالهيون ٻڌائين ٿيون ته هي هڪ وڏي قديم شهر جا آثار آهن، جيڪو ديبل ئي ٿي سگهي ٿو، ڇو ته قديم تاريخن ۾ ديبل جو ذڪر بار بار اچي ٿو، ليڪن ڀنڀور جو نالو سومرا دور جي آخري ڏينهن ۾ ملي ٿو، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ديبل عربن جي آخري دور ۾ تباهه ٿيو، جيڪو ٻيهر وڏي عرصي ڪانپوءِ وري آباد ٿيو، جنهن کي ڀنڀور سڏيو ويو.

ڀنڀور جي کوٽائيءَ دوران قلعي جي اندران ۽ ٻاهران هر دور جون نشانيون مليون آهن، جيڪي هن کي اوائلي ديبل بندر ثابت ڪن ٿيون. انهن سڀني سميت ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان ظاهر ٿيل ديبل هڪ سائنسي حقيقت آهي، جنهن کي اجايا شڪ شبها غلط ثابت نٿا ڪري سگهن. بهرحال هي هڪ تفصيلي ۽ تحقيقي مضمون آهي، جنهن ۾ ديبل جي تاريخ تي واضح موقف اختيار ڪيو ويو آهي.

ڀنڀور شهر جي سڃاڻپ واري پيار ڪهاڻي ”سسئي پنهون“ جو تاريخي حوالن سان دلپزير ذڪر ڪيل آهي. هن، تفصيل سان سسئيءَ جي قصي جو ذڪر ڪندي آخر ۾ ٻڌايو آهي ته ٻنهي جون قبرون وندر ۾ پٻ جبل جي ويجهو آهن ۽ ڀٽائي صاحب انهن لافاني ڪردارن کي پنهنجي آفاقي شاعري ذريعي امر بڻائي ڇڏيو آهي. عنايت هن محبت جي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي عظمت ۽ استقامت سان پنهنجي ڳالهه تي بيهڻ، مقصد جي حاصلات لاءِ هر قسم جون سور ۽ سختيون سهڻ، اڪيلي سر، بي سر و سامان، بغير وسيلن جي، اڻ سونهي خطرناڪ رستي تي فقط جذبي ۽ همت سان منزل ڏانهن روان

دوان ٿيڻ جا بي مثال سبق ڏنا آهن. عنايت ديبل/ ڀنڀور جي تاريخي مضمون ۾ هي قصو آٽي خشڪ مضمون کي معطر ڪري ڇڏيو آهي.

*ٻئي مضمون "جهم ڪوٽ" ۾ اهم ۽ نئين معلومات فراهم ڪئي اٿس. هن ڪوٽ/قلعي جي بناوٽ جو هنڌ نهايت خوبصورت ۽ دفاعي لحاظ کان اهم جاءِ تي آهي، جيڪو راجا راءِ سهاسي ٺهرايو. ان (هن ڪوٽ کي "هيم ڪوٽ" به لکيو ويو آهي.) ان وقت درياهه ٺٽي جي اولهه کان وهندو هو، جتي ڪوٽ آهي اتي پهاڙن کان لاهي هئي، ان ڪري هن جاءِ کي جهم چيو ويندو هو. جهم هجڻ ڪري مختلف ندين، نالن ۽ چشمن جي پاڻيءَ جا وهڪرا هت اچي چوڙ ڪندا هئا، جنهن ڪري هت ڍنڍ نهي وئي هئي. درياهه جڏهن رخ موڙيو ته پوءِ به ڍنڊيون ڪينجهر ۽ سنهري نهيون. هي ڪوٽ ڪينجهر ڪناري آهي. عنايت به دفعا جهم ڪوٽ ويو آهي. هڪ دفعو سنڌ جي يڳاني اديب علي بابا سان گڏ، جتي اشتياق انصاريءَ جي ڪتاب جي مهورت ٿي. آريسر صاحب ۽ رسول بخش درس سان رات جو شفيع فقير جو راڳ ٻڌو(جنهن جو ذڪر دلگداز انداز سان ڪيو اٿس). پهرين دفعي علي بابا سان گڏ جنهن مندر، شو لنگ ۽ قلعي جا بچيل آثار ڏٺا هئا، سي ٻئي دفعي ڏسڻ لاءِ ارڙهن سالن کانپوءِ 2019ع ۾ جڏهن عبدالحڪيم ميمڻ سان گڏ جهم ڪوٽ پهتو ته اهي ناپيد هئا.

چيو وڃي ٿو ته ابن قاسم جڏهن سنڌ جا ڪيئي ڪوٽ قلعا فتح ڪندو سيوستان (سيوهڻ) اچي ٺاڪ ڪيو ته، پنيان راجا ڏاهر جي پٽ جئسين جهم ڪوٽ ۾ اچي وينو. ابن قاسم فوراً پنهنجي سپهه سالار حسين شاهه کي چڙاهي ڪري موڪليو. حسين شاهه جنگ ۾ جئسين هٿان شڪست کائي مارجي ويو. ان کان پوءِ ابن قاسم پاڻ اچي چڙهائي ڪئي، پر جئسين درياهه ٽپي راوڙ جي قلعي تي وڃي وينو. ابن قاسم هت ڪيمپ هٽي وينو، تان جو حجاج جي حڪم تي ٻيڙين رستي هتان درياهه ڪراس ڪيو.

جيئن ته حسين شاهه جي قبر جهم ڪوٽ وٽ آهي، ان ڪري هن کي جهمپير چيو ويندو آهي.

بهرحال هن تي سائنسي تاريخي تحقيق جي ضرورت آهي. هن، مضمون ۾ ڪينجهر جي قدرتي ڪناري جي حسناڪين جي منظرڪشي خوبصورت لفظن ۾ پيش ڪندي قومي تحريڪ جي اڳواڻن، شهيدن ۽ همعصر دوستن جون يادگيريون قلمبند ڪري هن مضمون ۾ ماضي ۽ حال جي تاريخ کي ڳنڍي ڇڏيو آهي. جهم تي گهاريل راتين ۾ سندس ملاقاتن ۽ ڪچهرين جا بيان پڻ اهم ۽ خاص ڪيفيتن جا مظهر آهن، جنهن ڪري هي مضمون انتهائي دلچسپ ٿي پيو آهي. جهم پير (جهپير) جو نالو ڪيئن وجود ۾ آيو؟قديمي دور جو شِو مندر ۽ علائقي جا تفصيل به بيان ٿيل آهن.

*ٽيون مضمون ”حيدر آباد جو ڪچو قلعو“ بابت آهي، هيءُ قلعو شهر جي وچ ۾ هئڻ جي باوجود ڏرتي ڏٽين ڪان وسريل هو. هن تاريخي ماڳ جي لاوارثي ۽ زبون حاليءَ تي عنايت احتجاج ڪندي ان جي اهميت ڪي اجاڳر ڪري پيش ڪيو آهي.

* چوٿون مضمون ”نئو ڪوٽ“ بابت آهي.
ان مضمونن مان مون فقط ستين مضمون ”نئون ڪوٽ“ جو مختصر ذڪر ڪيو آهي.
هن قلعي متعلق عنايت جو لکيل مضمون ائين لڳي ٿو ڄڻ ڪنهن ماهر آرڪيالاجسٽ وڏي مهارت سان رپورٽ تيار ڪئي آهي، جو جنهن طرح سان هن پٽين، مورچن، بارود خانن، توپن رکڻ جي برجن، سپاهين جي رهڻ جي جاين، ميرن ۽ اميرن جي رهڻ جي محلن، حفاظتي دمدمن ۽ ٻين دفاعي لحاظ ڪان اهم ترين جاين جو پيمائش سان گڏ ذڪر ڪيو آهي، اهو ڪنهن عام ليکڪ جو ڪم نہ آهي.
مختصر ۽ جامع تاريخ ڏني اٿس.
مير ڪرم علي خان ٽالپر 1812ع ۾ حڪومت سنڀالي.
1813 ۾ جوڌپور جي راجا ڪان عمر ڪوٽ جو قلعو فتح ڪري سنڌ جو حصو بڻايو.
1814 ۾ نئون ڪوٽ/ قلعو ٺهرايو.
پهريون قلعو مير فتح علي خان 1785ع ۾ مٺيءَ ۾ ٺهرايو ۽ ان جو نالو فتح ڳڙھ رکيو.
1795 ۾ اسلام ڳڙھ جو قلعو ٺهرايو (اسلام ڪوٽ).
1800 ۾ چيلهار، سينگار ۽ ڪڏي ۾ قلعا ٺهرايا.
نئون ڪوٽ جو قلعو ٿر جي ٻين قلعن ڪان وڏو ۽ مضبوط آهي ۽ هڪ بهترين قلعي جون سڀ سهولتون ۽ ضرورتون پوريون ٿيل اٿس.
نئون ڪوٽ ۽ ڪوٽ ڏجيءَ جا قلعا سنڌ جا تعمير ٿيل آخري قلعا آهن. لڳي ٿو ان کانپوءِ دنيا ۾ قلعن ناهڻ جي ضرورت نہ رهي.
* پنجون مضمون ”شهيد هوش محمد شيدي“ سنڌ جي بهادر جنرل تي لکيل آهي، جنهن ۾ تفصيلي بيان ڪيل آهي تہ ڪيئن سازش ڪري سنڌ جي لشڪر ڪي شڪست ڏياري وئي. ان جو ذڪر عنايت منفرد انداز سان پيش ڪيو آهي. جيئن سنڌ تي حملي ڪان پهريان انگريزن نواب آف بهاولپور، خان آف قلات ۽ جوڌپور جي راجا سان دوستان تعلقات رکيا.
خيرپور جي مير مراد علي خان، لاڙ مان مير فتح علي خان جي پٽ مير صوبدار خان ڪي پاڻ سان ملايو. فوج ۾ ڏارين اهلڪارن جنهن ۾ توبخاني جي انچارج ”جان هاويل“ ۽ فوجي آفيسر ”سائمن“ ڪي بہ پاڻ سان ملايو تہ جيئن اندران ٻاهران ماحول

سنڌن فائدي ۾ هجي ۽ هڪ وڏي سازش ڪري سنڌ تي قبضو ڪيو. هن مضمون ۾ سنڌ جي سپاهه جا تفصيل ذاتيون ۽ قبيلا بہ لکيل آهن.

* ڇهون مضمون ”حر تحريڪ تي هڪ نظر“ سياسي ۽ تاريخي حوالي سان انتهائي اهم آهي. هن مضمون ۾ حر تحريڪ جي ٿيڻ جي مقصد، سبب، نتيجي، مذهبي ۽ سياسي پهلوئن تي پرمغز تحقيق ڪيل آهي.

حر تحريڪ ڪهڙي مذهبي فلسفي جي تڪميل لاء جوڙي وئي، ان متعلق بهتر ڄاڻ ملي ٿي.

حر تحريڪ متعلق ائين تہ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي، پر اجا سوڌو ڪافي سوالن جا جواب اڻ پورا ۽ منجهيل آهن.

مان ليکڪ جي اجازت سان ڪتاب ۾ لکيل ڳالهين کان سواءِ بہ ڪجهہ ڳالهيون ڄاڻايون آهن، جنهن مطابق، حر تحريڪ سيد محمد راشد شاهہ جي، مذهبي فلاسافي جي تڪميل جو اهم حصو هئي، جنهنجو بنياد جهاد في سبيل الله تي هو. هو مريدن کان جهاد لاءِ بيعت وٺندا هئا تہ،

1. هي جهاد هر قسم جي سماجي، اخلاقي ۽ معاشرتي براين، نا انصافين، ظلم ۽ زيادتين خلاف ڪيو ويندو.

2. هي جهاد الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ حاڪميت تسليم ڪرڻ ڪانپوءِ، ٻئي ڪنهن بہ قوت آڏو سر جهڪائڻ جي خلاف هوندو.

3. مخفي ۽ ظاهري، اندرين ۽ ٻاهرين دشمن جي خلاف پوري ڪوشش ۽ قوت سان جهاد ڪبو.

4. هر قسم جي جاني، مالي قرباني ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻو پوندو.

جيئن تہ انگريزن طاقت جي زور تي قبضو ڪيو هو، ان ڪري انهن جي خلاف جهاد ڪرڻ فرض ۾ شامل هو.

سيد محمد راشد شاهہ 6 جون 1818ع تي وفات ڪئي، ڪيس بہ پٽ هئا: سيد صبغت الله شاهہ (اول) ۽ سيد محمد ياسين شاهہ.

سيد صبغت الله شاهہ کي صاحب دستار هئڻ ڪري پڳ ملي ۽ سيد محمد ياسين شاهہ کي صاحبِ علم هئڻ ڪري جهنڊو مليو.

ان ڪري پڳ واري سبب صبغت الله شاهہ کي پاڳارو ۽ ياسين شاهہ کي جهنڊي وارو چيو ويو.

”پير پاڳاري“ جو ٽائيٽل پير صبغت الله کان شروع ٿيو. پير صبغت الله پنهنجي والد جي اجازت سان 1916ع ۾ مريدن جي جماعت کي منظم ڪري جهاد لاءِ تيار ڪيو، خاص ڪري انگريزن جي خلاف. ان ڪري حر تحريڪ جو باني صبغت الله شاهہ اول عرف تجر ڌڻي آهي.

عنايت ڪٽياڻ پاڻ پير ڳوٺ جو آهي ۽ تمام لائق فائق آهي. ڪيس ڄاڻ آهي ته دنيا جو هر ڪم ضرور ڪنهن نه ڪنهن مقصد ۽ مراد سان ٿيندو آهي ۽ اهي مقصد ۽ مرادون مقرر ڪرڻيون پونديون آهن. مان سمجهان ٿو هن جون مرادون ۽ مقصد واضح آهن ته سنڌ جي وساريل ماضيءَ کي جدت سان پيش ڪرڻو آهي. اميد ٿي ڪجي ته پاڻ پير ڳوٺ ۽ پسگردائيءَ جي ماڻهن کان وڌن جون سينا به سينا سانديل ڳالهيون هٿ ڪري ۽ پير ڳوٺ لائبريري ۾ رکيل نادر نسخن ۽ ٻي قيمتي مواد کي ڏسي حر تحريڪ تي مزيد تحقيق ڪندا.

*ستون مضمون دولهه "دريا خان جي اوطاق" متعلق آهي. هن تي مان پڻ هڪ مضمون لکي چڪو آهيان. هي انتهائي اهم ماڳ آهي. عنايت هن جي تاريخي اهميت تي تفصيلي لکيو آهي ۽ هن تاريخي اوطاق جي سار سنڀال حقيقت ۾ عنايت ۽ اسان جي پياري دوست حڪيم ميمڻ لڌي؛ ۽ پوءِ عنايت ڀرپور ڪوششون وٺي ثقافت کاتي وارن کي ان جي مرمت واري ڪم جي ڪم لاءِ راضي ڪيو ۽ کين اوطاق بابت تاريخي مواد ۽ اڏاوت جي ماپ سميت نقشا به مهيا ڪري ڏنا ۽ ڪم جي نگهداشت لاء به ويندو رهيو آهي، ان لاءِ کيس مبارڪون ڏجن ٿيون. سندس هي جاکوڙ انتهائي ساراهه جوڳي آهي.

ڪتاب ۾ شامل ٻيا ليک
"وسڪاري ۾ ٿر جو سير"،
"ڪارونجهر ۾ تاريخي ماڳ"،
"ڪاسبو ۽ پوڏيسر تلاء"،
"پارڪر ۽ پاري ننگر"،
"منٺي ۾ منفرد مندر" ۽
"تاريخ جو گلدستو ڪارونجهر بچايو" ٿر تي لکيل بهترين مضمون آهن جن تي مهاڳ جي طوالت ۽ وقت گهٽ هئڻ سبب، جو عنايت کي به ڪجهه جلدي آهي؛ ڪنهن ٻئي موقعي تي تفصيل سان لکڻ لاءِ پاڻ کي آماده ڪيو آهي. هنن مضمونن ۾ ٿر جي مختلف موسمن ۾ خوبصورتي، سماجي، سياسي، معاشي، مذهبي، ڪلچرل ۽ تاريخ جو بهترين اپياس ٿيل آهي. ان سان گڏ پڙهندي مارئي جي ملير جي سڳنڌ به متواتر ايندي رهي ٿي. هنن مضمونن ۾ پارڪر جي مختلف ماڳن مڪانن، هتي جي قدرتي نظارن، جين ڌرم ۽ هندن جي تيرٿن ۽ آستانن جو ذڪر آهي. عنايت جو سفرنامي وارو انداز بيان جنهن ۾ سنگت جي گڏ هجڻ، دوستن سان ملاقاتن، مختلف محفلن ۽ ڪچهرين جا خوبصورت لفظن ۾ بيان ٿيل آهن ۽ هنن مضمونن ۾ تاريخي ڄاڻ به تمام بهترين انداز ۾ ڀرپور ڏنل آهي، جيئن جين ڌرم جا مندر ۽ پرچارڪ آستان ۽ جين ڌرم جي نيتائن جا نالا ۽ تفصيل، هندو ڌرم جي قديمي تيرٿن، ماڳن ۽ مندرن، ساڙڏڙو ڏام، گئومکي، ڀيم ڪُن، جهرڻو، ٻائن جو ٻيسڻو ۽ چندن گڊ وغيره جي تاريخي ڄاڻ سان گڏ ڪارونجهر جا

حسين نظارا ۽ جبل جي چوڌاري موجود وسندين جو سفرنامو خوبصورت لفظن ۾ بيان ٿيل آهي ۽ انهن جي تاريخي ڄاڻ به ڏني اٿائين، جن ۾ خاص طور ننگرپارڪر شهر ۽ ڀيون وسنديون پوڏيسر، موندرو، مئو، آڏيگام، ڪارڙيو، ڪاسبو وغيره اچي وڃن ٿا، ان کان علاوه پاڻيءَ جي تلائن، قديمي اجڙيل بندر ۽ بستين ۽ ٿرپارڪر جي رهواسين جي ذاتين ۽ راڄ، مختلف دورن جي حاڪمن ۽ راڻن جا تفصيل لکيا اٿائين جن کان عام و خاص واقف ئي نه آهي. عنايت انهن سڀن جي ڄاڻ ڏئي انهن جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو ته جيئن انهن سڀن تاريخي ماڳن مڪانن جي اهميت کي هر پڙهندڙ سمجهي سگهي ۽ انهن جي بچاءُ لاءِ اپاءَ وٺي سگهجن. خاص طور تي آخري مضمون ”تاريخ جو گلدستو ڪارونجهر بچايو“ ان وقت لکيو ۽ اخبارن ۾ ڇپيو ويو آهي جنهن وقت ڪارونجهر کي وڏي مشينري ذريعي ڪٽيو پيو وڃي، جنهن کي بچائڻ لاءِ هي مضمون لکڻ هڪ وڏو احتجاج هو، جيڪو سنڌ سان سندس وفاداري ۽ سچائي ثابت ڪري ٿو. وطن جي وسيلن جي مالڪي ڪرڻ لاءِ آواز بلند ڪرڻ ۽ ثابت قدم ٿي بيهڻ بهادر قومي ڪارڪن جي نشاني آهي.

عنايت هڪ سينئر قومي ڪارڪن جي حيثيت ۾ پنهنجي جاکوڙ جاري رکي آهي، ڪنهن وقت به قومي فرض کان غافل نه آهي ۽ هر وقت قوم کي به سجاڳيءَ لاءِ جاڳرتا ڏيندو رهي ٿو ته جيئن تاريخي ماڳن مڪانن ۽ قومي وسيلن جي مالڪي ۽ بچاءَ ڪري سگهجي. دعاڳو آهيون ته سنڌ جي تاريخي ورثي کي روشناس ڪرائڻ لاءِ سندس هيءَ جاکوڙ سڦلتا ماڻي، سندس خواب ساڀيا ٿين ۽ عنايت جو هي تحقيقي سفر جاري رهي ۽ ڪاميابين جون منزلون سر ڪري.

آخر ۾ خواجه احمد زمان لواريءَ جو قومن جي تنزل ۽ تباهي جي سببن تي عالمانه آفاقي راءِ پڙهندڙن آڏو رکان ٿو:

”قومون تڏهن تباهه ٿينديون آهن، جڏهن منجهانئن انساني محبت گم ٿي ويندي آهي ۽ پئسي جي پوڄا ڪرڻ لڳنديون آهن. ماڻهو ماڻهوءَ کان نفرت ڪندا آهن. هڪ ٻي سان بطور انسان جي محبت ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ پئسي پٺيان ائين ڪاهي پوندا آهن، گويا پئسو سندن معبود آهي. شرڪ جو اهو بدترين قسم آهي ۽ شرڪ الله تعاليٰ جي نظر ۾ سڀ کان وڏو گناهه آهي. بادشاهه بغاوت کي ۽ الله تعاليٰ شرڪ کي ناپسند ڪندو آهي .“

**سيد غلام شاهه**

چيئرمين

آئيڊيالاجيڪل فورم سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي

ڪراچي 18 اپريل 2021

# قومي قافلي جو هم سفر

محترم عنايت ڪٽياڻ، اسان جي قومي قافلي جو سينيئر هم سفر آهي. هڪ مستقل مزاج، سڀاجهو اڳواڻ ۽ ڪارڪن جنهن پنهنجي جدوجهد ۽ مسلسل جاکوڙ وسيلي تاريخ جهڙي انتهائي اهم، بنيادي ۽ ڏکئي موضوع تي ڪم ڪري پنهنجو هڪ نرالو ۽ منفرد مقام پيدا ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪتاب جو نالو به "سنڌ سپيتا" چونڊيو، جيڪو پڻ خوبصورت، شاندار ۽ وڻندڙ آهي ۽ سنڌ وطن جي هزارين سالن جي شاندار تهذيب ۽ تمدن جو ڀرپور تاثر ڏئي ٿو.

"سنڌ سپيتا" ڪتاب جو ٻيو پاڱو آهي، جنهن ۾ سندس تحقيقي مضمونن، مقالن ۽ ڪالمن جو سٽاءُ ۽ موضوعن جي چونڊ نهايت ئي شاندار آهي.

ديبل بندر/ ڀنڀور، جهم ڪوٽ، وسڪاري ۾ ٿر جو سير، تاريخ جو گلدستو ڪارونجهر بچايو، جهڙا اهم مضمون لکي هن پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. خاص طور تي سنڌ جي عظيم سپهه سالار دولهه دريا خان جي اوطاق جي نئين سِر تعمير ۽ بحاليءَ (Renovation) ۾ سندس ذاتي جستجو ۽ جاکوڙ سچ پچ ته هڪ تاريخي ڪارنامو آهي. ان ڪم ۾ سندس اڻٿڪ جدوجهد ڏسي هڪ وڏو اُتساهه مليو ٿو. هن مضمون پڙهڻ سان سنڌ وطن جي آزادي ۽ خوشحاليءَ وارو پورو دؤر نئين سر اکين اڳيان نروار ٿي بيهي ٿو.

بهرحال سنڌ جي سياسي قبلي ۽ مرڪز "سن" ڏانهن ايندي ويندي، سنڌ جي هن تاريخي ڪردار دولهه دريا خان جي اوطاق جي سلامي ڀرڻ سنڌ جي سيني مُحب وطن قومي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جو فرض بڻجي ٿو.

توڙي جو محترم عنايت ڪٽياڻ کان اڳ ۾ انهن موضوعن تي سنڌ ۾ تمام وڏن ۽ ناليوارن تاريخدانن پنهنجا تمام بهترين تحقيقي، تنقيدي ۽ تخليقي مضمون ۽ مقالا لِکيا آهن، پر پوءِ به اسان جي هن سادي ۽ سڀاجهي ليکڪ جي نئين انداز، عوامي لهجي ۽ رواني‌ءَ سان لکيل هن ڪتاب جي پنهنجي خصوصيت، ڪيفيت ۽ نرالپ آهي. منهنجي خيال ۾ ان جو هڪ وڏو سبب هي به آهي ته هن شخص فِڪر سيد جي پر ڪيف پيالي مان سُرڪي پيتي آهي.

ته ڪر ڪيئن سئي؟ جي سير نه گهڙي سهڻي،
هِت حياتي ڏينهڙا، هڏهن تان نه هئي،
چُڪي تنهن چري ڪئي، جا ڏِنس ان ڏهي،
سهڻيءَ ڪي سيد چئي، وڏو قرب کهي،
هُهِين منڌ مئي، پر بڏيءَ جا بيٺا ٿيا.
(شاهه سائين)

سنڌ وطن جي وڻن ٽڻن، جيت جڻن، پکين جانورن، جبلن، پٽن، جهنگ جهرن، واهڻ وستين، ڍنڍين ڍورن، درياهه بادشاهه ۽ سنڌي سمونڊ جي ساهه ڪٽندڙ لهرن ۽ موجن سان ليکڪ جو ساهه ڳنڍيل آهي ۽ هي دوست سنڌ جي سڀڪي ۾ پويل آهي. پنهنجي ديس ۽ ديس واسين سان عشق ۾ عجب ٿئي ٿو: بلڪل سائين طالب الموليٰ جي هن سٽ وانگر:

عجب عشق آهي اسان جو الستي،
ڪڏهن بت پرستي، ڪڏهن خود پرستي.

هونئن بہ هي سارو سنسار سهڻو آهي. سڄو ڌرتيءَ جو گولو خوبصورت آهي. دنيا جون سڀ قومون ۽ سندن وطن ۽ مُلڪ شاندار آهن. ها، دنيا جي هن حسين ترين ڪلچر، تهذيب ۽ تمدن جي رنگبرنگي گلدستي ۾ اسان جو وطن سنڌ ۽ ان جي سپيتا جو گُل بہ ڏاڍو حُسناڪ ۽ خوشبودار آهي.

ياءُ عنايت ڪٿياڻ جي هن ڪتابي گلدستي ڪي ڪوليو ۽ ورق ورق تي پنهنجي وطن، پنهنجي مِٽي ۽ مٽيءَ هاڻن ماڻهن جي سُرهاڻ توهان کي واسي ڇڏيندي.

آصف بالادي

27 جولاءِ 2021ع

# هڪ قومي ڪردار

سياسي، سماجي اڳواڻ ۽ سنڌ جي تاريخ کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ پياري دوست عنايت ڪٽياڻ سان منهنجي پهرين ملاقات 1997ع ۾ ٿي. جنهن وقت هو قومي سياست ۾ متحرڪ ڪردار نڀائيندي پنهنجي ساٿين سميت سچل ڳوٺ جي تعمير ۽ ترقي لاءِ سماجي اڳواڻي پڻ ڪري رهيو هو. اڳتي هلي اسان سچل ڳوٺ جي ايڪشن ڪميٽي ۽ سچل ڳوٺ ڊولپميٽ ڪميٽي ۾ گڏجي ڪم ڪيوسين ۽ اجتمائي طور تي وڏيون ڪاميابيون ماڻيون سين.

خاص طور تي سچل ڳوٺ ۾ هن وقت جيڪي راندين جو ميدان/ عيدگاهه، پارڪ موجوده لائبريري، مسجد ۽ اسپتال واري زمين تي وڏو مٽيءَ جو دڙو هو، جنهن تي ڪجهه قبائلي سردارن ۽ پوليس جي ملي ڀڳت سان 99 /1998ع ۾ مٽي ڪٽائي، ان تي قبضو ڪيو تہ انهن سان مهاڏو اٽڪايوسين تہ تمام وڏا جهيڙا ٿيا، جنهن دوران عنايت ڪٽياڻ تي مختلف وقتن تي ٻہ ڪيس داخل ڪيا ويا، پر سندس گرفتاري ڪان اڳ ضمانتون ڪرايون ويون، پوءِ پارڪ تي سرڪاري ڪم ٿيڻ دوران ٽيون ڪيس داخل ڪري عنايت ڪٽياڻ ۽ گل محمد سومري کي پوليس وڏي اٿالي سان اچي يونين آفيس تان گرفتار بہ ڪري ويئي. ان وقت سچل ڳوٺ جون سڀ سياسي ۽ سماجي تنظيمون سچل ڳوٺ جي ايڪشن ڪميٽي ۽ سچل ڳوٺ ڊولپميٽ ڪميٽي ۾ گڏ هيون، جنهن ڪري ايس پي آفيس تي وڏو احتجاج ڪيو ويو ۽ سينئر دوستن جو وفد گورنر هائوس تي پهتو تہ گورنر صاحب ترت ايڪشن ورتو جنهن ڪري پوليس عنايت ۽ گل محمد کان معافي وٺي ساڳئي رات واپس سچل ڳوٺ پهچايو. سچل ڳوٺ جو مثالي دور هو. جنهن ۾ قومي ٻڌي جي طاقت سان فلاحي پلاٽ بچايا ويا.

عنايت ڪٽياڻ سان گڏ سائين زين شاهه جي اڳواڻي ۾ جيئي سنڌ محاذ ۾ گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. ان دوران بہ عنايت سان گهڻي هم آهنگي رهي. ان وقت آئون محاذ ضلعي اوڀر ڪراچي جو صدر ۽ عنايت ڪٽياڻ ڪراچي ڊويزن جو صدر هيو.

ان ڪانپوءِ جڏهن سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو بنياد پيو تہ آئون محاذ ڇڏي ايس يو پي ۾ شامل ٿيس ۽ ڪجهه عرصي بعد سائين زين شاهه سان گڏ عنايت بہ ايس يو پي ۾ شامل ٿيو. هڪ دفعو وري گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. SUP جي شروعاتي دور ۾ آئون ضلعي صدر ۽ عنايت ڊويزنل صدر رهيو ۽ پوءِ 2013ع کان 2019ع تائين آئون ڊويزنل صدر رهيس ۽ عنايت مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر رهيو. ان سڄي عرصي ۾ پارٽي جي سمورن پروگرامن ۾ هميشہ ٻانهن ٻيلي رهياسين.

آئون 2008ع، 2013ع ۽ 2018ع جي اليڪشن ۾ سچل ڳوٺ ڪراچي جي علائقي مان صوبائي سيٽ لاءِ پارٽي جي حڪم تي بيهندو رهيس. انهن ٽنهي اليڪشنن ۾ به عنايت ڪٽياڻ پاڻ ملهايو، هو ڏينهن رات گڏ مدد ۾ رهيو.

عنايت ڪٽياڻ تمام بهترين انسان، خلوص ڏيڻ وارو ماڻهو، يارن جو يار، خوش مذاج، ڪمٽمينٽ وارو، سٺو دوست آهي. منهنجو اڄ هن سان سياسي ۽ سماجي ڪمن سان گڏ ذاتي دوستي وارو تعلق به جڙي چڪو آهي. اڄ تائين سياسي ۽ سماجي طور تي به گڏ آهيون، عنايت هينئر به ڪراچي سوشل فورم (KSF) ۾ سينيئر نائب صدر جي حيثيت سان مون سميت سيد غلام شاهه، آصف بالادي، ڊاڪٽر حميد سبزوئي، محمد سچل وڏو، پنهل لاڙڪ ۽ ٻين دوستن سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي.

مانواري دوست عنايت ڪٽياڻ جي قومي سوچ هن کي سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي وڌائي ۽ هن 2001ع ۾ ”سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم“ جوڙي سنڌ جي تاريخ کي اجاگر ڪرڻ ۽ سهيڙڻ جو ڪم به شروع ڪيو، فورم پاران مختلف محققن کان ڪراچي جي مختلف آبادين ۾ ليڪچر ڪرايا ۽ ”سنڌ سپيتا“ جي نالي سان ٽماهي رسالو به ڪيندو رهيو، جيڪو ڪجهه سالن کان پوءِ ڪن مجبورين سبب بند ٿي ويو، پر سندس مضمون مختلف اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا آهن. سندس به ڪتاب پڻ ڇپجي چڪا آهن، هي سندس ٽيون ڪتاب آهي. هي سڀ مضمون ”روزاني ايڪتا“ ۾ ڇپيا آهن، جن کي گهڻو ساراهيو ويو هو، ۽ مون به پڙهندي محسوس ڪيو آهي ته عنايت هرهڪ ماڳ تي وڃي مشاهدو ڪري ٿو ۽ پوءِ باريڪ بينيءَ سان ڪتابن جو مطالعو ڪري مختلف ليکڪن جا حوالا ڏئي ماڳن جي تاريخ ۽ تحقيق کي گهڻي ڊريگهه کان پاسو ڪري مختصر ۽ پُر اثر سفرنامي طور دلچسپ ڪري لکي ٿو، جنهن ڪري پڙهندڙ بور نه ٿو ٿئي ۽ سندس پڙهڻ لاءِ دلچسپي وڌي ٿي ۽ ڪيس تاريخي معلومات سان گڏ ان ماڳ تي وڃڻ جو رستو ۽ پتو به معلوم ٿئي ٿو. هي ڪتاب 13 مضمون تي مشتمل آهي.

1. ديبل ڀنڀور 2. جهم ڪوٽ 3. حيدر آباد جو ڪچو قلعو، 4. نئون ڪوٽ 5. شهيد هوش محمد شيدي 6. حر تحريڪ 7. دولهه دريا خان جي اوطاق 8. وسڪاري ۾ ٿر جو سير 9. ڪارونجهر ۾ تاريخي ماڳ 10. ڪاسبو ۽ پوڏيسر تلاءَ 11. پارڪر ۽ پاري ننگر 12. مٺي ۾ منفرد مندر 13. تاريخ جو گلدستو ڪارونجهر بچايو.

ڪجهه وڏا مضمون آهن، جيڪي اخبار ۾ قسط وار ڇپيا، پهرين مضمون ڀنڀور/ ديبل، تفيصيلي تحقيق وارو آهي. ڇو ته هن لاءِ ليکڪن جا مختلف ۽ گهڻا رايا آهن، سين کي عنايت ڪٽياڻ وڏي محنت سان سهيڙي ڇيد ڪيو آهي، هن جديد تحقيق جون رپورٽون سين جي سامهون آڻي پنهنجي راءِ قائم ڪئي آهي. جنهن ڪري هي وڏو تحقيقي مضمون آهي. هن ۾ ڪافي ڪتابن جو وچور آهي. ٻيا به سڀ مضمون سنڌ جي سوين سالن جي تاريخ کي اجاگر ڪن ٿا. جن مان اڪثر ماڳن جي عام طور تي ڪا

سڃاڻپ ئي نہ ٿي سگھي آهي. عنايت تحقيق ڪري انهن جي اصليت ۽ اهميت جي ڄاڻ ڏئي ڌرتيءَ سان پنهنجو عشق نڀائي ٿو. دعاڳو آهيون تہ شال سدائين صحتمند رهي ۽ قومي جدوجهد سان گڏ سنڌ ڌرتي جي تاريخ کي اجاڳر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار نڀائيندو رهي.

**محبوب علي عباسي**
سي اي او
”ايڪتا“ ميڊيا گروپ

# پنهنجي پاران

اَلَستُ بِرَبڪُمۡ، جَڏهِ ڪَنِ پيَومِ،
قَالُو بَلَي' قَلِبَ سِين، تَڏهِ تِتِ چَيَومِ،
تِهين وَيرَ ڪِئُومِ، وَچَنُ وَيڙِيچَنِ سِين.
(شاهه لطيف)

مانوارا دوستو، ننڍپڻ کان ئي ويڙيچن ۽ وطن سان وچن تي وچڻ ڪري قومي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ئي زندگي جو اولين مقصد رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پنهنجي ڌرتي جي چپي چپي سان عشق آهي ۽ روح ۾ سنڌ جي سونهن، ثقافت ۽ تاريخ سمايل آهي. منهنجو مقصد سنڌ جي تاريخ کي عام ۽ خاص سان متعارف ڪرائڻ آهي ته جيئن سنڌي قوم ۾ پنهنجي تاريخي ورثي کي پرکي پروڙي ۽ پنهنجي تباهه ٿيندڙ تاريخي ماڳن کي بچائڻ لاءِ ڪوشش ڪري، ۽ ويران پيل ماڳن سان سندس دلچسپي وڌي ۽ اتي وڃي انهن ماڳن مڪانن کي ڏسي ته جيئن انهن جي مالڪي ٿي سگهي.

منهنجو هي ڪتاب به تاريخي ماڳن ۽ شخصيتن تي لکيل آهي. 2001ع کان سنڌ جي تاريخ بابت لکندو رهيو آهيان ۽ دوستن سان گڏجي ”سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم“ قائم ڪري ان پليٽ فارم تان سنڌ جي تاريخي ماڳن جا تحقيقي ٽوئر ڪيا آهن ۽ تاريخي ماڳن کي بچائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون آهن، جن ۾ ڪجهه ڪاميابي به حاصل ٿي آهي، ڪجهه وقت هن فورم پاران ٽماهي رسالو ”سنڌ سپيتا“ به ڇپرائي نوجوانن ۾ ورهايو ويو ۽ ليڪچر پروگرام به منعقد ڪيا ويا، جيڪو سلسلو ڪجهه سالن کان پوءِ مالي وسيلن جي کوٽ ۽ دوستن جي سستيءَ سبب انهن کي جاري نه رکي سگهياسين، اهو سلسلو وڌيڪ هلي نه سگهيو ۽ بند ٿي ويو، پر سنڌ جي تاريخي ماڳن تي وڃي موجوده صورت حال ۽ انهن جي تاريخي اهميت بابت، منهنجا مضمون اخبارن ۾ ڇپبا رهيا، جيڪو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. محدود وسيلن هوندي به سنڌ جي تاريخ کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهجو ڪم جاري رکيو آهي.  جيڪي مضمون اخبارن ۾ ڇپيل آهن، انهن کي ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪرڻ ۽ هر خاص و عام تائين تاريخي ڄاڻ پهچائڻ لاءِ انهن کي سهيڙي پهريون ڪتاب ”سنڌ سپيتا“ ڀاڱو پهريون 2017ع ۾ ”سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم“ پاران ڇپرائي پڌرو ڪيو، جنهن کي تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. 2019ع ۾ ان ڪتاب جو اردو ۾ ترجمو ڪرائي ”سنڌوتهذيب“ جي نالي سان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. ته جيئن اردو ڳالهائيندڙن ۽ پڙهندڙن کي به سنڌ جي تاريخ سان روشناس

ڪرائي سگهجي، ان ڪتاب کي به اردو ادب جي حلقن ۾ پسند ڪيو ويو ۽ تمام گهڻو ساراهيو ويو.

موجوده ڪتاب به پهرين ڪتاب جيان مختلف تاريخي ماڳن ۽ تاريخي شخصيتن تي لکيل مضمونن تي مشتمل آهي، هي سڀ مضمون ”روزاني ايڪتا“ اخبار ۾ ڇپيل آهن. ايڪتا ميڊيا گروپ پاران ايڪتا TV تي ڊجيٽل آرٽيڪل جي نالي سان لکيل هنن مضمونن جون وڊيوز ناهي هلايون ويون آهن، انهن کي پڻ گهڻو سارهيو ويو ۽ اهي ويڊيوز يو ٽيوب تان هزارن جي تعداد ۾ شيئر ٿيون.

هن ڪتاب ۾ سڀ نوان مضمون آهن، پر پهرين ڪتاب جيان هن ۾ به سڀ مضمون لاڙ پرڳڻي جي تاريخي ماڳن ۽ ٿرپارڪر جي خوبصورت تاريخي ماڳن متعلق لکيل آهن. انڪري هن ڪتاب کي به ساڳيو نالو ”سنڌ سپيتا (پانڳو ٻيو)“ ڏنو وڃي ٿو.

آئون سمجهان ٿو ته تاريخ بابت لکڻ تمام ڏکيو ۽ ذميواري وارو ڪم آهي، تاريخي ماڳن تي وڃي انهن جي موجوده صورتحال کي ڏسڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ لاءِ گرمين ۽ سردين ۾ ڏينهن جون رولاڪيون ڪرڻ کان پوءِ تحقيق لاءِ تاريخ جا مختلف ڪتاب خريد ڪري ۽ انهن وڏن ڪتابن کي پڙهي ان ماڳ بابت تاريخن جا حوالا ڳولهي لکڻا پون ٿا. جنهن لاءِ راتين جا اوجاڳا به ڪرڻا پون ٿا. آئون هر ماڳ متعلق پهريان پڙهندو آهيان، پوءِ ان ماڳ تي وڃي ڏسندو آهيان ۽ اتي جي مقامي ماڻهن جي راءِ حاصل ڪندو آهيان، جنهن لاءِ ڪجهه ماڳن تي ته بار بار به وڃڻو پيو آهي. پوءِ انهن جي راءِ ۽ مشاهدي کي نظر ۾ رکي، ان ماڳ بابت ناياب ڪتابن کي ٻيهر پڙهي پوءِ لکندو آهيان، جنهن ۾ مختلف ليکڪن جا مختلف رايا سامهون رکي انهن جا حوالا لکي پوءِ پنهجي راءِ ۽ ويچار به پڑهندڙن لاءِ مختصر ۽ جامع جي اصول تي پيش ڪيان ٿو، جنهن لاءِ ڪوشش ڪندو آهيان ته ساڳين ڳالهين جو ورجاءُ ۽ اجائي ڊگهي تمهيد نه هجي، پر تاريخي ماڳن بابت اهم معلومات پڙهندڙن تائين ضرور پهچي. اميد آهي ته منهنجو هي ذهني ۽ جسماني پگهر جو پورهيو اوهان کي پسند ايندو ۽ اوهان جي تاريخ بابت ڄاڻ ۾ ضرور اضافو ڪندو ۽ اوهان جي سير تفريح لاءِ به لاڀائتو ثابت ٿيندو.

قومي تحريڪ سينئر سياسي اڳواڻ ۽ تاريخ جي عالم سيد غلام شاهه پنهنجي مصروفيتن مان وقت ڪڍي هن ڪتاب لاءِ تفصيلي مهاڳ لکيو آهي، جنهن لاءِ سائين جن جو انتهائي ٿورائتو آهيان. قومي تحريڪ جي ڪيترن اڳواڻن جي نظرياتي استاد محترم آصف بالادي صاحب ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي مون ۽ منهنجي لکڻين بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري مون کي مان بخشيو آهي، جنهن لاءِ سندس نهايت احسان مند آهيان.

ايڪتا ميڊيا گروپ جي سرواڻ مانواري دوست محبوب علي عباسيءَ جو ٿورائتو آهيان، جنهن منهنجي هن قلمي پورهئي بابت ۽ منهنجي سياسي سماجي خدمتن متعلق پنهنجا ويچار قلمبند ڪري پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو آهي.

ٿورائتو آهيان محبتي انسان، مرڪ پبليڪيشن جي مالڪ مرتضا لغاري جو جنهن محنت ۽ محبت سان هي ڪتاب ڇپرائي پڌرو ڪيو. اوهان سڀن پڙهندڙن جا لک لائق جو منهنجي قلمي پورهئي کي پڙهڻ جو مان بخشيو تا ۽ پنهنجيون هي ٻه سٽون اوهان جي نظر ڪيان ٿو.

سونهن سنڌ لاءِ لکان ٿو هڪ قلمڪار آهيان،
ڌرتيءَ جي دنگن جو محافظ ۽ سالار آهيان.

**عنايت ڪنڀر**

**چيئرمين**

**سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم**



# سنڌ سپيتا

# ديبل / ڀنڀور




ڀنڀور جي قلعي جي آثارن تي گذريل چاليهن سالن کان ويندو رهيو آهيان. پهريان تفريحي طور بعد ۾ تحقيقي طور ويندو رهيو آهيان. اڄ ڏينهن کان اڳ هن قلعي بابت ڪجهه لکيو نه آهي جنهن جو سبب هن اهم تاريخي ماڳ جنهن ڪي تاريخ جي محققن ۽ سرڪاري رپورٽن ديبل جو قلعو ڄاڻايو آهي، جنهن ڪي محمد بن قاسم فتح ڪيو هو. ٻئي طرف ڪجهه تاريخ جي محققن جو خيال آهي ته ديبل جو قلعو هن وقت سمنڊ اندر اچي ويو آهي، ان ڪري وڏي مونجهاري واري صورتحال آهي، جنهن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪجهه مکيه رايا ۽ ڀنڀور جي قلعي جي موجوده آثارن جو احوال اوهان جي سامهون رکجي ٿو.

ڪراچيءَ کان ٺٽي ويندي ڌابيجي شهر کان سڄي هٿ تي آثار قديمه جي بورڊ سان گڏ هڪ ننڍو روڊ نڪري ٿو جنهن تي پنجن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ڀنڀور جي قلعي جا آثار آهن. هن قلعي مان هٿ آيل نوادرات ۽ قلعي جي اندر ٺيل ڪوٺائي مان مليل مختلف دورن جي تهذيبن بابت معلومات کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هتي هڪ سٺو معياري ميوزم پڻ ٺهيل آهي، جنهن جي گيلرين ۾ نوادرات، تصويرون ۽ ماڊل رکيل آهن. سرڪاري گائيڊ به مقرر ٿيل آهن جيڪي هتي ايندڙ سياحن کي هن قلعي جي تاريخ بابت ڄاڻ ڏين ٿا ۽ سياحن جي سهولت لاءِ ريسٽ هائوس ۽ ريسٽورنٽ به موجود آهي. جن کان اڳتي هلي مٿاهين تي قلعي جا آثار آهن.

هي قلعو هڪ ٽڪريءَ تي آهي. قلعي جي ٻاهرين ديوارين جي آثارن کان قلعي جي اندر وارو حصو ڪيئي فوٽ اونچو آهي. ايراضي ۾ به وڏو قلعو آهي. قلعي اندر اتر

ڪان ڏکڻ هڪ ٻي مضبوط ديوارآهي، جيڪا قلعي کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي ۽ اوپر واري حصي کي وڌيڪ محفوظ ڪري ٿي. ٻاهرين ديوارن ۽ اندرين ديوار کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اڌ گول جي شڪل وارا 56 شاندار مضبوط مورچا آهن. هن قلعي جو مُک دروازو ڏکڻ طرف آهي، جنهن طرف اوائلي سنڌو درياهہ جو وڏو ڇوڙ هو، جنهن رستي سمنڊ کان ٻيڙا ديبل جي بندر تي ايندا هئا ۽ پوءِ هتان کان اروڙ ۽ ملتان تائين دنيا جو واپار هلندو هو. هن وقت ان درياهہ واري وهڪري ۾ سمنڊ جو کارو پاڻي صبح مهل مٿاهين تي وهي اچي ٿو ۽ منجهند کان پوءِ وري واپس سمنڊ ڏي موٽي وڃي ٿو. هن وهڪري کي گهارو ڪريڪ چيو وڃي ٿو. قلعي کي ٻيو وڏو دروازو اتر ۾ آهي جنهن جي ٻاهران ديبل جو صنعتي علائقو هو، جيڪو هاڻي وڏو ميدان آهي. ان جي کوٽائيءَ مان اوائلي ڪارخانا ظاهر ٿيا آهن ۽ هاٿيءَ جي عاج مان مختلف شيون ٺاهڻ جو ڪارخانو سال کن اڳ ظاهر ٿيو آهي، جنهن مان ڪيئي ٽن عاج بہ مليو آهي ۽ هن پاسي کان سرڪاري ميوزم ۽ ريسٽ هائوس بہ نهيل آهي. ٽيون دروازو اوپر پاسي آهي جنهن طرف ڍنڍ هوندي هئي ۽ انهن دروازن رستي ڍنڍ مان پاڻي پيري جانورن تي ڍوئي قلعي اندر پهچايو ويندو هو.

ڀنڀور جي کنڊرن جي کوٽائي سڀ کان پهرين مجمدار صاحب 1929ع ۾ڪرائي. انهيءَ مختصر کوٽائيءَ ۾ عرب دور جا سڪا ۽ ڪاشيءَ جا ٿانو مليا. ان کان پوءِ ٻيو پيرو کوٽائي مسٽر الڪاڪ 1951ع ۾ڪرائي جنهن جي نتيجي ۾ هن کي عرب دور جو شهر چيو ويو. ان کان پوءِ ٽيهر 1958ع کان 1965ع تائين پاڪستان آرڪيالاجي کاتي پاران ايف اي خان جي اڳواڻيءَ ۾ کوٽائي ٿي جنهن جي سائنسي بنيادن تحت ڇڪاس جي نتيجي ۾ ٻڌايو ويو تہ گهرائيءَ ۾ ٿيل کوٽائي ۾ مختلف دورن جي تاريخ ۽ تهذيب ملي آهي جيڪا ترتيبوار هيٺن آهي تہ مٿي کان هيٺ پهرين تهہ ڏهين ٻارهين صدي عيسوي عرب عباسي دور جو تهہ آهي جنهن ۾ ان دور جا ڪاشي ۽ چينيءَ جا ٿانوَ ملن ٿا.

ٻيو تهہ ابتدائي عباسي دور (892 -750ع) جو آهي، جنهن ۾ قلعي جي مرمت ٿي ۽ چمڪندڙ ڪاشيءَ جو رواج پيو. عباسين جي ٻنهي دورن جي تهن مان وڏي تعداد ۾ سڪا بہ مليا آهن.

ٽيون تهہ اُميہ دور (750ع — 711ع) بابت آهي. هن دور ۾ شامي طرز جي قلعي جي پٽ جي اڏاوت ۽ ڀنڀور جي مسجد مان ڪوفي رسم الخط وارا 14 ڪتبا مليا ۽ اميہ دور جا سفيد ٿانوَ بہ مليا جيڪي شام مان آندا ويا هئا.

چوٿين تهہ مان هندو ۽ ٻڌ دور جا نشان مليا آهن جنهن ۾ شِو مندر ۽ شولنگ گهڻي تعداد ۾مليا آهن.

پنجين تهہ مان ساساني دور جي پنجين صدي عيسويءَ جا آثار مليا آهن، جڏهن ساسانين مڪران کان ديبل تائين سنڌ جو حصو فتح ڪيو هو.
ڇهين تهہ مان ستيون پارسي دور جون نشانيون مِلن ٿيون ان دور جا ٽانو پوري لسي سطح جا ٺڪر جا ٽانوَ آهن جيڪي يوناني ٽانوَن جهڙا آهن، جيڪي ٽيڪسيلا مان بن مليا آهن. (صفحو 457 ڪتاب "سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا" ڀاڱو 2، اشتياق انصاري).
ڊاڪٽر ايف اي خان متين تهن جي وچور سان گڏ ڀنڀور واري قلعي جي وڏي پئماني تي ٿيل کوٽائين جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيل نشانن جي تحقيق سائنسي بنياد تي ڪري ٻڌايو تہ ڀنڀور ساڳيوئي ديبل جو بندر وارو قلعو آهي، جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو هو. هن راءِ سان سنڌ جا مشهور محقق بہ متفق آهن جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ بہ ڊاڪٽر ايف اي خان سان متفق آهي.
ڪجهہ ٻين محققن ۽ اديبن جو خيال آهي تہ ڀنڀور هڪ الڳ ٻيو شهر آهي، هي ديبل نہ آهي. ديبل ڪٿي آهي؟ ان لاءِ انهن جا رايا مختلف آهن جنهن لاءِ دليل بہ مختلف ۽ اندازن تي مبني آهن. جيئن چيو وڃي ٿو تہ برهمڻ آباد کان هيٺرن ڏينهن جي مسافريءَ تي ديبل هو. ڪنهن جو خيال آهي تہ نيروڪوٽ کان هيٺرين منزلن جي مسافريءَ تي ديبل بندر هو. هڪ راءِ اها بہ آهي تہ ديبل جي قلعي جا آثار سمنڊ اندر رڙهي ٻيٽ تي آهن جتي پهرين خشڪي هئي، پوءِ گذريل سالن ۾ سمنڊ زمين کي ڪٽيندي اڳتي وڌي آيو آهي، ديبل قلعي واري زمين ٻيٽ بڻجي وئي آهي.
ولي محمد طاهر زادو ڪتاب "ڀنڀور ۽ ديبل" (انٽرنيشنل سيمينار 1983ع) جي صفحي 60 تي لکي ٿو تہ ڀنڀور در اصل پراڻو ديبل آهي، عربن جي سنڌ تي حڪومت جي پهرين صدي پوري ٿيڻ تي ديبل تي ڦهاري ڪرپ ڪريو، ان پون ديبل کي دٻي ڇڏيو. ڪي مئا، ڪي بچيا، ڪي رنا، ڪي پليا، ڪي ڪيڏانهن ويا ڪي ڪيڏانهن ويا؛ ديبل اوندهہ انڌوڪار ٿي ويو. عباسي خليفن جي دور ۾ ديبل زمين دوز ٿي چڪو هو، ان کان پوءِ ماڻهو چوندا هئا تہ "ڀنڀاڙ" يا پون پوڙ ٿي ويو يعني زلزلي هيٺ اچي ويو. ان پون پوڙ کي وري ٻيهر آباد ڪرڻ کان پوءِ عوامي زبان ۾ پون پور ۽ اڄ صدي گذرڻ کان پوءِ ڀنڀور سڏيو ويو جيڪو سسئي ۽ پنهونءَ جي عشق سان وڌيڪ مشهور ٿيو. (سسئي پنهونءَ جو واقعو سومرا دور جي آخري ڏينهن ۾ ٿيو).
موجوده وقت ۾ ڪراچي کان ٺٽي ويندڙ نيشنل هاءِ وي تي ڪراچيءَ جي آخري چيڙي گهگهر پل کان 20-15 منٽن جي ڊرائيو تي شاهراهہ جي ساڄي هٿ تي آثار قديمہ ڀنڀور جو بورڊ نظر اچي ٿو ۽ ان سان ئي گڏ هڪ پڪو روڊ نڪري ٿو جيڪو پنجن ڪلوميٽر کان پوءِ بہ موڙ ڪاٽي ڀنڀور جي آرڪيالاجي سائيٽ جي در تي پهچي ٿو، جتي انٽري ٽڪيٽ حاصل ڪري اندر وڃبو تہ ساڄي هٿ تي وڏو خوبصورت پارڪ ۽ ان جي پريان آخر ۾ ريسٽورنٽ ۽ آسائشي ڪمرا آهن. ٻئي پاسي رستي جي کٻي هٿ تي

خوبصورت ميوزم نهيل آهي جنهن جي هڪ وڏي هال جي شوڪيس ۾ ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان ظاهر ٿيل مختلف دورن جا تاريخي نوادرات موجود آهن.

ڪجهه ڏينهن پهريان ڀنڀور تي ديبل جي طلسماتي تاريخ ڇڪ ڪئي ته پياري دوست منظور ڪلهوڙي سان صلاح ۽ سنگت ڪري وڃي ڀنڀور جي ڀونءِ تي پهتاسين. آچر جو ڏينهن هو ان ڪري ڪافي تعداد ۾ سياح تفريح لاءِ آيل هئا ۽ سنئي رونق نظر پئي آئي. جڏهن ته عام ڏينهن ۾ اتي مختصر ماڻهو نظر ايندا آهن. ميوزم جو جائزو وٺڻ کان پوءِ قلعي ڏانهن رخ ڪيوسين جنهن تي ڪجهه فوٽوگرافي ڪري واپس اچي ڀنڀور جي ڀاهران ڳوٺن ۾ وڃي اتي جي مقامي ماڻهن سان ڀنڀور بابت ڪچهري ڪري راءِ ورتي ۽ قلعي جي اوڀر واري ڍنڍ کان پريان هڪ ننڍي ٽڪري آهي، جتي هڪ ننڍو قديمي قبرستان آهي، اتي هڪ بزرگ نور شاهه جي قبر به آهي جنهن ڪري هن کي نور شاهه جي ٻُني سڏيو وڃي ٿو. اتي به وياسين. رستو ڪچو ۽ ڪافي ڏکيو هو، جنهن کان پوءِ به گاڏي ڍنڍ ڪناري بيهاري اڌ ڪلوميٽر کن هلڪي وهندڙ پاڻيءَ ۾ پيل پٿرن مٿان پنڌ ڪري اهو ننڍو وهڪرو پار ڪري نور شاهه جي ٻنيءَ تي مٿي چڙهي وياسين. پنڌ ڏکيو هو پر ٽڪريءَ جي اوچائي تي پهچي نور شاهه سميت سين لاءِ فاتحه پڙهي سون. هتي وڏي وڻڪاري آهي جنهن کان هڪ پاسي ڀنڀور قلعي جي اوڀارين ديوار ۽ مورچن جو مڪمل نظارو پسي سگهجي ٿو جيڪو تمام دلڪش نظر اچي ٿو.

نور شاهه جي ٻني ۽ قلعي وچ ۾ اوائلي ڍنڍ جي هيناهين زمين آهي، جيڪا هاڻي به برساتي پاڻيءَ جي ڊورن ۽ ساوڪ سان ڀري پئي آهي.

ڀنڀور جي ڀرپاسي وارن ڳوٺن ۾ وڃي مقامي ماڻهن سان ڪچهريون ڪيون سين جيڪي سڀ ڀنڀور ۽ سسئيءَ جي داستان سان گڏ ڀنڀور کي ديبل سڏين ٿا ۽ هنن جي چوڻ مطابق محمد بن قاسم هي قلعو فتح ڪيو هو، جيڪو بعد ۾ زلزلي جي ڪري تباهه ٿي ويو ۽ پوءِ ڀنڀور جي نالي سان مشهور ٿيو جنهن جو خاص سبب سسئيءَ جو داستان آهي.

ديبل ۽ ڀنڀور جي تاريخ کي سمجهڻ لاءِ مختلف ڪتابن جا حوالا اوهان جي سامهون رکجن ٿا جن جو جائزو وٺي حقيقت کي سمجهي ۽ پروڙي سگهجي ٿو.

* ديبل اصل سنسڪرت ٻوليءَ جي ديول ٻول تان ورتل آهي ۽ ديول جي معنيٰ آهي مندر (ٽيمپل). ديبل ڪراچي کان 37 ميل پري ڀنڀور جي هنڌ تي قديم بندرگاهه آهي. مسلمانن هندوستان ۾ سڀ کان پهريان ان ئي بندرگاهه تي پنهنجو جهنڊو ڦڙڪايو. هتي هندن جا مندر گهڻا هئا ۽ هو هن شهر کي ديول چوندا هئا. 1912ع جي کوٽائيءَ ۾ هتي اهڙا آثار مليا آهن، جيڪي اسلامي دور سان تعلق رکن ٿا. اهو به امڪان آهي ته، ديبل بندر، سنڌو درياءَ جي بگهاڙ واري وهڪري تي هجي جيڪو ان وقت سنڌو نديءَ جو

مرڪزي وهڪرو هو. اها ڳالهه هيملٽن 1699ع ۾ چئي هئي. انهن ڏينهن ۾ ديبلي يا ديبل وارو وهڪرو لاڙي بندر تائين ويندو هو، جيڪو پير پٺو جي ڏکڻ اولهه ۾ هو. ديبل، سنڌ جي قديم ۽ مشهور واپاري بندرگاهه هئي. ديبل ڪي چوگرد قلعو هو. فتح نامي مان هن شهر جي قدامت جو احوال ملي ٿو. ڇهين صدي عيسويءَ کان وني تقريبن تيرهين عيسوي صدي جي اڌ تائين ديبل بندر زبون حالت ۾ سنڌ پرڳڻي ۾ قائم هو. ڏهين صديءَ ۾ جيئن سنڌ اندر عرب دور اقتدار جو زور هوريان هوريان ختم ٿي ويو، تيئن سندن طاقت ۽ واپار جي مرڪز ديبل جي اهميت پڻ گهٽجي ويئي. سنڌو درياءَ جي موج ۽ مستين ڪري هڪ ٻئي نئين بندرگاهه جنم ورتو، جيڪو ”لوهاراني“ جي نالي سان مشهور ٿيو. هن نئين بندرگاهه جي اسرڻ ڪري پڻ قديم بندر ديبل جو اوج گهٽ ٿي ويو. سن 1334ع ۾ جڏهن ابن بطوطه (Ibn-e-Batoota) سنڌ ۾ آيو ته هن ”لاهري“ بندر (Laahiri Bandar) ڪي وڏي اوج تي ڏٺو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ديبل بندر اٽڪل ڇهه سؤ ورهيه سنڌ جو مکيه بندر ٿي رهيو ۽ ان سان سنڌ جي سياسي ۽ اقتصادي تاريخ جو لاڳاپو هو. (وڪيپيڊيا).

** ڪن تاريخن موجب هن شهر کي ديبل به سڏيو ويو آهي، پر تاريخدانن وٽان اڄ تائين ان ڳالهه جو تسلي بخش يا طئي ٿيل جواب نه ملي سگهيو آهي ته اهو شهر واقعي ڪنهن دور ۾ ديبل به هو يا نه. چچ نامو جي جلد 2 موجب جتي هن وقت ميرپور ساڪرو ۽ گهوڙا باري تعلقا آهن، اتي هڪڙي قديم هندو رياست هئي، جيڪا محمد بن قاسم کي جزيه ڀري ڏيڍ سان قائم رهندي آئي. انهيءَ رياست جو مشهور حاڪم راجا پنيو راءِ هو، جنهن پنيور جو شهر پنهنجي نالي پنيان ٻڌايو هو. پنيور شهر خليفي هارون رشيد عباسيءَ جي خلافت وارن ڏينهن ۾، سن 171 هه (سنه 787ع) ۾ زمين ڏٻڻ ڪري ناس ٿي ويو.

حوالو: ڪتاب ”تاريخ سنڌ“ پنج ڀاڱا گڏ. مصنف: مولوي نور محمد نظاماڻي، عبدالغني عبدالله، محمد صديق ”مسافر“، ڇاپو: پهريون 2006ع، ڇپيندڙ مهراڻ اڪيڊمي.

** ڦٽل شهر جي حالت ڏسڻ مان ثابت ٿئي ٿو، ته پنيور تمام وڏو ۽ وسندڙ شهر، سنڌو نديءَ جي هڪڙيءَ شاخ تي بندر هو.

(حوالو(1) ڪتاب: ”ايليٽ صاحب جي تاريخ هندستان“، جلد پهريون.)

(حوالو (2) ڪتاب: ”تاريخ سنڌ“ (پنج ڀاڱا گڏ) مصنف: مولوي نور محمد نظاماڻي، عبدالغني عبدالله، محمد صديق ”مسافر“، ڇاپو پهريون 2006ع، ڇپيندڙ مهراڻ اڪيڊمي.

** مرزا قليچ بيگ لکيو آهي ته پنيور هڪڙو جهونو شهر ڦٽل گهاري جي ڪناري تي اتر پاسي آهي، جو ميرپور ساڪري تعلقي ۾ آهي. هڪڙو ڦٽل قلعو به آهي. شڪ ناهي ته سڪندر بادشاهه جي ڏينهن ۾ سندس سردار جهازن تي درياهه جي رستي اتي آيو هو. شايد قديم ديبل بندر به اتي هو، جنهن تي محمد بن قاسم ثقفي ڪاهه ڪئي هئي.

هيءُ شهر بہ زمين ڏبڻ ڪري ناس ٿيو، جيئن برهمڻ آباد ٿيو هو. سسئي پنهونءَ جي قصي ۾ جو ڀنڀور چيل آهي، سو بہ اهو آهي، جنهن ۾ اهو ڏوٻي رهندو هو، جنهن وٽ سسئي پلجي وڏي ٿي هئي.

(حوالو: ”قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو“. مصنف: مرزا قليچ بيگ، ڇاپو: چوٿون 1999ع، ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.)

** اميرالبحر اسڪائلس (517-514 ق.م) جي پشاور ڪان سنڌو درياءَ جي منهن تائين سامونڊي سفر ۽ اُتان ڪان ڳاڙهي سمنڊ جي سري تائين سامونڊي سفر، سڪندر جي اميرالبحر (525-524 ق.م) جو ڀٽالا ڪان فرات درياءَ تائين سفر، مصر جي بادشاهہ ٽالمي I سارٽر (3177-285 ق.م) جي فرعون نيڪو II جي واهہ کي ٻيهر جاري ڪري نيل نديءَ کي ڳاڙهي سمنڊ سان ڳنڍڻ ۽ سندس زماني جي جهازران فلپ جي ڳاڙهي سمنڊ ۾ جاچ ڪرڻ، ٽالمي II فلاڊيلفس جي طرفان آرسنس ۽ برنس جا بندر نهرائڻ ۽ ٽالمي III يوريجيٽس II (246-1777 II ق.م) جي حڪم مطابق يوڊڪسز جي مصر ڪان نڊي ڪنڊ تائين سفر ڪرڻ جي ڪري، يوناني سلطنت ٽوڙي اڀرندڙ رومي سلطنت جا واپاري ناتا نڊي ڪنڊ سان شروع ٿي ويا. جيئن تہ جهازن کي سمنڊ جي ڪناري سان لڳ سفر ڪرڻو پوندو هو، تنهن ڪري نڊي ڪنڊ جي ويجهي ۾ ويجهو بندر باربريڪان (ڀنڀور) ترقي ڪري سڄي ايشيا جي واپاري شين جو هڪ تمام اهم تجارتي گذرگاهہ ٿي پيو، جتي وچ ايشيا، چين (سنڪيانگ جي رستي) ۽ اتر- اولهہ نڊي ڪنڊ مان سامان جا ڀريل جهاز اچي لنگر هڻندا هئا. گنگا نديءَ جي ماٿر مان پڻ تجارتي سامان خشڪيءَ رستي ستلج نديءَ مان پار ڪري جهازن ۾ سنڌو درياءَ جي رستي باربريڪان ڏانهن آندو ويندو هو، باربريڪان ۾ گرم مصالحو ملبار بندر تان آندو ويندو هو، جتي ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو رهندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو ان شهر کي پرديسين جو شهر سڏيو ويندو هو، جيئن ان جي نالي مان ظاهر ٿئي ٿو. ان زماني ۾ سنڪيانگ جو شهر ڪوٽان (Khotan) خاص ڪري چيني ريشمي ڪپڙي جو هڪ اهم تجارتي مرڪز ٿي پيو هو. ڪوٽان مان واپاري سامان بڪٽيريا (بلخ) اُماڻبو هو، جتان اهو اليگزينڊرو پولس (قنڌار) مان ٿيندو، خشڪيءَ رستي باربريڪان ايندو هو. اهو رستو سنڌ جي ڪاڇي مان ٿي جهانگارا ڪان جبل جو رستو وٺي جهمپير رستي ڀنڀور تائين رائج هو.

(حوالو: ”رسالو مهراڻ رني ڪوٽ نمبر“ 2006ع، مضمون وسيع ترين ۽ دنيا جو قديم ترين قلعو راڻي ڪوٽ، ليکڪ: ايم.ايچ. پنهور، ڇپيندڙ سنڌي ادبي بورڊ.)

** ميڪمرڊو لکي ٿو گهاري واري وهڪري، جنهن تي ڀنڀور آباد هو، اهو سُڪي وڃڻ ڪان پهرين جهاز هلائڻ جي لائق نہ رهيو هو. 1250 تائين ڀنڀور ۽ ديبل ويران ٿي چڪا هئا ڇو جو سنڌو درياءَ جي لَٽَ ان کي پري ڇڏيو هو. جڏهن 1336 ۾ ابن بطوطہ

لاڙي بندر ڏسڻ آيو ته اهو هڪ وڏو بندر هو، جيڪو ديبل جي ويران ٿيڻ کان پوءِ آباد ٿيو هو.

(حوالو: پير پنو ڪي وادي: موجون سي ميلون تڪ)

تاريخي ڪتابن مطابق ديبل جو زوال تيرهين صدي عيسويءَ ۾ ٿيو. هن شهر جي تباهيءَ جا ٻه سبب بيان ڪيا ويا آهن. هڪ سبب درياهه جو رخ مٽائڻ ۽ ٻيو اهو ته انهيءَ زماني ۾ هتي تمام وڏي لشڪر ڪشي ٿي، جنهن جا نشان ڀنڀور جي کنڊرن مان ملن ٿا. ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان کوڙ انساني ڍانچا بي ترتيب پيل مليا آهن، ان ڪانسواءِ سڙيل عمارتون ڪوئلن جا ٿهه ٻه ڪنهن وڏي حملي، ڦرلٽ ۽ غارت گريءَ کان پوءِ ڏنل باهه ڏانهن اشارو ڪن ٿا. هينري ڪزنس ۽ ڪننگهم لکن ٿا ته ڀنڀور 1250ع ڌاري تباهه ٿيو. هتي منهنجي سمجهه مطابق راءِ جڙي ٿي ته شهر تي حملو ۽ ڦرلٽ لازماً وسندڙ ۽ آباد شهر تي ئي ٿي هوندي ۽ پوءِ زلزلي ۾ شهر دٻجي ملياميٽ ٿي ويو هوندو، چو ته زلزلي ۾ دٻجي ويل شهر تي حملو ڪري ڪهڙي ڦرلٽ ٿي سگهي ٿي ۽ انساني لاشن جا بي ترتيب ڍانچا ٻه حملي کان پوءِ شهر ۾ رهندڙن جا ئي ٿي سگهن ٿا ڇاڪاڻ ته حملي جي خبر ته پهرين ٻه پئجي سگهي ٿي پر قدرتي آفت زلزلو ته اوچتو ئي ايندو جنهن ڪري جيڪو جتي هوندو اهو اتي ئي دٻجي ويو هوندو.

** جيتوڻيڪ ديبل تباهه ۽ برباد ٿي ويو، پر سنڌ وارن نئين بندرگاهه کي ٻه ديبل ئي سڏيو، ڇاڪاڻ ته گذريل ڇهه سو ورهين جي عرصي ۾ ”بندر“ ۽ ”ديبل“ جا لفظ لازم ملزوم بڻجي ويا هئا. پوئين زماني جي تاريخ هن عام رواج جي تصديق ڪري ٿي. سورهين عيسوي صديءَ ۾ پورچوگيزن هن ساڳئي لاهري بندر کي لاهري بندر، دربل، ديوئل ۽ ديوئلسند ڪري لکيو آهي. ابوالفضل آئين اڪبريءَ ۾ ٺٽي کي ديبل سڏيو آهي. مير معصوم لاهري بندر خواهه ٺٽي کي ”ديبل بندر“ ڪري لکيو آهي.

(حوالو: نزهة الخواطر ص35، ڇاپو حيدرآباد دکن.)

** انهن احوالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اصل ۾ ديبل، جنهن کي بن قاسم فتح ڪيو هو، اهو زماني جي انقلابن ڪارڻ تباهه و برباد ٿي ويو، تڏهن ٻه ان جو اهو نالو هلندو رهيو ۽ پوءِ لوهاراني يا لاهري بندر خواهه ٺٽي کي ديبل بندر سڏڻ لڳا. سنڌ جو مشهور تذڪري نگار مير علي شير قانع تحفة الڪرام ۾ لاهري بندر کي پراڻو ديبل سڏي ٿو. ساڳيءَ طرح بگهاڙ شاخ تي هڪ بندرگاهه کي ٻه ديبل ڪري سڏيو ويو آهي. اتي دفن ٿيل شيخ حسين عرف پير پٺي کي ديبلي ڪري سڏيو آهي.

(حوالو: مخدوم امير احمد ”تاريخ معصومي“ (سنڌي ترجمو)، سنڌي ادبي بورڊ، دفعو اول 1953ع، ص6.)

** محقق بيرونيءَ جو چوڻ آهي ته ديبل هڪ سامونڊي بندر هو ۽ لوهاراني کان ايرندي ڏانهن سنڌو نديءَ جي شاخ جو هڪ بندر هو.

(حوالو: البيروني، ڪتاب الهند، ص102)

** ان ڪري پاٽنجر ۽ ڪيننگهام لاهري بندر کي اصلي ديبل سمجهن ٿا. رچرڊ برٽن، ڪئپٽن مئڪمرڊو، دلاروشي، رينيل ڊبليو، همئلٽن ۽ هينري ڪزنس وري ٺٽي کي قديم ديبل ڪري لکن ٿا، جيڪا ڳالهه بي بنياد لڳي ٿي. ايليٽ صاحب ڪراچيءَ کي ديبل ٺهرايو آهي. پر ٻئي پاسي ڪجهه ٻين محققن جو خيال آهي ته ڪراچي بندر طور سن 1729ع ڌاري ڪتب اچڻ شروع ٿيو هو، تنهن ڪري ڪراچيءَ جي ديبل بندر هئڻ واري ڳالهه تي وڌيڪ تحقيق ٿيڻ گهرجي. آرميني جاگرافيدان ۽ تاريخ نويس موسيٰ خوريني (Mosses Chorenazi) چوٿين يا پنجين عيسويءَ ۾ جاگرافيءَ بابت هڪ ڪتاب لکيو. ايراني حڪومت ساسانيءَ جي سياسي ورهاست جو ذڪر ڪندي هن ڏاکڻين ضلعن ۾ مڪوران (مڪران) ۽ سنڌ سان گڏ "دي بول" جو ذڪر ڪيو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو، ته "ديبل" جي نالي سان ٻه بندر هئا: هڪ دريائي بندر ۽ ٻيو سامونڊي ۽ ٻئي هڪ ئي نالي سان سڏبا هئا. ان مان اهو به واضح ٿئي ٿو ته ديبل شهر به هو، ته علائقو به. چيني سياح ڪياتان جاگرافيدان ۽ سياح ڪئنٽن کان ايراني نار تائين جڳهن ۽ بندرن جا نالا ڄاڻايا آهن. هن "تي يو" جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ وڏو درياهه "مي لان" آهي. ائين ٿو معلوم ٿئي"مي لان" "مهراڻ"جو چيني اچار آهي ۽ "تي يو" "دي بول" جو چيني اچار آهي.

(حوالو: "سنڌ سياحن جي نظر ۾"، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (قسط 1)؛ رسالو، مهراڻ؛ 1991جلد 1 ڇپيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ.)

** سنڌ جي مشهور بندرگاهه ديبل بابت بشاري مقدسي پنهنجي ڪتاب احسن التقاسيم ۾ لکي ٿو: "سامونڊي ڪناري تي واقع آهي. ان جي چوڌاري لڳ ڀڳ سؤ ڳوٺ آهن، جن جي آبادي گهڻو ڪري هندو آهي. سمنڊ جون لهرون شهر جي فصيل سان اچي ٽڪرائجن ٿيون. سمورا رهاڪو واپاري آهن. سنڌي ۽ عربي ڳالهائي وڃي ٿي. هي سنڌ جو بندرگاهه آهي. حڪومت کي ان مان تمام گهڻي آمدني ٿئي ٿي. ان جي لڳ مهراڻ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. ماڻهو سليقي وارا ۽ خوش آهن.

(حوالو: "سنڌ سياحن جي نظر ۾"، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (قسط 1)، رسالو:مهراڻ؛ 1991جلد 1 ڇپيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ)

** ديبل جي جاءِ جو نالو قديم دور ۾ پهرين آرميني تاريخ نويس ۽ جاگرافيءَ جي ماهر موسيٰ خوريني (Moses Chorenaz) جي جاگرافيءَ بابت لکيل هڪ رسالي ۾ ملي ٿو، جيڪو چوٿين يا پنجين صدي عيسويءَ ۾ تي گذريو آهي. ساساني حڪومت جي سياسي ورهاست جو بيان ڪندي هن ڏاکڻين ضلعن ۾ 'مڪوران' (مڪران) ۽ سنڌ سان گڏ 'دي بول' جو به ذڪر ڪيو آهي.

(حوالو: "ايرانشهر" بحوال حسن پيرينيا "ايران باستائي" تهران 1304 هجري ص520؛ پڻ "ايران – باستان" تهران 1311 هجري ص93)

** انهيءَ مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته اهو نالو عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان گهڻو اڳ مشهور هو. ان جي عربي اچار سان گهري هڪجهڙائي ٻڌائي ٿي ته اهو نالو عربن پنهنجن پاڙيسري ايرانين کان ورتو ۽ نه مڪاني ماڻهن کان؛ جيئن شڪ ڪيو وڃي ٿو ته ان جو اشتقاق سنسڪرت لفظ "ديواله " (يعني بتن جو مندر) مان ورتل آهي. اها به اهم ڳالهه آهي ته آرميني جاگرافيدان جو 'دي بول' ڪنهن شهر يا بندر جو نالو ڪونهي، پر هڪ ضلعي جو نالو آهي، جيڪو مڪران ۽ سنڌ ٻنهي کان ڌار هو. انهيءَ مان راجا ڏاهر جي انهيءَ حجت جي تصديق ٿئي ٿي ته ساموندي ڦورو ميد، جن جو صدر مقام ديبل هو، سندس رعيت نه هئا. ٻيو غير عرب مصنف، جنهن هن جاءِ جي نالي جو ذڪر ڪيو آهي، اهو آهي چيني جاگرافيدان 'ڪياتان'، جنهن جا سفرناما 785ع ۽ 805ع جي وچ ڌاري مرتب ڪيا ويا هئا. ڪئنٽن کان وٺي ايراني نار تائين جاين ۽ بندرن جي ڳڻپ ڪندي، هن "تي يو" جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ملڪ ۾ هڪ وڏو درياءَ "مي لان" (مهراڻ) آهي.

(حوالو: Quoted and commented upon هرٽ ۾ راخيل، چاؤ جو ڪُوا، سينٽ پيٽرس برگ، 1911ع ص9.)

** چيني اُچار پڻ آرميني جاگرافيدان جي ڏنل نالي جي ويجهو آهي ۽ سندس ان بيان جي ته اهو هڪ "ملڪ" آهي، پڻ تصديق ڪري ٿو. هاڻي وري عربن ڏانهن اچون ٿا، جن جي ٽن شاعرن سيني کان پهرين انهيءَ نالي کي پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي. پهريون مشهور معروف شاعر 'جرير' (740-827ع) آهي، جنهن قبيلي بنو تميم جي هجو ڪندي لکيو آهي: 'شريف انسان جو ڏک ديبل (الدبيلة) جي ڍڳيءَ جي ڏک جهڙو هوندو آهي، پر بنو تميم جو ڏک ٻڪريءَ جي ڏک جهڙو آهي؛ هن جي همعصر خالد القناس پڻ ديبل جي ڍڳين جو ذڪر ڪيو آهي. انهن ٻن حوالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ديبل هڪ چڱي چراگاهه واري سرزمين ۾ واقع هو. پر ديبل بابت وڌيڪ اهم حوالو ابن العربي (767-845ع) جي هڪ شعر ۾ ملي ٿو، جنهن پاڻيءَ جي پکال کي ديبلان (الديبلان) يعني "ٻه ديبل" جي هڪ ٿلهي ۽ ڪاري شخص سان تشبيهه ڏني آهي. اهو ٻن 'ديبلن' جو قديم ۽ واضح ذڪر آهي. ديبل جي باري ۾ وڌيڪ تحقيق ڪرڻ کان پهرين، اسين مٿي ڄاڻايل قديم حوالن جي آڌار تي چئي سگهون ٿا ته اصل ۾ اهو نالو هڪ 'ضلعي'، 'بادشاهت'، 'ملڪ' جو نالو هو، جتي سٺا چراگاهه هوندا هئا ۽ جتي ٻه هنڌ (بندر يا شهر) 'ملڪ' جي نالي پنيان سڏبا هئا. جيتوڻيڪ ائين به ٿي سگهي ٿو ته اها بادشاهت يا ضلعو پنهنجي مکيه شهر يا شهرن جي نالي پنيان سڏبو هجي. جن عرب ليکڪن ديبل جو حوالو ڏنو آهي، انهن ۾ سيني کان وڌيڪ صحيح ۽ ڄاڻو عالم البيروني (وفات 1048ع) هو. هڪ ڪاري، هڪ نار (الغب) ۽ 'ڪاري مني جو سَنڌو' (الخور) ۾ جيڪو فرق آهي، ان کي هو

سائنسي طريقي تي هن ريت ٻڌائي ٿو: ”هڪ نار (الغب) هڪ اهڙي ڪنڊ يا پاڻيءَ جي ڪن وانگر هوندي آهي، جيڪو سمنڊ مان ڪليل ميدان ۾ گهارو ڪندو آهي ۽ خاص ڪري وير جي لهڻ ۽ چڙهڻ سبب ان ۾ جهاز راني ڪرڻ خطرناڪ آهي. ڪاري مٺي جو سَنڌو (الخور) به نار وانگر هوندو آهي پر اهو سمنڊ جي ڪليل ميدان ۾ گهاري ڪرڻ سببان نه نهندو آهي، بلڪ وهندڙ پاڻيءَ جي ڦهلاءَ جي ڪري نهندو آهي، جيڪو اتي پهچي بيهي رهندو آهي ۽ سمنڊ سان ملي ويندو آهي. اهي ڪاري مٺي جا سَنڌا به جهازن لاءِ خطرناڪ هوندا آهن، ڇاڪاڻ ته ڳرن غورابن کي مٺي پاڻيءَ جي پيٽ ۾ ڪارو پاڻي چڱيءَ طرح ڪٽي سگهي ٿو.

(حوالو: ”سنڌ صدين ڪان“ ممتاز مهر 1982ع، ثقافتي مرڪز پٽ شاهه/ ديبل جا به بندر، قدرت الله فاطمي)

** سنڌو درياءَ جي ڪيٽيءَ جي بلڪل ڏاڪٽي طرف کي مغرب وارا (يعني ايراني ۽ شايد سندن پاڙيسري آرميني ۽ عرب، پنجين صدي عيسويءَ ڪان ديبل ڪري سمجهندا هئا. انهيءَ ملڪ جي مخصوص ضرورتن جي ڪري اتي به بندر هوندا هئا: هڪ سامونڊي بندر، جيڪو درمياني بندر جو ڪم ڏيندو هو ۽ ٻيو دريائي بندر، جيڪو واپار جو مرڪز هوندو هو. درياهُ جي لٽ جي ڪري انهن بندرن جي اصل جاءِ ۾ فرق هو. الديبل جي علائقي تي عربن جا پهريان حملا سامونڊي ساحل ۽ انهيءَ جي بندر تائين محدود هئا، جنهن ڪري هنن کي گهڻو نقصان پهتو، ڇاڪاڻ ته بچاءُ ڪندڙن جي اصل طاقت ملڪ اندر يعني بندر ۾ موجود هئي، جيڪو الديبل جي ڪاري مٺي جي سنڌي (خوار الديبل) وٽ واقع هو. ٽيون حملو ڪاري مٺي جي سنڌي (خور) تي واقع بندر تي ٿيو هو.

(حوالو: البلاذري ”فتوح البلدان“ ليدن ص436.)

ڄاڻايل سيني حوالن ڪان سواءِ گذريل ڪيترن ئي سالن ڪان اٽلي ۽ فرانس جي آرڪيالاجسٽن جي ٽيم سان گڏ سنڌ جي ماهرن ڀنڀور تي کوٽائيءَ جو ڪم ڪيو آهي. ان مان مليل شين جي ڪاربان ڊيٽنگ ٿي آهي، جنهن جي بنياد تي ٽيم جي اڳواڻ اٽليءَ جي تاريخدان ۽ آرڪيالاجسٽ وليريا فيوراني پياسينٽيني پنهنجي ٽيم جي پاران ڪاربان ڊيٽنگ ذريعي ڪڍيل نتيجن جي آڌار تي 2016ع ۾ رپورٽ ڪيو ته هي ئي ديبل بندرگاهه آهي ۽ هن جو وجود پارٿين جي دور ۾ پيو آهي، جنهن جي ثابتي طور ان مان نڪتل ٽانون، شيشن، تيرن ۽ ٻين شين جي ڪاربان ڊيٽنگ جي ڪڍيل نتيجن کي محفوظ ڪيو ويو آهي.

ٻيو ته گذريل سال ماهرن جي نگرانيءَ ۾ ڀنڀور جي ٿيل کوٽائيءَ ۾ دنيا جو وڏي ۾ وڏو هاٿيءَ جي ڏندن (عاج) جو ڪارخانو ظاهر ٿيو آهي. رپورٽ موجب ڀنڀور ۾ هن مهل تائين رڳو 15 ڏينهن جي کوٽائي دوران 6675 هاٿيءَ جا ڏند هٿ آيا آهن. سنڌ جي آثارِ قديمه واري کاتي ۽ اٽليءَ جي ماهرن دعويٰ ڪئي آهي ته هاٿيءَ جي ڏندن (عاج) جو ايڏو

وڏو تعداد هن وقت تائين دنيا جي ڪنهن به هنڌان کوٽائي دوران هٿ نه آيو آهي. نيشنل ميوزم ۾ تاريخي ماڳن بابت آگاهي سيمينار کي خطاب ڪندي اٽليءَ سان تعلق رکندڙ آرڪيالاجيڪل ماهر ڊاڪٽر سائمون مان تيليني چيو ته ڀنڀور ۾ رڳو 15 ڏينهن جي کوٽائيءَ دوران وڏي تعداد ۾ هاٿيءَ جا ڏند (عاج ) ملڻ مان اهو ثابت ٿيو آهي ته هتي هاٿيءَ جي ڏندن (عاج) جي تمام وڏي فيڪٽري هئي، جنهن ۾ هاٿي جي ڏندن (عاج) مان مختلف شيون ٺاهيون وينديون هيون.

هن وڏي ڪارخاني جو ظاهر ٿيڻ به اسان کي ٻڌائي ٿو ته هي هڪ وڏي ۽ قديمي شهر جا آثار آهن. جيڪو ديبل ئي ٿي سگهي ٿو ڇو ته قديمي تاريخن ۾ ديبل جو ذڪر بار بار آهي ليڪن ڀنڀور جو نالو سومرا دور جي آخري ڏينهن ۾ ملي ٿو جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ديبل عربن جي آخري دور ۾ حملي کان پوءِ زلزلي ۾ تباهه ٿي ويو جيڪو سوين سالن کان پوءِ وري آباد ٿيو ته ان کي ڀنڀور سڏيو ويو.

ديبل ۽ ڀنڀور متعلق مٿي ڏنل حوالن کان سواءِ ڪيترائي ٻيا حوالا به آهن جيڪي هتي مضمون جي گهڻو ڊگهو ٿيڻ ڪري نه ٿا لکي سگهجن، جن سڀن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اهو ئي سمجهه ۾ اچي ٿو ته ڀنڀور ئي اوائلي ديبل جو قلعو آهي جنهن جا ڪجهه سبب هيٺ ڏجن ٿا:

1. هر ليکڪ ديبل جي اوج ۽ اجڙڻ جو وقت ساڳيو ئي لکي ٿو ۽ کوٽائيءَ مان به اهو ئي ثابت ٿئي ٿو.

2. سيئي ليکڪ ديبل جي قلعي جو ان ئي علائقي ۾ ۽ مٿاهين جابلو ٽڪريءَ تي موجود هجڻ جو لکن ٿا، جيڪو اهوئي آهي ٻئي ڪنهن جو وجود ئي نه آهي.

3. ڪي ليکڪ چون ٿا ته ديبل سمنڊ اندر ڪنهن جزيري تي آهي جيڪو هاڻي هفتي ۾ ٻه ڏينهن ظاهر ٿئي ٿو، ان لاءِ هڪ ميرين انجنيئر ۽ جاگرافيءَ جي ماهر عبدالحفيظ لغاري ٻڌايو ته "رپورٽن موجب گذريل 2000 سالن ۾ پوري ايشيا کنڊ جي ڏکڻ ۾ سمنڊ جي پاڻيءَ جي سطح گهٽي آهي يعني هيٺ ٿي آهي جنهن ۾ جزيرا وڏيڪ نمايان ٿيا آهن ۽ سمنڊ پوئتي ٿيو آهي." سنڌس ڳالهه وزنائتي محسوس ٿي، ڇو ته هڪ مثال رڻ ڪڇ آهي جيڪو اڳ سمنڊ هوندو هو بلڪ ٿرپارڪر جو پاري نگر ساموندي بندر هو جيڪو عيسوي پهرين صديءَ ۾ به وڏي آبادي وارو شهر هو، پوءِ سمنڊ پوئتي هٽندو ويو ۽ ويجهي ماضيءَ ۾ انگريز دور ۾ ڪلفٽن نهيو جنهن جي هاٽوڪي مک دروازي کان ٿورو اندر هيٺ لهڻ لاءِ پٿر جي خوبصورت ڏاڪڻ آهي جنهن لاءِ مشهور آهي ان جي هينين ڏاکن تائين سمنڊ هوندو هو ۽ عبدالله شاهه غازيءَ جي مزار پويان به سمنڊ ڇوليون هڻندو رهندو هو، جنهن جا فوٽو به سوشل ميڊيا تي شيئر ٿيندا رهن ٿا. جتان هاڻي سمنڊ ڏيڍ ڪلوميٽر پري آهي، جنهن مان ثابت ٿو ٿئي ته سمنڊ جي سطح ڏينهون ڏينهن گهٽجي ٿي جنهن ڪري پاڻي پوئتي هٽي ٿو، ان ڪري سمجهڻ گهرجي ته جزيري

تي بعد جي ڪا ٻي اڏاوت هوندي چو ته ديبل لاءِ هر تاريخدان لکي ٿو ته ديبل اونچي پهاڙيءَ تي هو ۽ اهو مسئلو الڳ آهي ته سنڌو درياهه تي بئراجون ۽ ڊيم ٺهڻ ڪري منو پاڻي سمنڊ ۾ نٿو وڃي جنهن ڪري سنڌوءَ جي ڇوڙن ۾ ڪارو پاڻي وهي اچي ٿو. ان ڪري ٺٽي ۽ بدين جي زمين خراب ۽ ختم ٿي رهي آهي.

4. ماهرن جي کوٽائي مان ثابت ٿيو آهي ته هي شهر عيسوي سن کان اوائلي آهي ۽ اوائلي دور جي هر تاريخ ۾ ديبل وڏي شهر ۽ ديبل بندر جو ذڪر ملي ٿو پر پنيور جو ذڪر نٿو ملي سواءِ هڪ ٻن ڪمزور حوالن جي، جيڪي به شڪ جي انداز ۾ ڄاڻايل آهن.

5. کوٽائيءَ مان ظاهر ٿيل مضبوط قلعي جا آثار ۽ قلعي ٻاهران به شهري آبادي ۽ ڪارخانن جو هجڻ هن کي وڏي اهميت وارو شهر ثابت ڪن ٿا. جيڪي ليکڪ پنيور کي ديبل نٿا سمجهن ته اهي به لکن ٿا ته ديبل ان ئي علائقي ۾ آسپاس آهي ته پوءِ سمجهڻ جي ڳالهه اها آهي ته هڪ هيڏي وڏي شهر ۽ مضبوط قلعي جي موجود هجڻ باوجود ساڳئي دور ۾ پر پاسي ۾ ٻيو قلعو ڇو اڏيو ويندو جڏهن ته اوائلي تاريخ ۽ ويجهي تاريخ ٻڌائي ٿي ته قلعو پوري علائقي جو حڪومتي مرڪز هوندو هو.

جيڪڏهن ديبل ڪو ٻيو هنڌ آهي ته اتي ايڏو ڪو وڏو دڙو يا آثار نظر ڇو نٿا اچن. پنيور جي قلعي اندران ۽ ٻاهران کوٽائين مان هر دور جون نشانيون مليون جيڪي هن کي اوائلي ديبل بندر ثابت ڪن ٿيون. انهن سين سببن سميت پنيور جي کوٽائيءَ مان ظاهر ٿيل ديبل هڪ سائنسي حقيقت آهي جنهن کي وهم گمان ۽ اجايا شڪ شبها اوستائين غلط ثابت نٿا ڪري سگهن، جيستائين ڪا ان کان به وڌيڪ طاقتور سائنسي تحقيق ان کي غلط ثابت نٿي ڪري.

## سسئي پنهونءَ جو داستان

لفظ سسئيءَ جي معني آهي چنڊ. راجا دلو راءِ جي زماني ۾ نانيا/ نايون نالي هڪ ٻانڀڻ پنهنجي گهر واريءَ منڌر سان گڏ پانير واهه جي پر تي رهندو هو، جيڪي ٻئي اولاد لاءِ سڪايل هئا. نيٺ پيريءَ ۾ کين هڪ سهڻي نياڻي ڄائي پر سندس ستاري مان معلوم ٿيو ته سندس انگ ڪنهن مسلمان سان اڙيل آهي. سو نايون ۽ سندس ناري منڌر پاڻ کي اهڙي بدناميءَ کان بچڻ لاءِ، ان خوبصورت نياڻيءَ کي وڏي افسوس سان هڪ صندوق (پيتيءَ) ۾ بند ڪري درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو. اِها صندوق درياهه جي لهرن ۾ لڙهندي، قضا سان اچي پنيور جي پرسان ڪناري تي نڪتي. اُن وقت پنيور شهر ۾ محمد نالي هڪ ڌوٻي رهندو هو، جنهن کي ”لال“ جي نالي سان به سڏيندا هئا. محمد ڌوٻي چڱيءَ پونجيءَ (پيسن) وارو ماڻهو هو ۽ سندس هٿ هيٺ پنج سؤ ڪاريگر ڪم ڪندا هئا، پر ويچاري

ڪي اولاد نصيب ۾ ڪونہ هو. جڏهن ڪاريگرن جي نظر ان پيتيءَ تي پئي، تہ ان کي پاٽيءَ مان ڪڍي پنهنجي استاد وٽ کڻي آيا. جنهن صندوق کي کوليو تہ منجهس هڪ سدا سهڻي ٻارڙي سُتل هئي، جنهن کي صندوق مان ڪڍي پنهنجي گود لاتائين ۽ مٿس سسئي (ششي) نالو رکيائين.

سندس زال، سسئيءَ کي گهڻي لاڏ ڪوڏ سان نپائڻ لڳي، محمد ڪٽيءَ جون اکيون بہ سسئيءَ کي ڏسي پيون ٺرنديون هيون. هن سندس سک ۽ آرام لاءِ هڪ عاليشان محلات اڏائي ان جي چوڌاري هڪ وڏو باغ رکايو هو، جنهن ۾ هُوءَ پنهنجي سهيلين سان گڏجي وقت گذاريندي هئي.

”تاريخ سنڌ“ جو ليکڪ مولانا نور محمد نظاماڻي لکي ٿو تہ راجا دلوراءِ جي رياست ۾ ڀامبرا واهہ نالي ڳوٺ هو، جنهن ۾ نانيو نالي برهمڻ پنهنجيءَ زال نالي منڊر سميت رهندو هو، جن کي اولاد جي تمام گهڻي سڪ هئي. هنن کي ڪنهن الله لوڪ دعا ڪئي، تہ اوهان کي چنڊ جهڙي ڌيءَ ٿيندي، پر ان جي شاديءَ جو انگ هڪڙي مسلمان ساڻ لکيل آهي. اها ڳالهہ ٻڌي ٻئي زال مڙس ڏاڍي جهوريءَ ۾ پئجي ويا، پر ”لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نہ وهي!“ نانئي کي ڌيءَ ڄائي. اها سندن اکين ڏسندي ڪنهن مسلمان سان پرڻجي، سا ڳالهہ ٻنهي زال مڙس کي ڏکي پئي لڳي. تنهن ڪري دل جو سور دل ۾ رکي پنهنجي پياري سڪيلڌي ڌيءَ کي هڪڙي پيتيءَ ۾ بند ڪري ڪٺي سنڌو درياءَ ۾ وڌائون. اها پيتي لڙهندي لڙهندي اچي ڀنڀور بندر ڪان نڪتي. ڀنڀور شهر ۾ محمد نالي هڪڙو وڏو مالدار ڌوٻي رهندو هو، جنهن وٽ پنج سؤ مزدور ۽ سيڪڙات ڪم ڪندڙ هئا، مگر اولاد ڪونہ هوس. ان جي هڪڙي ڪميءَ کي اها پيتي درياءَ ۾ لڙهندي نظر آئي، جنهن اها ڪڍي آڻي پنهنجي اُستي ناهيئي جي اڳيان رکي. ناهيو جان ڪٺي پيتي کولي، تہ منجهس چنڊ کي شرمائيندڙ جيئري جاڳندي معصوم نياڻي پيئي آهي. هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڇوڪريءَ جو نالو ”سسئي“ (چنڊ) رکي پنهنجي ڌيءَ ڪري وجي نپايائينس.

جيئن سسئي وڏي ٿيندي ويئي. تيئن سندس حسن جي هاڪ پکڙجندي وئي. انهن ڏينهن ۾ ڪيچ ۽ مڪران ڪان واپاري قافلا ڀنڀور ۾ ايندا ويندا هئا. ڪيچ جي والي آري ڄام جو نوجوان پٽ پنهون پنهنجي ڳوٺ جي سوداگرن ڪان سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، سوداگر جي ويس ۾ اچي ڀنڀور پهتو ۽ سسئيءَ کي ڏسڻ شرط دل ڦرائي ويهي رهيو. سسئيءَ کي بہ پهرين نظر ۾ پنهون پسند اچي ويو ۽ پوءِ پنهون محمد ڌوٻي وٽ نوڪر ٿي ٻينو ۽ ٻين نوڪرن سان گڏ ڪپڙا ڌوئڻ لڳو. نيٺ ڪجهہ وقت ۾ پنهونءَ جي سسئيءَ سان شادي ٿي وئي.

پنهون جو ياءُ چنرو جيڪو ڪيچ ڪان ساڻس گڏ آيو هو سو سندس انهيءَ روش تي گهڻو ئي ڪاوڙيو پر جڏهن ڏٺائين تہ ڪو چارو ڪونهي تڏهن ساري ڳالهہ وڃي آري ڄام

جي اڳيان پيش ڪيائين. آري ڄام ڪي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ پنهنجي دادلي پٽ جي فراق ۾ بيحال ٿي پيو ۽ هڪ قاصد جي هٿان پنهونءَ کي چوائي موڪليائين ته ”جيڪڏهن هڪدم اچي حاضر نه ٿيندين ته منهنجو جيئڻ محال آهي“. قاصد ڀنڀور ۾ پهچي پنهونءَ کي آري ڄام جو پيغام پهچايو پر پنهون پوئتي هلڻ کان انڪار ڪيو ۽ قاصد نااميد ٿي موٽي وڃي آري ڄام کي سمورو احوال ٻڌايو. آري ڄام پنهنجي پٽ کي سارينديءَ اهڙو ته ڪمزور ۽ ضعيف ٿي ويو جو سندس تن پٽن چنري، هوتي ۽ نوتيءَ کيس آٿت ڏيئي چيو ته ”بابا سائين! اوهان پريشان نه ٿيو اسان ڪو حيلو وسيلو ڪري پنهونءَ کي ساڻ وٺي اچي ٿا توهان وٽ رسايون.“ پوءِ ٽيئي ڄڻا اٺن تي سوار ٿي سگهوئي اچي ڀنڀور پهتا. سسئيءَ ۽ پنهونءَ کين گهڻو آدرڀاءُ ڏنو ۽ پاڻ وٽ مهمان ڪري سندن گهڻي خاطر مدارت ۾ جشن ڪيائون. هڪ رات جو گهڻي دير تائين مجلس ۾ مشغول رهيا. سسئي ويچاريءَ کي پنهونءَ جي اوسيئڙي ۾ جاڳندي جاڳندي ننڊ ڪٽي وئي. هوڏانهن وري ڀائر پنهونءَ کي غافل ڏسي کيس شراب جا پٽ پياريندا رهيا، تان جو نشي ۾ اهڙو الوٽ ٿي ويو جو پنهنجي وجود جو ڪو سماءُ نه رهيس. آڌيءَ رات کان پوءِ سندس ڀائر اٺ ڪاهي کيس بي خبريءَ جي حالت ۾ ڪٽي پنهنجي مُلڪ روانا ٿيا. رات جي پوئين پهر جڏهن سسئيءَ جي اک کلي ته ڏٺائين پنهون پلنگ تي آهي ئي ڪونه. سو حيرت ۾ پئجي هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين ته اوطاقون ۽ اوتارا سڀ خالي پيا آهن. معلوم ڪيائين ته ڏير ويساهه گهاتي ڪري پنهونءَ کي زوريءَ پڄائي وٺي ويا آهن، پوءِ وٺي گهوڙا گهوڙا ڪيائين، جنهن تي هن جا مائٽ ۽ پاڙيسري اچي مِڙيا پر هن ڪنهن جي ڪين مَڃي ۽ اڪيلي اٺن جا پير ڪڻندي پنهونءَ جي پنيان ڪاهيندي وئي. چاليهن ڪوهن جي پنڌ بعد اچي پٻ جبل جي ويجهو پهتي ته اڃ ۽ ٿڪ سبب ماندي ٿي ڪِري پيئي ۽ چڙهيون هڻڻ لڳي. قدرت خدا جي جو انهيءَ هنڌان هڪ صاف پاڻيءَ جو چشمو ڀڙڪو ڏيئي ڦٽي نڪتو. تحفة الڪرام وارو چوي ٿو ته ”مون معتبر ماڻهن کان ٻڌو آهي ته اهو چشمو اڃا تائين جاري آهي ۽ ڪڏهن ٻه سڪي نٿو. ساڳيو تحفة الڪرام جو راوي هڪ ٻي روايت ڪندي لکي ٿو ته سسئيءَ وٽ مينديءَ جي وڻ جي هڪ ٽاري هئي جيڪا دستور موجب پرڻي رات هٿ ۾ ڪري ستي هئي، اُها اِن سفر ۾ ساڻس همراهه هئي جنهن کي هن انهيءَ چشمي جي ڀر تي زمين ۾ ٽنبيو هو، جنهن مان هڪ سرسبز ميندي جو وڻ ايري پيو هو، جيڪو اڃا تائين سندس نشانيءَ طور موجود آهي.

بهرحال سسئي اُتي ٿوري ساعت آرام ڪري، وري اڳتي وڃڻ لڳي ۽ پٻ جبل وارو مشهور لڪ ”پبوٽي ناڪو“ لنگهي اچي جبل جي هاڙي وٽ قوڙنديءَ جي ڀر ۾ پهتي پر اُڃ سبب اڳتي وڃي نه سگهي. نهايت نااميد ٿي پوئتي هٽي ۽ ڪُڇ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اچي ماباڙ نئي جي ويجهو رَسي. هاڻ واهيري جي ويل اچي ٿي هئي. پريان پهاڙ تي

هڪ پنهوار جي جهوپڙي ڏسي وڏي وجي ڪانئس پنهون بابت پڇيائين. چاليهہ ڪوهہ پيرين پنڌ ڪرڻ ۽ جبل جهاڳڻ ڪري سندس پير ڇلجي پيا هئا.

سسئيءَ جي سهڻي صورت ڏسي پنهوار جي دل هرڪجي پئي ۽ سندس نظرن ڪي پرڪيندي سسئيءَ پاڻ ڪي جوڪي ۾ ڏسي پنهونءَ جي سار ۾ زارو قطار روئڻ لڳي. سندس سوز وارين صدائن ڏونگر بہ ڏاري وڏو پر هن ڪنور تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو. نيٺ خدا ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ ڏسي پنهوار ڪي پاڻ وٽان ٽارڻ جي بهاني سان آزي ڪري چيائينس تہ آءٌ ٿڪل ٽٽل ۽ اجايل آهيان، پلائي ڪري پهريائين ڪو ڪير چڪو پيار. اهو ٻڌي پنهوار خوش ٿي ڏڻ ڏانهن ڊوڙيو تہ سسئيءَ ٻئي هٿ ڪٽي ڏٽي ڪي سوال ڪندي چيو تہ اي رب! مون ٻي وسيليءَ جو وسليو تيءُ. هن اجا دعا مس پوري ڪئي تہ پهاڙ ڦاٽي پيو ۽ هوءَ ان اندر گهڙي وئي، تنهن ڪانپوءِ جبل ٻيهر ڳنڍجي هڪ ٿي ويو پر سسئيءَ جي چُنيءَ جو پاند ٻاهر رهجي ويو. پنهوار جڏهن ڪير ڏهي پوئتي موٽيو تڏهن هي رنگ ڏسي تعجب ۾ پيو ۽ الاهي قدرت جو اهڙو اهڃاڻ پسي توبهہ تائب ٿيو ۽ انهيءَ هنڌ هڪ پٿرن جو ميڙ ڪري قبر جو لوڙهہ ناهي ڇڏيائين.

ٻئي پاسي رستي تي جڏهن پنهون نشي جي خمار مان سجاڳ ٿيو تڏهن پاڻ ڪي اٺ تي جڪڙيل ڏسي ڏاڍي ڪاوڙ ڪاڏائين. پائرن ڪي پڇي وجڻ لاءِ گهڻو ئي واجهايائين پر هنن سان پڇي نہ سگهيو. نيٺ پائرن آٽي سندس ٻانهن آري ڄام جي حوالي ڪئي. پر پنهون سسئيءَ جي وڇوڙي ۾ اهڙو تہ ڳرندو ۽ سڙندو ويو جو پٽس ڪي سندس مرڻ جو خوف ٿي پيو. لاچار ٿي ڪيس موڪل ڏنائين تہ پنيور موٽي وڃ ۽ سسئيءَ ڪي بہ ساڻ وٺي اچ پوءِ هو پنيور ڏانهن راهي ٿيو. جڏهن سسئيءَ جي قبر وٽان لانگهائو ٿيو تہ سندس روح ڪي هڪ ازغيبي اڌمو آيو. اهڙي رڻ پٽ ۾ نئين قبر ۽ ان مان چنيءَ جو پاند ٻاهر نڪتل ڏسي دل ۾ خيال پيدا ٿيس تہ چا هيءَ سسئيءَ جي قبر آهي. اتفاقا اُهو پنهوار بہ اتي اچي سهڙيو جنهن سڄي ڳالهہ ڪيس بيان ڪئي. پنهون اِهو ٻڌندي شرط، اٺ تان لهي پيو ۽ قبر جي پر ۾ زارو قطار روئي خدا جي در عرض ڪرڻ لڳو تہ "اي وڇوڙين ڪي ملائيندڙ سچا ڏٽي! مون ڪي پنهنجي محبوب سان ملائي." سندس عرض اگهاڻو، وري بہ جبل ڦاٽي پيو ۽ پنهون بہ وڃي سسئيءَ سان مليو سندن قبرون اڄ بہ ڪراچي منگهوپير ۽ همدرد يونيورسٽيءَ ڪان شاهہ بلاول نوراني جي درگاهہ تي ويندڙ رستي ڪان ڪجهہ ڪلوميٽر اندر پٻ جبل تي موجود آهن.

شاهہ لطيف بہ پٻ جبل رستي لاهوت لامڪان جو سفر ڪيو ۽ جبل جي ڏکئي سفر جو تجربو پسي سسئيءَ تي سڄا سارا پنج سر چيا آهن: سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني. سيني سرن ۾ سسئيءَ جي ڏکن ڏاکڙن جو احوال آهي.

# جهم ڪوٽ




سنڌ سونهاري پوري هيرن کاڻ آهي، ان جي هر منظر ۾ خوبصورتيءَ جي تعريف ڪرڻ فرض بڻجي وڃي ٿو. هڪ اهڙو ئي منظر ريل گاڏيءَ ذريعي ڪراچي ايندي ويندي جهمپير اسٽيشن کان گذرندي نظر ايندو هو. ڪينجهر ڪناري ڪچين جا ڏگها وڻ انهن جي وچ ۾ اونچائي تي پٿر جو جڙيل ڏگهي گنبذ وارو مندر ۽ پري پري تائين ڪينجهر جي نيري پاڻيءَ جو منظر ڏاڍو دلڪش لڳندو هو ۽ دل گهرندي هئي تہ اُتي وڃي ان نظاري جو ڀرپور مزو وٺجي ليڪن هڪ پاسي قوم جو ڪاڏو ٻئي پاسي فڪر معاش، نہ وقت مليو نہ موقعو. نيٺ 24 آگسٽ 2002ع تي سنڌ جي عظيم ناول نگار، ڪهاڻيڪار ۽ تاريخ جي ڄاڻو علي بابا سان گڏ جهمپير وڃڻ ٿيو، جتي محقق اشتياق انصاري صاحب جي هڪ ڪتاب (ڌرتي ماتا) جي مهورت جو پروگرام مانواري رسول بخش درس رکرايو هو. سندس اڳوٽي اوطاق تي پهتاسين تہ محترم عبدالواحد آريسر ۽ رسول بخش پليجي صاحب سان ملاقات ٿي ۽ ڪجھ دير کان پوءِ پروگرام لاءِ سڀ پنڊال تي پهتاسين. پروگرام شروع ٿيڻ ۾ دير هئي ان ڪري آريسر صاحب ڪرسين تي ويهڻ بجاءِ پنڊال کان پرڀرو ڪينجهر ڪناري ڪچين جي پرسان هڪ کٽ رکرائي، جنهن تي ويهي علي بابا ۽ مون آريسر صاحب سان ڪافي دير تائين ڪچهري ڪئي. پوءِ پروگرام شروع ٿيو جنهن ۾ تقريرن کان پوءِ سڄي رات راڳ جو پروگرام هليو جنهن ۾ ٻين فنڪارن کان پوءِ صبح تائين شفيع فقير ڪي ٻڌوسين، مسجد مان اذان جو آواز بلند ٿيو ۽ پوءِ وري مندر جا گهنڊ وڄندا رهيا. شفيع فقير جي آواز ۽ آلاپ ۾ سڀ مست هئا، راڳ بند ٿيڻ تي ڪو بہ راضي نہ هو. پنڊال پريو پيو هو. سج اڀري آيو. صبح انين تائين راڳ هلندو رهيو. جهمپير ۾ ڪينجهر ڪناري هي 24 ۽

25 آگسٽ 2002ع جي وچ واري يادگار رات هئي جا زندگي ڀر وسري نہ سگهندي. سائين رسول بخش سان چانهہ بسڪيٽن جي نيرن ڪري وري علي بابا سان گڏ ڪينجهر ڪناري جو سير ڪيوسين. مندر جي صحن کان ڪينجهر جي پاڻيءَ تائين ڪشادي ڏاڪڻ ٺهيل هئي جنهن تي ويهي ڪينجهر جو نظارو ڪري سگهجي پيو ۽ هيٺ لهي ٻيڙين تي چڙهي ڪينجهر جو سير بہ ڪري سگهجي پيو. علي بابا ٻڌايو تہ هي جِهم ڪوٽ آهي جيڪو سچو مالڪي نہ هجڻ ڪري ڊهي ويو آهي جنهن تي مندر بہ ٺهيل آهي ۽ ان جي مک دروازي جي هڪ برج جا بنياد بہ ڏناسين. علي بابا ٻڌايو تہ هن ڪوٽ ۾ رهي ڪري راجا ڏاهر جي پٽ جئسينہ عرب لشڪر سان مقابلو ڪيو هو، جنهن ڪري هي ڪوٽ تاريخي طور وڏي اهميت رکندڙ آهي.

ان ڏينهن کان هن ڪوٽ کي وري تفصيلي ڏسڻ جو شوق ستائيندو رهيو. تاريخ جي تلاش ۾ 18 جولاءِ 2019ع تي پيارو دوست عبدالحڪيم ميمڻ ۽ آئون جهمپير لاءِ روانا ٿياسين. روزاني ڪلياڻ اخبار جي بيورو چيف بيرو مانواري دوست اڪبر دلواڻيءَ محبت سان چانهہ جي دعوت ڏني هئي. ڪيس فون تي اطلاع ڪري مڪلي پريس ڪلب تي پهتاسين. اڪبر دلواڻيءَ دوستن سميت اسان جي ڀرپور آجيان ڪئي ۽ اجرڪ اوڍايا. سندس لکين محبتون. پوءِ هڪ پياري دوست ۽ ان وقت ٺٽي ضلعي جي اينٽي ڪرپشن آفيسر غلام علي بوزدار سان سندس آفيس تي ملاقات ڪئي جنهن محبت سان رات رهڻ لاءِ زور ڀريو تہ ڪينجهر جي ريسٽ هائوس تي هلي ٿا ڪچهري ڪيون، پر مون معذرت ڪندي کيس ٻڌايو تہ رات جهمپير ۾ رهڻ جو پروگرام آهي ۽ ڪانئس موڪلايو سين تہ ڪجهہ کائڻ پيئڻ جو سامان اسان جي گاڏي ۾ رکرايائين تہ اوهان کي سفر ۾ ڪم ايندو. محبتن جا جهول ڀري اسين جهمپير لاءِ روانا ٿياسين. مانواري رسول بخش درس وٽ پهچي ساٿس ملياسون ۽ جلد ئي کيس ساڻ ڪري جهم ڪوٽ جا آثار ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين چو تہ شام ٿي چڪي هئي ۽ سج جي روشنيءَ ۾ آثار ڏسڻا هئا، پر اتي پهتاسين تہ منظر ئي مٽيل نظر آيو. ڪوٽ جو هڪ وڏو حصو قبرستان جي والار ۾ اچي ويو آهي ۽ مختصر مندر جي بدران وڏا هال ۽ جايون ٺهي ويون آهن. 18 سال اڳ جيڪو برج جو بنياد نمايان نظر پئي آيو اُتي بہ هڪ قبر ٺهي ويئي آهي ۽ برج جي بنيادن جا پٿر قبرن ۾ استعمال ٿي ويا آهن. اهڙو منظر ڏسي ڏاڍو ڏکارو ٿيس. هاڻي ڪوٽ جي ديوار ۽ برج صرف دڙي ۽ قبرستان جي صورت ۾ موجود آهن. انهن دڙن جون تصويرون ورتيون ۽ ڪينجهر واري پاسي کان ڪجهہ ديوار جا بنياد نظر آيا، انهن جون بہ تصويرون ورتيون سين ليڪن اڳ وارو منظر تمام خوبصورت هو: ڪشادي صحن تي چٽساليءَ وارن پٿرن سان تعمير ٿيل خوبصورت مندر جنهن ۾ مورتي رکيل هئي ۽ صحن کان ڪينجهر جو نظارو منهنجي تصور تي تري آيو، جنهن جي ختم ٿي وڃڻ جو

تمام گهڻو افسوس ٿيو، ڇو ته جنهن منظر جي حسن جو عشق ڪيئي سالن کان اندر ۾ سمايل هو. اهو محبوب منظر نه پسڻ تي وقتي طور ڏاڍو پريشان ٿيو هئس.

*** جهم ڪوٽ جي تاريخ**

اڳئين دؤر ۾ ڪوٽ ۽ قلعا درياهن جي ڪناري تي ٺاهيا ويندا هئا. هي ڪوٽ راجا راءِ سهاسيءَ جي دور ۾ سنڌو درياهه جي ڪناري تي ٺاهيو ويو هو. تاريخ ٻڌائي ٿي ته ان دؤر ۾ سنڌو درياهه ٺٽي شهر جي الهندي پاسي کان ڪينجهر ۽ سونهري ڍنڍ وٽان وَهندو هو ۽ هن هنڌ تي هيناهينءَ ڪري جبلن جي مٿاهينءَ تان گهڻا نديون نالا ۽ وهڪرا اچي سنڌو درياهه ۾ شامل ٿيندا هئا. ڪيئي صديون گذرڻ کان پوءِ سنڌو درياهه پنهنجو وهڪرو مٽائي ويو ته ان جي جاءِ هنن ڍنڍن والاري جن ۾ ٻيا وهڪرا اچي پاڻي گڏ ڪندا هئا. جنهن ڪري هتي ڪينجهر ۽ سنهري ڍنڍ وجود ۾ اچي ويون. هاڻي به هي ڪوٽ ڪينجهر ڍنڍ جي بلڪل ڪناري تي تمام خوبصورت جڳهه تي آهي جتان ڪينجهر جو تمام خوبصورت نظارو نظر اچي ٿو.

جهم ڪوٽ جو نقشو اشتياق انصاري صاحب پنهنجي ڪتاب سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا جلد ٻيو جي صفحي 318 تي ڏنو آهي ۽ هن ڪوٽ بابت لکيو اٿائون ته: ”هن ڪوٽ جي اڏاوت ٽڪريءَ جي بيهڪ مطابق تقريبن چورس آهي. ڪوٽ جون ديوارون بنيادن مطابق سڌيون ۽ 8 فوٽ ويڪريون آهن ۽ چئني ڪنڊن تي برج آهن جن کان سواءِ 2 برج مک دروازي جا هئا ۽ هڪ برج قدرتي چشمن وٽان ديوار جي وڪڙ ۾ ڏنو ويو هو.“

موجوده وقت ۾ مٿي ڄاڻايل آثارن مان هاڻي ڪجهه به ثابت نه بچيو آهي. 20 سال اڳ مک دروازي واري هڪ برج جا بنياد جيڪي مون ڪي علي بابا ڏيکاريا هئا، هاڻي اهي به مٽجي ويا آهن. هن ڪوٽ ڪي ليڪڪن هيم ڪوٽ به لکيو آهي، عربن جي ڪاهه جو احوال ڏيندي رحيمداد خان مولائي شيدائي ”جنت السنڌ“ ۾ صفحي 218 تي لکي ٿو ته: ”هيم ڪوٽ رياست جو حاڪم جيو ولد درياهه هو ۽ سندس گاديءَ جو هنڌ جهم ڪوٽ هو“ اصل ۾ جابلو علائقي ۾ هن جاءِ تي هيناهين هئي جنهن ڪي جهم سڏيو ويندو هو ۽ ڪيئي نديون نالا هتي اچي درياهه ۾ چوڙ ڪندا هئا ۽ هتي قدرتي چشما هئا. هڪ چشمي جي مٿان پٿرن مان پاڻي آبشار ٿي وهندو هو جنهن جي هينان ”شِوَ“ جو هڪ پٿر به رکيل هو جنهن ڪري اتي ياتري پوڄا پاٺ لاءِ ايندا هئا. تاريخي طور چيو وڃي ٿو ته ”شِوَ“ جي پوڄا هندو ڌرم جي اچڻ کان به اڳيئي ٿيندي هئي. پوءِ راءِ سهاسيءَ جي دور ۾ هتي ڪوٽ اڏيو ويو ته ان تي جهم جو ڪوٽ ئي نالو پئجي ويو. هتي شِوَ جو مندر به ٺاهيو ويو. پراڻو مندر تمام خوبصورت هو جيڪو مون اڳ ڏٺو هو. هڪ ننڍو ڪمرو هو جنهن ۾ ”شِوَ“ مهراج جي مورتي ۽ ”شِوَ لنگ“ رکيل هئا ۽ مٿي اونچو گنبذ هو، جنهن تي سڄي چٽسالي پٿر سان ٿيل هئي ۽ هن کان سواءِ ٻاهر ڪنهن به پاسي کان ڪا ديوار

نہ هئي، جنهن ڪري ڪينجهر جو خوبصورت نظارو ۽ ڪناري تي ڪجين جا وڏا وڻ ڏاڍا دلڪش لڳندا هئا، جيڪو نظارو هاڻي پسي نٿو سگهجي.

محمد بن قاسم ديبل بندر فتح ڪرڻ ڪان پوءِ جهم ڪوٽ فتح ڪري رني ڪوٽ پهتو، جتي رني ڪوٽ جي ٻڌن سندس آجيان ڪئي ۽ ڪوٽ اندر وني اچي رهايائونس، جنهن ڪان پوءِ سيوستان (سيوهڻ) فتح ڪري اتي رهيل هو تہ پويان راجا ڏاهر جي پٽ جئسينہ اچي جهم ڪوٽ تي وينو ۽ هن قلعي تان عرب فوجين ڪي ماري ۽ ڀڄائي ڪڍيائين. اها خبر ٻڌي محمد بن قاسم حسين شاهہ جي سالاريءَ ۾ ڪجهہ عرب لشڪر جهم ڪوٽ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو جن سان جئسينہ مقابلو ڪيو. حسين شاهہ ۽ سندس ساٿي مارجي ويا، جيڪي اتي ئي پوريل آهن. ان ڪان پوءِ محمد بن قاسم پاڻ وڏو لشڪر وني اچي جهم ڪوٽ تي حملو ڪيو، جنهن ۾ جئسينہ درياهہ ٽپي راوڙ جي قلعي طرف هليو ويو ۽ محمد بن قاسم فتح حاصل ڪري هتي ڪيمپ ڪري وينو رهيو ۽ حجاج جي چوڻ تي هتان ئي سنڌو درياهہ ڪي پار ڪرڻ جي تياري ڪيائين. هتان درياهہ جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ بہ هو جنهن ڪري ٻن مرحلن ۾ درياهہ پار ڪرڻ سولو هو، پوءِ هتي محمد بن قاسم ٻيڙيون گڏ ڪري انهن ڪي هڪٻئي سان ٻڌرايو ۽ وڏي حڪمت عمليءَ سان انهن ٻيڙين جي پل ڪي درياهہ جي وهڪري مطابق ڇڏيو ويو تہ وڃي ٻئي ڪناري تائين پهتيون ۽ پوءِ هن ٻيڙين جي پل رستي سنڌو درياهہ ڪي پار ڪري عرب لشڪر راوڙ طرف روانو ٿيو. (تحفتہ الڪرام ۾ صفحو 454 تي مير علي شير قانع لکيو آهي تہ حجاج جي تاڪيد تي محمد بن قاسم جهم جي سرزمين پهچي درياهہ ٽپڻ لاءِ ٻيڙيون هٿ ڪيون ۽ انهن ڪي واريءَ ۽ پٿرن سان ڀري مضبوط ميخن ۽ رسن سان ڳنڍيائون)

هتي ڪافي وقت رهڻ، ڪارڪون ڪاٽڻ ۽ سندن ٻج اڇلائڻ ڪري هتي ڪجيون ڦٽي پيون جيڪي پوءِ وڏي نخلستان جو ڏيک ڏينديون هيون. حسين شاهہ شهيد جي مزار نهڻ ڪان پوءِ جهم سان پير جڙي ويو ۽ هن جو نالو جهمپير ٿي ويو. هاڻي بہ حسين شاهہ جي وڏي مزار آهي ۽ پوري علائقي مان عقيدتمند هتي اچن ٿا.

ٻئي پاسي مندر جنهن ڪي پڻ گهٽو وڌايو ويو آهي ۽ ڪينجهر جو ڪنارو ڍڪجي ويو آهي سواءِ قدرتي چشمن واريءَ جاءِ جي، جتان ڪوٽ جي بنيادن ڪي ڏسي سگهجي ٿو. چشمن جي هڪ پاسي ڪوٽ جي اصل ديوار آهي جنهن ڪي ڏسي سندس اڏاوت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو، پهريان هن پاسي ڪان مندر ڪان هيٺ ڪينجهر جي پاڻيءَ تائين وڏيون ويڪريون ڏاڪڻيون هونديون هيون جنهن تان پاڻيءَ ۾ وڃي سگهبو هو يا ڏاڪڻين تي ويهي ڪينجهر جو نظارو ڪبو هو جيڪو نہ ڏسي ڏاڍي مايوسي ٿي. هي هڪ تاريخي ڪوٽ ۽ ڪينجهر جو خوبصورت منظر آهي جنهن جي اصليت ڪي نروار ڪري هن ڪي تفريح لاءِ ڪوليو وڃي ۽ هن جي اهميت ۽ تاريخ تي تحقيق ڪرائي وڃي تہ سنڌ حڪومت جو قوم تي احسان ٿيندو. ڪو ننڍو ئي ميوزيم نهرايو وڃي جنهن ۾

هن ڪوٽ مان مختلف وقتن تي مليل ڪجهه سامان جيڪو قبرن جي کوٽائيءَ دوران نڪرندو رهي ٿو ان کي محفوظ ڪيو وڃي. اڄ به هتي صفائي ڪرائي ۽ ڪوٽ جي کوٽائي ڪرائي وڃي ته هن ڪوٽ جا بنياد ۽ برج نمايان ٿي سگهن ٿا ۽ هتي تمام سٺو تفريح گاهه ٺهي سگهي ٿو. جهمپير نيشنل هاءِ وي ۽ موٽر وي جي سنگم تي آهي ۽ هاڻي هنن ٻنهي شاهراهن کي هڪ نئين شاهراهه ٺاهي ملايو ويو آهي جيڪا جهمپير کي ڇهندي گذري ٿي، جنهن ڪري ڪراچي ۽ حيدرآباد کان سولائيءَ سان سياح اچي سگهن جيڪي هن تاريخي ماڳ ۽ دلڪش منظرن مان لطف حاصل ڪري سگهن ٿا.

انبا رام ديوراجاڻي جون لکيل سٽون ياد اچي ويون ته:

اسان جي ماڳن مڪانن جون
اڃان ڪهاڻيون لکل آهن
تاريخ دان هئا درٻاري
اصل حقيقتون لکل آهن،
ڪالهوڪيون محل ماڙيون
اڄ ٻٽيون کنڊراتيون
انهن راڄن ڀاڳن جا راڻا
۽ راڄ راڻيون لکل آهن.

## ساروٽيون سنگت جون

ڪينجهر ڪناري مندر تي گهمندي سج لٿو ۽ رات ٿي ويئي ته اسان به سائين رسول بخش درس سان گڏجي سندس نئين اوطاق تي آياسين. منهنجو ڪتاب "سنڌ سپيتا"، روچي رام صاحب جو ڪتاب "نئين سياسي سوچ" ۽ هڪ اجرڪ مون درس صاحب لاءِ سوکڙي طور آندا هئا جيڪي کيس پيش ڪيا. اوطاق جي آڳر تي ڪرسيون پيل هيون. هي اوطاق نئين هاءِ وي جي ويجهو آهي اوطاق جي سامهون روڊ تائين اڃا ڪائي اڏاوت نه ٿي هئي جنهن ڪري شاهي روڊ ۽ پريان ڪينجهر جو قدرتي ڪنارو ۽ مٿان وري ستارن ڀريو وشال آسمان جنهن تي چوڏينهن‍ءَ جو چنڊ نمودار ٿي آيو ته هي سڀ خوبصورت منظر پسندي من ۾ هزارين يادن اچي ديرو ڄمايو. اسان ٽيئي سنڌ جا سنجيده عاشق، اسان جي ڪچهريءَ جي هر موضوع ۾ قومي تحريڪ جا مختلف دور ۽ مختلف ساٿين سان گڏ ڪيل عملي جدوجهد ۽ ان ۾ وفائن ۽ جفائن جا قصا، وڇڙي ويل ساٿين جون يادگيريون هيون. اسان ٽنهي ۾ سينئر درس صاحب هو، ان ڪري حڪيم ۽ آئون گهڻو ان کي ٻڌي رهيا هئاسين ۽ وچ ڪچهريءَ ۾ سائين جا فرزند ماني کڻي آيا ته مانيءَ ڪاڻ جو وقفو ڪيوسين. وري ساڳيا قصا رات دير تائين هلندا رهيا. جن دوستن

سان درس صاحب جو رابطو نہ رهيو هو، انهن ۾ رسول بخش ٿيٻو ۽ ٻين دوستن سان فون ڪري گڏيل حال احوال ڪيوسين. هن قومي ڪچهريءَ ۾ سائين جي ايم سيد سان ملاقاتن ۾ مليل آدرش ورجايا سون ۽ شهيد بشير خان قريشي، عبدالواحد آريسر صاحب، شهيد شفيع محمد ڪرناٽي، شهيد سرائي قربان کهاوڙ ۽ ٻين قومي شهيدن جون ساروڻيون ساريوسين.

موجوده دور ۾ فڪري استقامت سان جدوجهد ۾ هلندڙ سينئر سياسي دوستن سيد غلام شاهہ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، آصف بالادي، نورالدين جمالي ۽ ٻين دوستن سميت ٺوڙي ڦاٽڪ سانحي جي شهيدن ۽ اسيرن نظير تنيو، سليمان جتوئي، سڪندر ميراڻي ۽ ٻي موجوده قومي قيادت ۽ ڪارڪنن جون قربانيون ۽ انهن جا حال احوال اورياسين، مطلب تہ ڪينجهر ڪناري 18 سال اڳ واري رات جيان 18 ۽ 19 جولاءِ 2019ع جي وچ واري هن چانڊوڪي رات جنهن ۾ چوڏينهنءَ جو چنڊ آسمان تي پوري جوڀن سان جلوه گر هو ۽ وشال ڪينجهر جي پاڻيءَ تي چنڊ جو عڪس ۽ لهرن جي ترورن ڏاڍو رومانس وارو ماحول ناهي ڇڏيو هو. پيارن جون يادگيريون ورجائيندي منهنجون نظرون بار بار چنڊ طرف ڪڃي پئي ويون ڇو تہ چوڏينهن جي چنڊ ۾ مون کي سدائين سنڌ جو نقشو نظر ايندو آهي. ان رات چنڊ اندر سنڌ جو نقشو ۽ نقشي اندر محبوبن جا چمڪندڙ چهرا بہ واري واري سان نظر ٿي آيا ۽ محسوس پي ٿيو تہ چنڊ اسان جي ڪچهري ۾ شامل آهي ۽ اسان جون سڀ ڳالهيون غور سان ٻڌي رهيو هجي ۽ چئي رهيو هجي تہ اهي سڀ منهنجا بہ پرين پيارا آهن ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي عاشقن جو آئون بہ شاهد آهيان ۽ رهندس تہ هنن ڌرتيءَ ماتا جي تَج ملاهئي آهي. ڪينجهر ڪناري جي هي ڪچهري بہ منهنجي دل تي نہ متجندڙ نقش ڇڏي ڇڏيا.

رات رقصان هئي بادلن پئي چميو
عڪس تنهنجو پرين هو پاڻي مٿان
لهر لوڏي رکيا احساس پيار جا
ڇير ڇمڪي وڳي راڳ ڇڙجي ويا
تو مٿان مون مٿان تارن پئي گهور ڪئي
هاءِ صدقي ٿيا منظرن جي ڪيئي مٿان
سج جي لالڙي ۽ چنڊ جو اولڙو
ٻئي مرڪي پيا ، تو جيان مون جيان.

رات جي پوئين پهر ننڊ ڪئي سون ۽ صبح جو ناشتو ڪري سائين رسول بخش کان موڪلائي ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿياسين. موڪلائڻ وقت درس صاحب مون کي ۽ حڪيم صاحب کي اجرڪ پارايا ۽ مون کي پنهنجا لکيل چار ڪتاب عنايت ڪيائون. سندس محبتن جا جهول ڀري روانا ٿياسون تہ حڪيم صاحب ڊرائيونگ ڪندي چيو تہ

سائين آئون ڪينجهر جي تفريحي مرڪز تي ٻہ نہ ويو آهيان، رستو ٻڌائجو تہ ٿيندا هلون. مون کيس رستو ٻڌايو ۽ ڪينجهر ڪناري جي هن جديد تفريح گاهہ تي ڪجهہ گهمي ڦري ۽ ڪناري واري رسٽورينٽ تي چانھہ پيتي سون، ليڪن منهنجي دل اداس هئي جنهن کي حڪيم صاحب محسوس ڪندي پڇا ڪئي تہ مون چيو: حڪيم سائين جهم ڪوٽ جي آثارن جي ڏسڻ جو وڏو شوق هو، انهن جو متجي وڃڻ وڏو افسوسناڪ آهي، جنهن ڪري آئون اداس آهيان. هن بہ اداس ٿيندي چيو سائين چا ٿو ڪري سگهجي. مون وراڻيو تہ رستي ۾ پنيور آهي اتي هلون ٿا ۽ ديبل جا آثار هلي ڏسون ٿا ۽ پوءِ سڌو پنيور اچي پهتاسين، جتي بہ حڪيم صاحب پهريون ڀيرو آيو هو، انڪري مون کيس پهريائين ميوزيم ۾ ديبل جو نقشو ۽ ماڊل ڏيکاريا ۽ کيس ڪجهہ آثارن بابت ٻڌايو ۽ پوءِ قلعي جي آثارن تي سخت گرميءَ باوجود ڪافي وقت گهمندا رهياسين ۽ حڪيم صاحب کي مختلف آثارن بابت ٻڌائيندو رهيس ۽ ايئن جهم ڪوٽ واري اداسي ۽ پياس جو ڪجهہ پورائو ڪيو سون.

روزاني ايڪتا 25 - جولاءِ 2019ع

**حوالا**

1-جنت السنڌ - رحيمداد خان مولائي شيدائي
2- تحفتہ الڪرام - مير علي شير قانع
3- سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا - اشتياق انصاري
4- نيري پاڻي جي ڪينجهر ڍنڍ - رسول بخش درس

# حيدر آباد جو ڪچو قلعو



ڪجهه ڏينهن اڳ حيدر آباد وڃڻ ٿيو تہ مون هڪ دوست منور خاصخيليءَ کي چيو تہ حيدر آباد جا ڪجهہ تاريخي ماڳ ڏسڻ هلون. هن بہ خوش ٿي هائوڪار ڪئي ۽ اسين ٻئي ڪچي قلعي ڏانهن روانا ٿيا سين.

هي قلعو حيدر آباد ريلوي اسٽيشن واري علائقي ۾ ڪچو قلعو روڊ تي آهي.

سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ جي دور ۾ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي حيدر آباد جو پڪو قلعو ٺهرايو ۽ ان جي حفاظت لاءِ ڏکڻ ۾ پير محمد شاهہ مڪيءَ جي مزار واري دڙي تي هي ڪچو قلعو ۽ پڪي قلعي جي اتر ۾ بہ هڪ قلعو ٺهرايو، جنهن کي هاڻي ميان غلام شاهہ جو ڪوٽ سڏيو وڃي ٿو، (جو تہ هن ڪوٽ جي وچ ۾ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جو مقبرو بہ ٺهيل آهي) هي ٻئي ننڍا قلعا وڏي پڪي قلعي جي حفاظتي چوڪين طور ٺهرايا ويا هئا.

ڪچي قلعي جي هڪ ديوار ۾ لڳل ڪتبي مطابق 1083 هجري جنهن جو عيسوي سن 1671 چيو وڃي ٿو، ليڪن هن قلعي بابت مرزا قليچ بيگ تعمير جو سن 1772ع ٻڌائي ٿو، جيڪو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي حڪومتي دور مطابق صحيح لڳي ٿو، چو تہ هر تاريخ لکندڙ ان تي متفق آهي تہ هي قلعو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ئي ٺهرايو آهي. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي والد ميان نور محمد ڪلهوڙي 1168 هہ مطابق 1754ع ۾ وفات ڪئي، جنهن کان پوءِ ميان محمد مراد ياب تخت تي وينو، ليڪن جلد ئي سنڌس ٻين پاٿرن ڪيس هٽائي ميان غلام شاهہ کي تخت تي ويهاريو، جنهن جو حڪومتي دور 1168 هجري مطابق 1754ع کان 1186 هہ مطابق 1772ع تائين رهيو.

ڪچو قلعو ايراضيءَ ۾ ننڍو ۽ ٽڪنڊو آهي. هن قلعي جو مک دروازو آهي ۽ ٻيو پير محمد مڪيءَ جي مزار وارو ننڍو دروازو آهي، قلعو متاهينءَ تي آهي، ان ڪري ٻنهي دروازن کان ڏاڪڻيون ٺهيل آهن، قلعي کي اڌ گول شڪل وارا 8 برج آهن، جن مان مکي شاهہ جي مزار واري ڪنڊ وارو برج ٻين برجن کان وڏو برج آهي. ڪوٽ جو

مڪ دروازو، ديوارون ۽ برجن جا بنياد پڪين سرن جا آهن، باقي مٿي ڪچين سرن واري ديوار ۽ برج آهن، جيڪي تمام زبون حال آهن، سندن ڪنگرا ۽ پلوڙا به ڊهي ختم ٿي ويا آهن. هن وقت هن قلعي جي حالت ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو، ڇو ته هي تاريخي ماڳ وچ شهر ۾ هجڻ باوجود لاوارث آهي. قلعي جي مڪ دروازي تي پهتاسين ته ان جي آس پاس ڪباڙين جا دڪان نهي ويا آهن. مڪ دروازي واري ڏاڪڻ تي به پڳل ٽٽل گاڏين جا ڍانچا ۽ ٻيو ڪباڙ پيل هو. مون ۽ منور ڪافي ڪوشش ڪئي ته مڪ دروازي تائين پهچجي ليڪن ڪٿان به رستو نه مليو، نه وري ڪو سنو ڦوٽو نڪري سگهيو، ڇو ته شاهي دروازي واري ويڪري شاندار ڏاڪڻ تي ديوار ناهي دروازو بند ڪيو ويو آهي. هن خوبصورت دروازي جو ٻاهران پورو منظر ڏسڻ ۾ نٿو اچي. دڪاندارن ٻڌايو ته قلعي ۾ وڃڻ لاءِ مڪي شاهه جي مزار واري پاسي کان وڃي سگهو ٿا، مڪ در سرڪاري طور تي بند ڪيو ويو آهي. دروازي جي اهڙي حال تي مون کي اکين ۾ پاڻي اچي ويو، ڇو ته سڄي قلعي جي ديوار ۾ هي مڪ دروازو ئي پورو پڪين سرن جو نهيل هجڻ ڪري اصل شڪل صورت ۾ موجود آهي ۽ مٿي ويندڙ ويڪري ڏاڪڻ ان کي وڏيڪ شانائتو ڪري رهي آهي، ليڪن ان ڏاڪڻ تي پيل ڪاٺ ڪباڙ ۽ آس پاس ڳريل سڙيل گاڏين جا ڍانچا ۽ رڪشن جو سامان اسان جي هن تاريخي ماڳ جي سونهن سوڀيا کي ناس ڪري رهيو آهي. بهرحال غم ۽ غصي جي حالت ۾ پير محمد شاهه مڪيءَ جي مزار کان وڃي قلعي ۾ داخل ٿياسين، هڪ مزار کان ٻي مزار بعد ان کان ٻاهر نڪري ٻيناسين ته ڪچي قلعي جي ديوار نظر آئي. اندر سڄو ميدان قبرن، آستانن ، تڪين سان ڀريو پيو آهي، اٽوندڙ ماحول ۾ اسان مجاورن ۽ موالين جي وچان گذرندي وڃي مڪ دروازي تي پهتاسين، جنهن جي اندرين اڏاوت ٻاهرين اڏاوت جهڙي خوبصورت ته نه آهي، ليڪن پوءِ به ان جون ديوارون ۽ برجن جون اندرين پاسي کان ڪجهه تصويرون ڪڍيون سين ۽ ڏک ۽ پيڙا جي حالت ۾ واپس اچي مڪي شاهه جي مجاور سان ويهي ڪجهه معلومات ورتي سين، جنهن ٻڌايو ته درگاهه جي بچاءُ لاءِ مڪ دروازو بند ڪيو ويو آهي. هن کي قلعي بابت ڪابه خبر نه هئي. قلعي جي ديوار جو مزار وارو حصو اندران مزار جي ڪري پڪو ڪيو ويو آهي ۽ هڪ ڪتبو به ان ۾ لڳل آهي، جنهن جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي. مڪي شاهه جي مزار جي ڪري هي قلعو به اوقاف کاتي وارن جي حوالي آهي.

سنڌ حڪومت جي قديمي آثارن واري کاتي کي اپيل ڪجي ٿي ته هن اهم قديمي ماڳ جي سارسنڀال ڪري، ڇو ته هي اسان جو تاريخي ورثو آهي. مڪي شاهه جي مزار کان سواءِ ٻين جعلي پيرن ( تعويذ مافيا) ۽ موالين کان قلعو خالي ڪرايو وڃي ۽ قلعي جي ٻاهران ڪباڙين جا قبضا ختم ڪرايا وڃن، اهي قلعي جي ديوار کي ڪمزور ڪري رهيا آهن. مڪ دروازي جي اڳ وارو حصو به قبضا گيرن کان خالي ڪرائي قلعي جي

سونهن ۽ سوڀيا کي بحال ڪيو وڃي ته جيئن ڪوبہ اسان جي هن قومي ورثي کي ڏسڻ وڃي ته ان کي ڏسي اتساهه وٺي سگهي.

(روزاني ايڪتا 30 مئي 2019ع)

## مددي ڪتاب


1. ڪتاب: ”جنت السنڌ“، ليکڪ: رحميد داد خان مولائي شيدائي.
2. ڪتاب: ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“ ليکڪ: اشتياق انصاري.

# نئون ڪوٽ



اسين مٺيءَ کان سڌو نئون ڪوٽ پهتاسين. پري کان ئي ڪوٽ جي مک دروازي وارا ٻئي وڏا برج خوبصورت ۽ شاندار نظر اچي رهيا هئا. وسڪاري جي موسم هجڻ ڪري ڪوٽ تي ٻہ ڄڻ ڪي ميلو لڳو پيو هو. اسان پهريان ڪوٽ جي ٻاهران فوٽوگرافي ڪئي ۽ پوءِ مک دروازي اندر گهڙي دمدمي جو جائزو ورتو جنهن ۾ سپاهہ جي رهڻ جو بدوبست ٿيل آهي. پوءِ اندرين دروازي کان ڪوٽ اندر پهتاسين.

نئون ڪوٽ ٿرپارڪر ضلعي جي تعلقي مٺيءَ جي مهاڙي ۾ ميرپورخاص کان 64 ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر مٺيءَ ويندڙ نئين شاهراهہ تي آهي. هي ڪوٽ مير ڪرم علي خان ٽالپر سن 1814ع ۾ ٺهرايو. سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ دوران ٿر تي مقامي سوڍا ئي راڄ ڪندا هئا، ليڪن ڪلهوڙن ڪي ڏن ڏيندا هئا ۽ عمر ڪوٽ جو قلعو جوڌپور جي مهاراجا جي قبضي ۾ هو. ڪلهوڙن کان بعد ٽالپرن سنڌ جون واڳون سنڀاليون تہ ٿر وارن ٽالپرن کي ڏن ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو جنهن تي ٽالپر حڪمران مير فتح علي خان طئي ڪيو تہ ٿر جا سوڍا قابوءَ ۾ ڪرڻ لاءِ ٿر ۾ ڪوٽ ٺهرايا وڃن ۽ پوءِ سڀ کان پهرين مٺيءَ ۾ سن 1785ع ۾ قلعو ٺهرايو ويو ۽ مٺيءَ تي فتح ڳڙهہ نالو رکيو ويو. ڪجهہ سپاهہ اتي رکيو ويو ۽ ڪاردار مقرر ڪري سوڍن کان پيداوار مان پنج حصا ڪري ٻہ حصا ٽالپر ڍل طور وٺندا هئا ۽ ٽي حصا سوڍن جا هوندا هئا. ان کان پوءِ شهر ٻاهران پٽ تي مورچي طور سن 1789ع ۾ ننڍو قلعو ٺهرايو ويو، جنهن جا آثار اڄ بہ مٺيءَ واري پٽ تي موجود آهن.

چيو وڃي ٿو تہ هي ٻئي ڪوٽ سن 1844ع ۾ زلزلي اچڻ ڪري ڊهي ويا، هاڻي شهر واري ڪوٽ جي جاءِ تي اسپتال آهي جيڪا ڪشمير چوڪ جي پر ۾ ٻڌائي وڃي ٿي. مٺيءَ ڪانسواءِ سن 1795ع ۾ اسلام ڳڙهہ جو قلعو ٺهرايو ويو جيڪو هاڻي اسلام ڪوٽ سڏجي ٿو. هي بہ فتح ڳڙهہ جيترو ئي ڪوٽ هو. هن جون ديوارون 30 فوٽ اوچيون ۽ چئني ڪنڊن تي برج هئا، اوڀر پاسي کان دروازو هئس ۽ ان لاءِ بہ هڪ برج

ٺهيل هو. هي قلعو ٻہ ڍهي ويو آهي ۽ ان جاءِ تي اسڪول ٺهيل آهي. هن ڪوٽ جي ٺهرائڻ ڪانپوءِ سن 1800ع ۾ چيلهار، سينگاري ۽ ڳُڏي ۾ قلعا ٺهرايا ويا. هنن سڀن قلعن جي تعمير هڪ جهڙي هئي جيڪي هاڻي سڀ ڍهي ويا آهن. چيو وڃي ٿو تہ انگريزن پنهنجي دور ۾ هنن قلعن کي پاڻ تباھ ڪيو تہ جيئن باغين جي ڪم نہ اچي سگهن، چو تہ مياڻي ۽ دبيءَ جي جنگ هارائڻ ڪانپوءِ مير شير محمد خان ٽالپر ٿر جي هنن ڪوٽن ۾ پنهنجو سپاھ ڳڏ ڪرڻ لاءِ ڦيرا لڳائيندو هو. ٿر ۾ ننڍن قلعن کي ڳڍ سڏيو ويندو آهي، ان ڪري مٺي جي پٽ جتي هاڻي تفريح گاھ ٺاهي وئي آهي، ان جي هڪ پاسي تي ننڍو قلعو ٺهيل هو جيڪو مورچي طور ڪم ايندو هو، ان ڪري ئي هن پٽ کي ڳڍي پٽ سڏيو وڃي ٿو.

هن وقت نئين ڪوٽ جو قلعو ميرپورخاص ڪان مٺي ويندڙ نئين شاهراھ تي نئون ڪوٽ شهر کان ٻاهر نڪرندي کٻي هٿ تي موجود آهي. ڪوٽ جي دروازي وارا ٻيا شاندار برج ٿر جي هن هنڌ واري سڌي زمين تي اونچي ڳاٽ سان پري کان ئي نظر اچن ٿا ۽ سندسن اونچائي ۽ مضبوطي پهرين نظر ۾ ئي ڏسندڙ کي قائل ڪري ٿي تہ هي ڪوٽ پوري ٿر جو رکوال ۽ محافظ قلعو آهي.

نئون ڪوٽ مير ڪرم علي خان ٽالپر سن 1814ع ۾ ٺهرايو. مير ڪرم علي خان 1812ع ۾ حڪومت جي مسند سنڀالي ۽ سن 1813ع ۾ جوڌپور جي راجا ڪان عمر ڪوٽ فتح ڪيو ۽ پوري ٿر تي پنهنجو ڪنٽرول پڪو ڪرڻ لاءِ سن 1814ع ۾ نئون ڪوٽ ٺهرايو. هي ڪوٽ ٿر جي ٻين قلعن کان وڏو ۽ مضبوط قلعو آهي. ڪوٽ چورس نظر اچي ٿو جنهن جي ماپ اڪثر ڪتابن ۾ ويڪر 600 فوٽ ۽ ڊيگهہ 640 فوٽ لکي آهي، ليڪن اشتياق انصاري صاحب 366 فوٽ ۽ 318 فوٽ لکي ٿو، جيڪو تمام وڏو فرق آهي. پٽين ۽ برجن جي زمين کان اونچائي 30 فوٽ آهي جنهن ۾ مٿي مارا بہ ٺهيل آهن ۽ برساتي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نيسارا ٺهيل آهن، جيڪي برجن ۽ پٽين جي خوبصورتيءَ کي واڌائين ٿا. ڪوٽ ۾ ٽوٽل 9 عدد برج آهن، چئني ڪنڊن تي برج آهن ۽ ٽن پٽين کي وچ ۾ بہ برج آهن. هنن برجن ۾ ٻاهرين دروازي جي حفاظت لاءِ هڪ وڏو برج آهي جنهن جي ٿولهہ 140 فوٽ آهي. هي برج مک دروازي کي لڪايون بيٺو آهي. هن برج کان سواءِ ٻيا برج بہ مضبوط برج آهن پر هي سڀن کان سگهارو آهي. ڪوٽ جي اندران 12 فوٽ ويڪري فصيل ڏنل آهي، جيڪا ڪوٽ ۽ برجن کي وڏي طاقت بخشي ٿي. هن ڪوٽ جي برجن جي اڏاوت تمام خوبصورت ۽ مضبوط ٿيل آهي! سڀ برج زمين تي اٽ جي پير وانگر تراکڙا ڪجهہ فوٽن کان پوءِ لهوارا ٿي مٿي اونچا ٿين ٿا. ڪوٽ جو اندريون دروازو اوپر پٽ ۾ آهي، پر هن جي ٻاهران چورس دمدمو آهي جيڪو اندران 48 ٻاءِ 40 فوٽ آهي، جيڪو اندرين دروازي جي حفاظت ڪري ٿو، جيڪو پاڻ هڪ ننڍو قلعو آهي. ٻاهريون مک دروازو هن دمدمي جي ڏکڻ پٽ ۾ آهي جنهن جي

حفاظت لاءِ ٻاهران هڪ مک وڏو برج ۽ ٻيو ڪجهه ننڍو برج آهن. هن دمدمي ڪي هڪ ٻيو برج اوپر واري پاسي آهي جيڪو دمدمي سان گڏ اوپر پٽ جي نظرداري ٻه ڪري ٿو. مک دروازي ڪان اندر ايندي ٻنهي پاسن ڪان چوڪيدارن لاءِ ڪوٺڙيون ٺهيل آهن. دروازي جي ويڪر 12 فوٽ ۽ گهٽي 20 فوٽ ڊگهي آهي جنهن مان گذري اچي دمدمي ۾ پهچجي ٿو، جنهن جي اندرين فصيل 20 فوٽ ويڪري آهي ۽ ٻن پاسن ڪان فصيل هيٺ سپاهين لاءِ بيرڪون ٺهيل آهن. بهرحال ڪوٽ جي حفاظت لاءِ جي هڪ مضبوط دمدمو آهي جنهن جهڙو سنڌ جي ڪنهن ٻي ڪوٽ ۾ نظر نٿو اچي. نئين ڪوٽ جو اندريون در ٻه 12 فوٽ ويڪرو آهي ۽ هن واري گهٽي ٻه ٻاهرين دورازي واري گهٽيءَ جيتري آهي. هن ۾ ٻه ٻنهي پاسن ڪان چوڪيدارن لاءِ ڪوٺڙيون ٺهيل آهن. گهٽيءَ ڪان ڪوٽ ۾ داخل ٿبو تہ ڪوٽ تي مٿي چڙهڻ لاءِ ٻنهي پاسن ڪان ويڪريون ڏاڪڻيون آهن، جن تان مٿي چڙهي 12 فوٽ ويڪري فصيل ۽ برجن تي وڃي سگهجي ٿو. ڪوٽ اندر وڏو خالي ميدان آهي. منڊ ۾ ڪجهه وڻن جو چانورو آهي. اندرين در ڪان ڪوٽ ۾ داخل ٿبو تہ سڄي هٿ تي پٽ جي پرسان رهائشي جاين جا ڪنڊر آهن جيڪي ٻڌائين ٿا تہ هتي مير صاحبن جي رهائش هوندي هئي، چو تہ ويڪرا ويڪرا ڪمرا ۽ پٽين ۾ ونگ ۽ دريون خوبصورت جاءِ جي آثارن جي نشاندهي ڪن ٿيون. ٻئي پاسي ڪوٽ جي ڏاڪڻي پٽ جي پرسان بارود خانو ٺهيل آهي جيڪو هڪ وڏو چورس ڪمرو آهي جنهن جي مٿان گنبذ ٺهيل آهي ۽ هڪ پاسي ڪان ننڍو محرابدار دروازو آهي جنهن ڪان سواءِ ڪا ٻه دري يا روشندان نہ آهي. هتي بارود رکيو ويندو هوندو. انهيءَ پاسي هڪ ٻيو بارود خانو ٻه آهي جنهن جي ڇت ڊهي وئي آهي. بهرحال نئون ڪوٽ ۽ ڏجيءَ جو قلعو سنڌ جا آخري تعمير ٿيل قلعا آهن جن ڪان پوءِ قلعن جي تعمير سڄي دنيا ۾ رکجي وئي چو تہ انهن جي اهيمت ختم ٿي وئي. نئين ڪوٽ جي برجن ۾ ٻه توبون رکيل هونديون هيون جن لاءِ مارا ٺهيل آهن. هڪ پيري جو ذڪر ملي ٿو تہ انهن توبن سان مير ڪرم علي خان ڪي سلامي پيش ڪئي وئي هئي.

ويجهي ماضيءَ ۾ نئون ڪوٽ زبون حال ٿي ويو هو، پٽين ۽ مورچن جا پلوڙا ڪري پيا هئا ۽ مک ٻئي دروازا ٻه پڄي پري ويا هئا. ڪوٽ جي اها حالت ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو پر هاڻي ٻه مهينا اڳ نئون ڪوٽ تي وياسين تہ خوشي ٿي. چو تہ اتي مرمت جو ڪم هلي رهيو هو. پٽين ۽ برجن جا پلوڙا مورچن سوڌو ٺهي ويا آهن. مک دروازي جي مورچن تي توب ٻه رکجي وئي آهي ۽ پراڻي طرز وارا مک دروازا ٻه لڳي ويا آهن، بنيادن جي مرمت ٻه ٿي چڪي آهي. ڪوٽ جي اندرين رهائشي جاين ۽ بارود خانن جو ڪم هلندڙ آهي جيڪو اميد آهي تہ مڪمل ٿي ويندو. هاڻي نئون ڪوٽ وري اصل حالت ۾ اچي ويو آهي جنهن کي ڏسي سرهائي ٿئي ٿي، جنهن لاءِ سنڌ جي ثقافت کاتي، آرڪيالاجي ڊپارٽمنٽ ۽ خاص ڪري سيد سردار شاهہ ۽ اڪبر لغاري صاحب ڪي

جس ڏجي ٿو جن سنڌ جي ٻين ماڳن جي سار سنڀال سان گڏ هن اهم ماڳ کي بہ بچائي ورتو آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ ويجهن ۽ ڏوراهن علائقن کان سياح اچن ٿا جيڪو اسان لاءِ انتهائي خوشي جو باعث آهي. اسان بہ ڪوٽ جي ٻاهران ۽ اندران فوٽوگرافي ڪري واپس روانا ٿياسين.

روزاني ايڪتا 10 آڪٽوبر 2019ع

## حوالا


1. ڪتاب: ”تاريخ ريگستان“، رائچند هريجن
2. ڪتاب: ”پراڻو پارڪر“، منگهارام اوجها
3. ڪتاب: ”تاريخ تمدن سنڌ“، رحيمداد خان مولائي شيدائي
4. ڪتاب: ”جنت السنڌ“، رحيمداد خان مولائي شيدائي
5. ڪتاب: ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“، اشتياق انصاري

# شهيد هوش محمد شيدي



سنڌ سونهاريءَ جي تاريخ ۾ ڪيئي بهادر پٽ، سرويچ ۽ سالار ٿي گذريا آهن جن سنڌ جي آزاديءَ جي عَلم کي اونچو رکڻ لاءِ حملا آورن سان بهادريءَ سان مقابلو ڪيو آهي، جن مان ڪن سوڀون ماڻيون آهن. ڪي وري سر گهوري سرخرو ٿيا آهن. اهڙن ارڏن ۽ اڙٻنگ جوڌن جي مک ناليوارن مان هڪ شهيد هوش محمد شيدي (قمبراڻي) به آهي.

هوش محمد قمبراڻيءَ جو والد ايراني نار جي علائقي مان غلام بڻائي اچي ڪراچي بندر تي وڪرو ڪيو ويو هو جنهن کي مير فتح علي ٽالپر پاڻ وٽ ملازم طور رکيو. مير فتح علي خان ٽالپر جو پٽ مير صوبدار خان 1791ع ۾ پيدا ٿيو ۽ ڇيو وجي ٿو ته هوش محمد سندس هم عمر دوست ۽ ساٿي هو. وڏو ٿيو ته کيس فوج ۾ ڀرتي ڪيو ويو جتي هن بندوق جي نشاني بازيءَ جي تربيت ورتي ۽ بهترين نشاني باز هئڻ ڪري کيس توبخاني جو انچارج مقرر ڪيو ويو. مير فتح علي خان جي وفات کان پوءِ سندس پڳدار پٽ مير صوبدار خان جا پنهنجن چاچن سان اختلاف ٿي پيا. هوش محمد به توبخانو ڇڏي سندس اطاليق/مشير بڻجي ويو. صوبدار خان هوش محمد جي مدد سان پنهنجو فوجي جٿو تيار ڪيو ليڪن مير مراد علي خان ساڻس جنگ ڪري کيس شڪست ڏيئي قيد ڪري وٺي اچي نظربند ڪيو ۽ هوش محمد به حڪومتي ۽ فوجي معاملن کان پاسيرو ٿي ويهي رهيو.

ٽالپر حڪمرانن جي هڪ ٻئي سان اختلافن جو فائدو وٺندي انگريزن بهاولپور جي نواب، قلات جي نواب ۽ جوڌپور جي راجا کي جابلو علائقا تحفي ۾ ڏيئي پنهنجو ڪيو ۽ اتر سنڌ ۾ مير مراد علي خان ۽ لاڙ ۾ مير صوبدار خان کي به خريد ڪري پاڻ سان

ملايو تہ جيئن سنڌ تي ڪاھ ڪجي تہ ٽالپرن کي ٻاھرين مدد بہ نہ ملي سگھي. اندران بہ غداري ڪرائي وجي. ٽالپرن جي فوج مان ڏاريا اهلڪار توبخاني جو انچارج جان هاويل ۽ ٻئي فوجي آفيسر سائمن کي بہ خريد ڪري پاڻ سان ملائي ڇڏيو. (دادا سنڌيءَ جو لکيل ڪتاب: سنڌين جي فوجي مهارت صفحو 78-79)

1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي ڪاھ ڪئي تہ خيرپورميرس جي حڪمرانن ساڻن معاهدو ڪري پنهنجي جان ڇڏائي ۽ انگريز فوج جيڪا بمبئيءَ جي ڇانوٽيءَ مان چارلس نيپئر جي اڳواڻيءَ ۾ آئي، اها اچي سنڌ جي مرڪز حيدرآباد ٻاهران مياڻيءَ جي ميدان تي پهتي. انگريز فوج جو تعداد 2800 هو ۽ هنن وٽ 12 توبون هيون ۽ سندن مدد لاءِ ڪجھ ميلن جي مفاصلي تي چاندين جو سردار پنهنجي 10000 ويڙهاڪن جي لشڪر سميت اچي پهتو ۽ ڇانوٽي هڻي وينو.

حيدرآباد جو ٽالپر حڪمران مير نصير خان شهداداڻي پنهنجي لشڪر سميت 16 فيبروريءَ تي اچي مياڻيءَ جي ميدان تي پهتو جنهن جي لشڪر ۾ سپاھ جو تعداد 22000 هو ۽ هنن وٽ 15 عدد توبون هيون. 17 فيبروريءَ تي جنگ لڳي جنهن جي شروعات ۾ ئي توبخاني جو انچارج جان هاويل توبن سان انگريزن جي فوج تي گولا هلائڻ بجاءِ توبن جا منهن مٿي ڪرائي هوا ۾ فائر ڪرائيندو رهيو. سندس اها چال بازي ظاهر ٿي پئي تہ هن بارودخاني کي باھ لڳرائي ڇڏي، جو تہ هو اندروني طور انگريزن سان مليل هو، هن غداري ڪري انگريزن کي توبخاني تي قبضو ڪرايو. سنڌي فوج جا گهوڙي سوار ۽ پيادا بهادريءَ سان وڙهندا رهيا ۽ انگريزن جي بندوقن ۽ توبن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيندا رهيا. اهڙي صورتحال ڏسي سنڌي فوج جو سالار مير نصير خان شهداداڻي هلندڙ جنگ مان 1100 سپاهي وٺي ميدان مان کسڪي ويو، جنهن کان پوءِ انگريز فوج بيدرديءَ سان سنڌي سپاھ کي قتل ڪيو، جيڪي سچ لهڻ تائين بهادريءَ سان وڙهندا رهيا.

ٻئي ڏينهن 18 فيبروريءَ تي مير نصير خان پنجن ميرن سميت پيش پئي پنهنجون تلوارون انگريز جرنيل جي اڳيان زمين تي رکيون ۽ کيس ساٿين سميت قيد ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح انگريزن چالبازي ۽ مڪاريءَ سان سنڌ جو مرڪز فتح ڪيو.

ميرپور جو ٽالپر حڪمران مير شير محمد ماڻڪاڻي پنهنجو لشڪر گڏ ڪري حيدرآباد کان ڇهن ميلن جي مفاصلي تي دبي (دو آبو) وٽ اچي ڇانوٽي هڻي وينو. مياڻيءَ جي جنگ هارائڻ کان پوءِ جيڪي سنڌي سپاهي بچيا اهي بہ اتي اچي ساڻس مليا. نواب احمد خان لغاري بہ پنهنجي سپاھ سميت اچي پهتو. هوش محمد قمبراڻي بہ سنڌ جي آزادي ۽ ناموس جي بچاءَ لاءِ پنهنجي ساٿين سميت اچي مير شير محمد خان سان گڏيو. هن بهادر سپاهيءَ کي سنڌ تي انگريزن جو قبضو برداشت نہ پئي ٿي سگهيو.

مير شير محمد جي وڏنڊڙ طاقت ڏسندي انگريز 5000 فوج وٺي اچي دبي وٽ پهتا. مير شير محمد وٽ 25000 سپاهي موجود هو. 24 مارچ 1843ع تي جنگ لڳي جيڪا 3 ڪان 4 ڪلاڪ جاري رهي. هن جنگ ۾ هوش محمد توبخاني جو سالار هو ۽ هن وڏي بهادري ۽ حڪمت عمليءَ سان جنگ وڙهي. انگريزن جو سنڌي توبخاني تي گهڻو توجهه هو، ڇو ته هوش محمد سنڌن گهڻو نقصان ڪري رهيو هو. نيٺ انگريزن ڇتي گولا باري ڪري هوش محمد جي بارودخاني کي باهه لڳائي ڇڏي. سنڌي فوج دوبدو تمام بهادريءَ سان وڙهي رهي هئي. بارود خاني سڙي وڃڻ کان پوءِ به هوش محمد وڙهندو رهيو ۽ مير شير محمد کي ٻي جنگ جي تياريءَ لاءِ ميدان مان نڪري وڃڻ لاءِ چيو ويو ۽ پوءِ سنڌي فوج جي سڌي طرح سالاري هوش محمد ڪئي. سنڌي سپاهه بهادريءَ ۽ بيخوفيءَ سان سنڌ وطن لاءِ ويڙهه ڪئي ۽ هوش محمد به آخر ۾ تلوار سنڀالي ڇو ته سندس بارود سڙي تباهه ٿي ويو هو ۽ انگريزن جون توبون سنڌي سپاهين کي ناس ڪري رهيون هيون. هوش محمد ”مر ويسون مر ويسون سنڌ نه ڏيسون“ جا نعرا هڻندي هڻندي نيٺ هڪ آئرش سپاهيءَ هٿان شهيد ٿيو، جنهن کان پوءِ جنگ ختم ٿي ويئي ۽ سنڌ انگريزن جي غلاميءَ ۾ اچي ويئي. ٻنهي جنگين ۾ سنڌ جي هارائڻ جو سبب اندروني مخالفتون، گڏيل حڪمت عمليءَ جي اڻهوند، پنهنجن ۽ خاص ڪري ڏارين فوجي آفيسرن جي غداري هو، باقي طاقت ۽ بهادريءَ ۾ سنڌي گهٽ ڪونه هئا.

ٻنهي جنگين ۾ ٽالپرن جي فوج ۾ جيڪي ذاتيون ۽ قبيلا هئا، انهن ۾ ٽالپرن مان شهداڻي، ماڻڪاڻي، خاناڻي، شهواڻي ۽ ٻين ذاتين مان نظاماڻي، لغاري، جوکيا، ڪٽياڻ، پتافي، جمالي، بوزدار، مري، چانگ، لاشاري، ڪپري ۽ شيدي شامل هئا. (صفحو 74. سنڌين جي فوجي مهارت دادا سنڌي)

مياڻيءَ جي جنگ ۾ سنڌي شهيدن جو تعداد 2000 انگريز فوجي مارجي ويل جو تعداد صرف 39 هو، دبي جي جنگ ۾ سنڌي شهيدن جو تعداد 5000 هو.

شهيد هوش محمد جي پونئيرن ۾ سندس پٽ داد ڪريم، پوٽو بچل ۽ ٻيا ٽنڊي نوڙهي ۾ آباد آهن. (ڪتاب قديم سنڌ، ليکڪ مرزا قليچ بيگ)

شهيد هوش محمد جي شهادت کان پوءِ سندس ساٿين ۽ پرستارن لاش کڻائي اچي مياڻيءَ جي ميدان پرسان پنهنجي ڳوٺ ٻاهران دفنايو ۽ قبر مٿان هڪ ڪچو ڪمرو به ٺهرايو، جتي هاڻي سنڌ ثقافتي کاتي پاران خوبصورت مقبرو ٺهرايو ويو آهي جنهن لاءِ ثقافت کاتي جي وزير سيد سردار شاهه صاحب خاص اُپاءَ ورتا: ڪيس جس هجي ته هن سنڌ جي بهادر سالار هوش محمد شيديءَ (قمبراڻي) جو شانائتو مقبرو جوڙايو، جتي سنڌ جا عاشق هن بهادر سالار کي سلام پيش ڪندا رهندا آهن.

ڪيئي سال اڳ آئون شهيد هوشو شيديءَ جي مزار تي ويو هوس ته سندس مزار مٿان هڪ ڪچو چورس ڪمرو اڏيل هو، جنهن وچ تي شهيد جي مزار ۽ هڪ پاسي تي

هڪ ٻي ننڍي قبر به هئي جنهن لاءِ ٻڌايو ويجي ٿو ته هن ڳوٺ جي وڏيري جي آهي، هن وصيت ڪئي هئي ته ڪيس شهيد جي پرسان دفنايو وڃي. هاڻ ويجهڙ ۾ پياري دوست منور خاصخيلي سان گڏ حيدرآباد جو ڪچو قلعو گهمڻ ڪان پوءِ ميرپورخاص واري هاءِ وي تي اچي ٿول پلازا ڪان ڪابي هٿ تي هڪ لنڪ روڊ تان هلندي سڌو مياڻيءَ جي تاريخي قبرستان جنهن ۾ مياڻيءَ جي جنگ ۾ شهيد ٿيل سنڌ جي سرويچن سان گڏ انگريز سپاهين جون به اجتماعي قبرون آهن، جن تي انگريزن پاران هڪ پٿر جو پڪو يادگار نهيل آهي، جنهن تي دفن ٿيل انگريز سپاهين جا نالا به لکيل آهن، (جن تي اسان واپسيءَ ۾ آياسين) هن قبرستان ڪان ٿورو اڳتي شهيد هوشو شيدي جي مزار آهي جنهن تي حاضري ڀري سون.

(روزاني ايڪتا - 13 جون 2019ع)

## مددي ڪتاب


1. ڪتاب: ”سنڌين جي فوجي مهارت“، ليکڪ: دادا سنڌي
2. ڪتاب: ”قديم سنڌ“، ليکڪ: مرزا قليچ بيگ.

# حر تحريڪ تي هڪ نظر



شهيد صبغت الله شاهه ثاني عرف سورهيه بادشاهه ۽ سندس حر تحريڪ کان ته هر ڪوئي واقف آهي پر هن قومي هيري ۽ قومي تحريڪ جي پوري حقيقت اڃا تائين عام نه ٿي سگهي آهي. هيءَ تحريڪ سنڌ جي انگريز سامراج خلاف مڪمل آزاديءَ جي تحريڪ هئي ۽ هن تحريڪ بابت اهو چوڻ ته هيءَ تحريڪ هڪ گروهي تحريڪ هئي ۽ سورهيه بادشاهه کي سنڌ جو بادشاهه بڻائڻ لاءِ هلائي ويئي هئي يا هن تحريڪ کي ڇڙواڳ ڌاڙيلن جي تحريڪ چوڻ سراسر غلط آهي ۽ اها غلط پروپيگنڊا انگريزن پاران هلائي ويئي هئي ۽ ان لاءِ سنڌ جا سوين وڏيرا ۽ هزارين پروپيگنڊا جا ماهر ايجنٽ انگريز سرڪار پاران مقرر ڪيا ويا هئا.

راشدي خاندان پير محمد راشد (روضي ڌڻي) صاحب کان شروع ٿئي ٿو، جنهن سنڌ جي هڪ وڏي حصي ناري، ٿرپارڪر، سانگهڙ، اڇڙي ٿر، جيسلمير، ڪڇ ڀڄ، راجستان ۽ ڪاٺياواڙ تائين واهڻ، وستي، جهنگ، جهر، ٿر ۽ بر جهاڳي توحيد جي دعوت ڏني ۽ وڏي جماعت قائم ڪئي. پير صاحب جن جو فلسفو هو ته ”انسان آزاد آهي ۽ الله پاڪ ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جو غلام نه آهي ۽ انسان کي پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جو شعور هئڻ کپي ته هو هن دنيا ۾ اشرف المخلوقات بڻجي آيو آهي ۽ الله پاڪ جو نائب بڻجي آيو آهي، انسان کي ڪنهن ٻي انسان جو غلام ٿيڻ لاءِ نه پيدا ڪيو ويو آهي.“ هن جماعت ناهڻ لاءِ پير صاحب (محمد راشد روضي ڌڻي) جهر جهنگ وڃي عوام ۾ آزاديءَ لاءِ، انسانيت لاءِ، جاني، مالي قرباني ڏيڻ جو جذبو پيدا ڪيو، جنهن جي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان هيءَ جماعت جڙي ۽ هن جماعت ايثار ۽ قربانيءَ جا ڪيئي مثال قائم ڪيا ۽ سندس نالي جي نسبت سان سندس اولاد راشدي خاندان سان مشهور ٿيو. سنڌ جو هي سيد

خاندان 200 سالن کان سنڌ جي آزاديءَ ۽ ناموس لاءِ سڌي طرح ويڙهه وڙهندو رهيو آهي پر سنڌي قوم کي ان کان بيخبر رکيو ويو آهي ۽ سنڌي نصابي ڪتابن ۾ اورنگزيب عالمگير ۽ ٽيپو سلطان جا قصا ته پڙهايا پيا وڃن پر حر جماعت، راشدي خاندان ۽ انهن کان اڳ جي سنڌ جي سورمن جي بهادري ۽ جرئتمنديءَ کي ڄاڻي واڻي لڪايو پيو وڃي.

راشدي خاندان جو شجرو امام موسيٰ ڪاظم سان ملي ٿو، جنهن جي پشت مان ”سيد علي مڪي شاهه“ سنڌ ۾ آيو ۽ اڄ جي ”لڪي شاهه صدر“ واري علائقي ۾ رهائش اختيار ڪيائين. هن صاحب کي سنڌ ۾ وڏو اولياءُ مڃيو وڃي ٿو. سيد علي مڪي شاهه جي پشت مان شاهه صدرالدين پيدا ٿيو جنهن جي نالي جي نسبت سان هن ڳوٺ جو نالو ”لڪي شاهه صدر“ مشهور ٿي ويو ۽ سندس ئي خاندان مان سيد محمد بقا شاهه ”شهيد“ هو، جنهن کي پَٽَ ڌڻي به چيو ويندو هو ۽ پوءِ سيد محمد راشد شاهه ”روضي ڌڻي“ جنهن جي اولاد راشدي سڏجڻ لڳي ۽ بن حصن ۾ ورهائجي هڪ پير پاڳارو خاندان ۽ ٻيو پير جهنڊي وارا سڏجڻ لڳا.

پاڳاري خاندان جي گادي نشينن جي ترتيب هن ريت آهي:

1. سيد صبغت الله شاهه راشدي (پهريون) ”تجر ڌڻي“
2. سيد علي گوهر شاهه (پهريون) ”بنگلي ڌڻي“
3. سيد حزب الله شاهه ”تخت ڌڻي“
4. سيد علي گوهر شاهه (ٻيو) ”معفي ڌڻي“
5. سيد شاهه مردان شاهه (پهريون) ”ڪوٽ ڌڻي“
6. سيد صبغت الله شاهه (ٻيو) ”شهيد سورهيه بادشاهه“
7. سيد شاهه مردان شاهه ”ڇَتَ ڌڻي“
7. سيد صبغت الله شاهه (ٽيون) موجوده پير پاڳارو.

حر جي معنيٰ آزاد ۽ حر تحريڪ جنهن جو بنياد سيد صبغت الله شاهه راشدي (پهريون) رکيو ۽ هن پنهنجي فڪر ۽ فلسفي سان اهڙا ته حُرَ تيار ڪيا جيڪي مرشد جي حڪم تي جان ڏيڻ لاءِ تيار هوندا هئا. اهڙو جذبو اڄا تائين به حرن ۾ موجود آهي ۽ انهيءَ ئي جذبي هن جماعت کي هڪ اهڙي جماعت بڻائي ڇڏيو جنهن جي بهادري، سچائي، قرباني، وفاداري ۽ اڳواڻ جي حڪم جي تعميل ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو مثال پوري برِصغير ۾ مثال طور پيش ڪيو وڃي ٿو. هن جماعت وارا تحريڪن دوران اهڙي ته جنگي حڪمت عمليءَ جو مظاهرو ڪندا رهيا جو انگريز فوج اعليٰ تربيت يافته هجڻ جي باوجود حرن کان هارائي ويهندي هئي.

ان وقت پوري پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جي اڪثر علائقن تي سکن جي حڪومت هئي ۽ رنجيت سنگهه اتان جو بادشاهه هو، جيڪو مسلمانن تي ڏاڍا ظلم ڪندو هو ۽ هن جي ساٿين ۽ ٻين سکن کان مسلمان مرد توڙي عورتون ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار

ٿيندا رهندا هئا ۽ ڪين ڪوبہ انصاف ڏيارڻ وارو ڪونہ هو. اهڙي صورتِحال ۾ ”سيد احمد شهيد“ انهن مظلوم مسلمانن کي سکن جي ظلمن کان نجات ڏيارڻ جو فيصلو ڪري موجوده ”پختونخواهہ“ واري علائقي کي پنهنجو مرڪز بڻائي هڪ تحريڪ شروع ڪئي ۽ مدد حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ آيو. سيد احمد شهيد 24 جون 1826ع تي پيرجوڳوٺ اچي پير صبغت الله شاهہ (پهرين) تجر ڌڻيءَ سان ملاقات ڪئي. پير صاحب سنڌ جي روايتي انداز ۾ سندس پرجوش آجيان ڪئي ۽ سندس هلايل تحريڪ جي مڪمل حمايت ۽ مدد ڪرڻ جو واعدو ڪندي چيو تہ پنجاب جي مسلمانن کي سکن کان نجات ڏيارڻ لاءِ اوهان جي ڀرپور مدد ڪئي ويندي. پوءِ جڏهن سيد احمد شهيد سکن سان ويڙهہ شروع ڪئي تہ 1829ع ۾ پير صاحب ٽي سَؤ حر مجاهد پنجابي مسلمانن کي سکن کان نجات ڏيارڻ لاءِ  موڪليا جيڪي سکن خلاف بالاڪوٽ ۽ اڪوڙهہ جي جنگي محاذن تي دليريءَ سان وڙهندا رهيا ۽ وڙهندي وڙهندي سيئي شهيد ٿي ويا. سندن جرئت ۽ بهادريءَ جي ڌاڪ پوري برِصغير ۾ ويهجي ويئي جنهن جا مثال ڏنا وڃن ٿا. حر مجاهدن جي بهادري  وڏي شهرت ماڻي. ان پهرين تحريڪ جي سرواڻ سيد صبغت الله شاهہ راشدي (پهريون) تجر ڌڻيءَ 1831ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مسند تي سيد علي گوهر شاهہ (پهريون) بنگلي ڌڻي گادي نشين ٿيو جنهن جي مسند نشينيءَ ۾ حر تحريڪ ماٺي رهي.

ٻيهر حر تحريڪ 1890ع ۾ ان وقت جي پير پاڳاري سيد حزب الله شاهہ ”تخت ڌڻيءَ“ جي اڳواڻيءَ ۾ شروع ٿي جيڪا سڌي طرح انگريز حڪومت جي خلاف هئي. هن تحريڪ دوران بہ حر مجاهدن دليري ۽ جرئت منديءَ سان انگريزن کي للڪاريو ۽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ همت ۽ بهادريءَ سان انگريز فوجن سان وڙهندا رهيا، ليڪن رابطي جي کوٽ هجڻ ڪري هيءَ تحريڪ ڇڙوڇڙ هئي ۽ ان جي مقابلي ۾ انگريز فوج منظم هئي، حڪومت وٽ وسيلا هئا ۽ جديد هٿيار هئا. جڏهن تہ حر مجاهد پنهنجي سادن هٿيارن سان پنهنجي وطن سنڌ جي آزاديءَ ۽ ناموس لاءِ جذبي جي آڌار تي وڙهندا رهيا. هن تحريڪ ۾ حر تحريڪ جو ڪمانڊر حر مجاهد دريا خان نظاماڻي هو جنهن ڪيترن ئي هنڌن تي انگريزن سان مهاڏو اٽڪايو ۽ انگريز فوج سان وڙهندي ساٿين سميت شهيد ٿي ويو. تحريڪ جي هن مرحلي ۾ بہ حر جماعت جو وڏو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو، جنهن ۾ ڪيئي ڪونڌر شهيد ٿي ويا جن جو تفصيل ملي نہ سگهيو آهي، ڇو تہ ان کان پوءِ بہ حر جماعت حالتِ جنگ ۾ رهي ۽ ليڪ بہ گهٽ هئا جيڪي انگريزن جي پَوَ کان هنن سنڌ جي سپوتن جا انگ اکر بہ رڪارڊ تي نہ آڻي سگهيا.

ٽيون ڀيرو حر تحريڪ ڇهين پيرپاڳاري سيد علي گوهر شاهہ (ٻيو) ”معفي ڌڻي“ جي دور ۾ 96-1895ع ۾ شروع ٿي. هن تحريڪ جا سرواڻ بچو بادشاهہ ۽ پير وزير هئا ۽ هنن سان ٻارهن ٻيا بهادر ساٿي بہ هئا جن کي ”ڀهروٽيا“ چيو ويندو هو. هيءَ تحريڪ

اڳين ٻن تحريڪن کان وڏيڪ سگهاري تحريڪ هئي. بچو بادشاهه ذات جو خاصخيلي هو ۽ پيرو وزير وساڻ هو، هنن ٿرپارڪر ضلعي جي ڪجهه حصي تي آزاد حڪومت جو اعلان ڪيو جيڪو انگريزن لاءِ وڏو چئلينج هو.



بچو بادشاهه پنهنجي ٻارهن ساٿين سميت جيڪا تحريڪ هلائي، ان جو هيڊڪوارٽر موجوده سانگهڙ ضلعي ۾ مکي ٻيلي، خاص طور تي مکي ڍنڍ کي بڻايو. هن ڍنڍ ۾ ڪيئي ٻيٽاريون هيون جن ۾ گهاٽا ٻيلا هئا جيڪي حر مجاهدن جي پناهه گاهه هئا. بچو بادشاهه پنهنجي آزاد حڪومت کي سانگهڙ سرڪار جو نالو ڏنو ۽ اعلان ڪيو ته جيڪو به انگريز سرڪار جي مدد ڪندو يا حر مجاهدن جي جاسوسي ڪندو ان کي قتل ڪيو ويندو. هن اعلان جنگ ڪانپوءِ سانگهڙ جي هن علائقي مان انگريزن جون پوليس چوڪيون خالي ٿي ويون، سندن سپاهي ٿاڻا ۽ چونڪيون ڇڏي ڀڄي ويا ۽ بچو بادشاهه خوف ۽ دهشت جي علامت بڻجي ويو پر بچو بادشاهه ۽ سندس ساٿين ڪڏهن به ڪنهن غريب سان ظلم نه ڪيو. سندن ڪارروايون هميشه انگريزن جي جاسوسن ۽ انهن وڏيرن خلاف هونديون هيون جيڪي انگريزن جا ساٿاري هوندا هئا، پر انگريزن جا چاڙتا ڌاڙا ۽ ڦرون ڪري حرن کي بدنام ڪرڻ ۽ انهن خلاف فوجي ڪارروائي ڪرڻ جو جواز پيدا ڪندا رهندا هئا.

بچو بادشاهه جي والد جو نالو وريام خاصخيلي هو ۽ بچو بادشاهه 1860ع ۾ سانگهڙ جي علائقي منڙائو ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. سندس ڳوٺ انگريزن جي ڪارروائي ۾ تباهه ٿي ويو ۽ اهي زمينون انگريزن پنهنجن وفادار فوجين کي انعام طور ڏنيون ۽ هن هنڌ تي هاڻي چڪ نمبر 39 جو واٽر ڪورس قائم آهي.

بچو بادشاهه انگريزن خلاف هلايل هن تحريڪ ۾ انگريزن جي وفادار ان وقت جي رياست خيرپور تي به ڪيئي حملا ڪيا، جن مان هڪ وڏي حملي ۾ واليءِ رياست مير مراد علي ٽالپر ڀڄي جان بچائي ۽ هڪ ٻي حملي ۾ مير مراد علي ٽالپر جو خاص منظور نظر ۽ انگريز جو وفادار وڏيرو ڇتل خان پرڳڙي مارجي ويو. اهڙي ئي ٻي حملي ۾ انگريزن جو خاص جاسوس جوالا سنگهه به مارجي ويو. بچو بادشاهه جي اهڙين ڪاروائين جي ڪري انگريزن پنهنجي وفادارن کي بچائڻ لئه بچو بادشاهه کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ پهريان سندس والد کي گرفتار ڪيو جيڪو جيل ۾ انگريزي فوج جي تشدد ۾

شهيد ٿي ويو پر بچو بادشاهه پيءُ جي شهادت ڪانپوءِ هيٺو ٿيڻ جي بجاءِ انگريز فوجن تي حملا وڌائي ڇڏيا ۽ انگريز فوج مڪيءَ جي ٻيلي ۾ لهي بچو بادشاهه خلاف ڪارروائي ۾ ڪامياب حاصل نہ پئي ڪري سگهي. مڪي ٻيلي تي جڏهن بہ انگريز فوج چڙهائي ڪئي تہ سندن تعداد هزارن ۾ هوندو هو ۽ مقابلي ۾ چند حر مجاهد هوندا هئا، پوءِ بہ فوج سوين سپاهي مارائي ناڪام واپس ٿيندي هئي تہ ٻي طرف بچو بادشاهه جا بہ ٿي حر مجاهد شهيد ٿيندا هئا.

ان ڪري انگريز فوج سانگهڙ جي علائقي ۾ وڃڻ ڪان ڪيٻائڻ لڳي تہ انگريزن وري سنڌ ڪان ٻاهر جي فوج حر تحريڪ کي ڇيڀاڙڻ لاءِ گهرائي بمبئي، بڙودي ۽ ٻين علائقن جا ڪمشنر ۽ ٻيا وڏا آفيسر اچي سنڌ ۾ گڏ ٿي. هن تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي تيار ڪرڻ لڳا. بچو بادشاهه تي دٻاءُ وڌائڻ لاءِ سندس مرشد ڇهين پير پاڳاري سيد علي گوهر شاهه ٻئي معفي ڏٽيءَ کي گهرائي گرفتار ڪيو ويو ۽ پير صاحب تي زور ڀريو ويو تہ هو پنهنجي مريد بچو بادشاهه ۽ سندس ساٿين کي گرفتاري ڏيڻ لاءِ راضي ڪري پر پير پاڳاري مجبور هوندي بہ هڪ تاريخي فيصلو ڪري حر مجاهدن ڏانهن پنهنجي هڪ ملازم هٿان نياپو ڪيو تہ "آءٌ اوهان سمورن فقيرن کي آزاد ٿو ڇڏيان تہ وڙهي سر ڏيو يا چاهيو تہ انگريزن آڏو پيش پئو." مرشد جو حڪم پيرو وزير تائين پهتو تہ هن جهوڙي لئي واري ماڳ تي اچي پنهنجي ساٿين کي گڏ ڪيو ۽ مرشد جو فيصلو ٻڌائي هڪ ليڪو پَٽَ تي ڪڍي چيائين تہ سر ڏئي سرها ٿيڻ وارا هن پاسي ٿين ۽ پيش پوڻ وارا ٻئي پاسي ويهن، ليڪن هنن سڀن ساٿين انگريزن سان ويڙهہ وڙهي سنڌ تان سر گهورڻ جو وچن ڪيو ۽ پوءِ ڏار ڏار ماڳن تي انگريزن سان وڙهندي ڪي شهيد ٿيا تہ ڪي گرفتار ٿي ڦاهيءَ چڙهي مرشد سان وفاداري نڀائيندي سنڌ ڌرتيءَ تان قربان ٿيا.

بچو بادشاهه لاءِ ڇيو وڃي ٿو تہ سندس خلاف ٻاهران ڪمانڊو گهرائي خاص فوجي آپريشن ڪيو ويو. هن جا ساٿي "ڀهروٽيا" مقابلن ۾ شهيد ٿيندا ويا ۽ سندس گهر واريءَ کي بہ گرفتار ڪيو ويو، جنهن ڪانپوءِ 7 مئي 1898ع تي بچو بادشاهه خيرپور رياست جي وزير سردار محمد يعقوب جي سامهون گرفتاري ڏني ۽ سندس هڪ ڀهروٽيو ساٿي عيسيٰ ڏاهري بہ هالا ٽاڻي تي پيش پيو ۽ پوءِ هنن ٻنهي حر مجاهد ساٿين کي اسپيشل ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي انگريز فوجي جج مسٽر هارٽ ڊيويز پاران موت جي سزا جو فيصلو ڏنو ويو ۽ ٻنهي ڄڻن کي سانگهڙ ۾ عام ماڻهن سامهون ڦاهي ڏئي شهيد ڪيو ويو ۽ ٻنهي ڄڻن جا لاش سانگهڙ ڪان جهول ويندڙ رستي جي وچ ۾ دفنايا ويا تہ جيئن هر انسان ۽ جانور جي لتاڙ ۾ رهن ليڪن پوءِ حر مجاهدن سندن لاش اتان ڪڍي ڪنهن ٻئي هنڌ دفنايا، جنهن جي خبر پئجي نہ سگهي آهي.

بچو بادشاهه جي اڳواٽيءَ ۾ هلايل هن تحريڪ جا به خاص انگ اکر يا صحيح سن ۽ تاريخون نٿيون ملن، جنهن ڪري ليڪڪن مختلف تاريخون ۽ سن لکيا آهن. بچو بادشاهه جي تحريڪ دوران ۽ سندس شهادت کانپوءِ به حر جماعت ۽ هن علائقي تي انگريز سرڪار جو ظلم ۽ ڏاڍ جاري رهيو جنهن ڪري هنن سنڌ جي سپوتن جي ڪا به يادگار نه آهي، ڇو ته سندن ڳوٺ به انگريز فوج جي ڪارروائين ۾ تباهه ٿي ويا ۽ سندن مائٽن تي به ظلم جا پهاڙ ڪيرايا ويا، تنهن هوندي به ”ٻهروٽين“ ڪي بهادريءَ جي علامت طور ياد ڪيو وڃي ٿو. (هاڻوڪي دور ۾ ايم پي اي فقير وريام خاصخيلي شهيد بچو بادشاهه جي اولاد مان آهي) هي ته ”ٻهروٽيا“ هئا ليڪن هنن سان ٻيا ڪيئي حر مجاهد گڏ هئا جيڪي آزاديءَ جي جنگ وڙهندي تاريخ جي اونداهين ۾ گم ٿي ويا.

## سيد صبغت الله شاهه ثاني (سورهيه بادشاهه)

بچو بادشاهه جي شهادت کانپوءِ حر تحريڪ ڪي سختيءَ سان ڪچليو ويو ۽ اها ڪيئي سال ماني رهي. سيد صبغت الله شاهه ثاني (سورهيه بادشاهه) سندن ولادت 13 صفر سن 1327هه ۾ ٿي، جنهن کان پوءِ 12 سالن جي عمر ۾ پنهنجي والد شاهه مردان شاهه جي وفات بعد 1922ع ۾ پير پاڳارو ٿيو. سندن ننڍي عمر هئڻ ڪري، هڪ طرف سندس ويجهن ۽ وڏن عزيزن کي اميد ٿي ته هيءُ ننڍڙو پير پاڳارو سندن صلاح سان اُٿندو ويهندو ۽ انهيءَ ڪري سندن ذاتي اثر رسوخ ۾ پڻ واڌارو ٿيندو. ٻئي طرف انگريز حڪومت جي هوشيار ڪارپردازن سوچيو ته هن ننڍي پير تي اثر وجهي سندس نشونما اهڙي نموني سان ڪجي، جيئن هو خانداني روايات کان منهن موڙي انگريزن جو دوست ۽ وفادار ٿي رهي. ٽئين طرف دربار جي جهونن خدمتگارن ۽ جماعت جي ڪن وڏن خليفن کي آسرو ٿيو ته هو پير صاحب کي پنهنجي مرضيءَ موجب هلائيندا مگر، ننڍي هوندي کان ئي صبغت الله شاهه جي شخصيت ۾ هڪ خاص انفراديت هئي: هو هڪ آزاد طبع جو مالڪ هو، جنهن کي خارجي ضابطن خلاف نفرت هئي؛ هو پنهنجو پاڻ سوچيندڙ هو، انهيءَ ڪري مشورن کي محض مشورا ڪري ٿي ڄاڻائين ۽ ٻين جي صلاحن کي جيئن جو تيئن مڃڻ لاءِ تيار نه هو. ذاتي طور هو هڪ جرائتمند، جفاڪش ۽ محڪم ارادي جو مالڪ هو. سندس شخصيت ۽ ڪردار جو روح خوداعتمادي ۽ ارادي جي مضبوطيءَ ۾ سمايل هو. ٻئي ڪنهن شخص جي حالت ۾ ننڍي وهيءَ ۾ انهن وصفن جو هجڻ باعث غنيمت بنجي ها پر پير پاڳاري سيد صبغت الله شاهه لاءِ اهي خوبيون آزمائش جو سامان ڪٽي آيون. خدمتگار ۽ خليفا ڪٽي خاموش رهيا پر ويجهن عزيزن توڙي انگريزي حڪومت جي ڪارپردازن جون اُميدون پوريون نه ٿيون. پير صاحب پنهنجن عزيزن توڙي انگريزي حڪومت جي آفيسرن جي اشارن موجب هلڻ کان صاف انڪار ڪيو. انهيءَ ڪري اهي ٻئي طرف هن ننڍي پير پاڳاري جا مخالف ۽ هڪ

ٻئي جا دوست ٻڻجي پيا. پير پاڳاري ٿيڻ بعد سيد صبغت الله شاهه هڪ ڀيري سنڌن چاچي مرحوم پيرپاڳاري جناب علي گوهر شاهه ثانيءَ جي نالي انگريزن طرفان مليل ڪو آفرين نامو فريم ۾ بنگلي جي پٽ تي ٽنگيل ڏٺو. چيائون ته ’اسان جا وڏا ڪهڙا نه سادا هئا: خدا تعاليٰ سنڌن ذاتي عزت ايترو بلند ڪئي، پر تنهن هوندي به هي رکي ڇڏيا اٿن،‘ ائين چئي، اُهو آفرين نامو ۽ فريم لهرائي ڀڃائي ڇڏيائون.

اها ڳالهه به انگريز سرڪار تائين وڃي پهتي ۽ پوءِ هڪ سازش ناهي 1929ع ۾ پير صاحب کي پيرڳوٺ مان گرفتار ڪيو ويو. الزام لڳايو ويو ته هن هڪ نوجوان کي اغوا ڪري پنهنجي ڪوٽ ۾ رکيو ۽ غيرقانوني هٿيار ۽ گولا بارود به هٿ آيا آهن. اهو ڪيس روهڙيءَ جي سول ڪورٽ ۾ هليو. پير صاحب پاران وڪيل محمد علي جناح صاحب هو، جنهن ٻن شنوائين کان پوءِ ورتل في واپس ڪري ڪيس وڙهڻ ڇڏي ڏنو ۽ سرڪار پير صاحب کي هيسائڻ لاءِ 8 سالن جي سزا ڏيئي هندستان جي رتناگري جيل موڪلي ڇڏيو ۽ حر مجاهدن کي سخت سزائون ڏنيون ويون. پير صاحب جي گرفتاريءَ ۽ سزا ڏيڻ ۽ حرن تي ظلم ڪرڻ ڪري نفرت وڌي ويئي.

پير صاحب کي رتناگري جيل مان مدناپور مرڪزي جيل ۾ موڪليو ويو. ان دوران پير صاحب جون بنگال جي قومپرست اڳواڻ سڀاش چندربوس ۽ ٻين آزاديءَ جي اڳواڻن سان رابطا ۽ ملاقاتون به ٿيون ۽ پير صاحب جن پاڻ انگريزن کان پنهنجو ملڪ آزاد ڪرائڻ لاءِ گوريلا ويڙهه وڙهڻ جو پڪو پهه ڪيو.

پير صاحب 25 نومبر 1936ع تي سزا ڪاٽي آزاد ٿي آيو ۽ هن حر مجاهدن کي منظم ڪري هڪ جماعت ناهي، جنهن کي ”فرق وارا“ ڪوٺيو ويندو هو. هنن جو نعرو هو وطن يا ڪفن، آزادي يا موت، هن جماعت جي غازين کي گوريلا ويڙهه وڙهڻ لاءِ تربيت به ڏياري ويئي ۽ راجپوتانا رياست جي حڪمرانن حرن جي تحريڪ لاءِ هٿيار ڏيڻ جي به مدد ڪئي. (ص 73 حر گوريلا تحريڪ)

جماعت کي سختيءَ سان تاڪيد ڪيو ويو ته جماعت جي اندر ان يا ٻاهريون ڪوبه دشمن لاءِ مخبري ڪري ته اهو موت جو حقدار هوندو. اهڙا سخت فيصلا ڪري پير صاحب حر مجاهدن کي پورو پروگرام ڏيئي هدايتون ڪيون ته تحريڪ منهنجي گرفتار ٿيڻ تي رڪجي نه بلڪ پنهنجي پروگرام موجب هلندي رهي. حر مجاهد غازين انگريز فوج ۽ پوليس جي چوڪين تي حملا شروع ڪري ڇڏيا ۽ ان سان گڏ مخبرن کي سيڪت ڏيڻ شروع ٿي ويئي. انگريز ٻي مهاڀاري جنگ ۾ مصروف هو ۽ سنڌ ۾ حر مجاهدن جون ڪارروايون کين گهڻو پريشان ڪري رهيون هيون جنهن ڪري وڏي پئماني تي تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ پير صاحب کي ڪراچيءَ ۾ 1941ع ۾ نظر بند ڪيو ويو ليڪن پير صاحب خيرپور نڪري ويو ۽ پوءِ ڪيس خيرپور رياست جي مدد سان گرفتار ڪري صوبي کان ٻاهر جيل موڪليو ويو ليڪن پير صاحب پنهنجي جماعت کي هدايتون ڏيڻ

۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ حر تحريڪ وڌيڪ تيزيءَ سان وڏي جذبي سان ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون. مجاهدن پاران پاٽيءَ جا ڪئنال ٽوڙيا ويا، ريلوي اسٽيشن تي حملا شروع ٿي ويا، سرڪاري دلالن ۽ مخبرن کي قتل ڪرڻ سان گڏ سرڪاري مال متاع ڦرڻ ۽ تباهه ڪرڻ جون ڪارروايون زور وٺي ويون.

ٻئي طرف سرڪار عام حرن جون گرفتاريون ڪري جڙتو ڪيسن ۾ سخت سزائون ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيون ليڪن مجاهدن ٻه سخت گوريلا ڪارروايون شروع ڪري سرڪار کي اپاهج ڪرڻ جي مڪمل ڪوشش ڪئي. اهڙيءَ ريت 20 مئي 1942ع تي ڪراچيءَ کان لاهور ويندڙ فوجي ريل گاڏي لاهور ميل کي حيدرآباد اسٽيشن کان اڳتي پٽڙيون اکيڙي ڪيرايو ويو ۽ ڪريل ريل گاڏيءَ ۾ مسافرن ۽ فوجين کي قتل ڪيو ويو. هن حملي ۾ 32 ڄڻا مارجي ويا ۽ 100 کن زخمي ٿيا. هي حر مجاهدن جي وڏي ڪارروائي هئي جنهن ڪانپوءِ ٻه ڀيرا ٻين ريل گاڏين تي حملا ٿيا پر اهي ڪِرڻ کان بچي ويون. پوري سنڌ ۾ مارشل لا لڳايو ويو. ويڙهاڪ حر مجاهدن جي خاص علائقن ۾ ڪرفيو لڳائي سرڪار پاران ڪارروائي ڪئي ويندي هئي ۽ مجاهدن تي هوائي حملا ڪري ڪين شهيد ڪيو ويندو هو. عام فقيرن (مريدن) کي گرفتار ڪري انهن جي گهرياتين کي هزارن جي تعداد ۾ لوڙهن ۾ قيد ڪيو ويو.

سانگهڙ ۾ پير صاحب جي گڙنگ واري بنگلي، جيڪو مجاهدن جو مرڪز هو، ان کي بارود سان اڏايو ويو. آس پاس گهرن کي باهيون ڏيئي ساڙيو ويو. اهڙيءَ ريت سنڌ جي آزاديءَ جي هن تحريڪ کي وڏو نقصان پهچائي حر مجاهدن کي هيسائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي ويئي. پير صاحب جو پير جو ڳوٺ وارو پڪو ڪوٽ بارودي سرنگهن سان ڪيرايو ويو ۽ حويليءَ کي پڻ بارود سان تباهه ڪيو ويو ۽ اتي خزانو هٿ ڪرڻ لاءِ کوٽايون ڪرايون ويون ليڪن ڪين ڪوبہ خزانو هٿ نہ آيو.

درگاهه جي مسجد، مقبرو ۽ ڪوٽ جو اڳيون حصو ڇڏي ڪري باقي هر هنڌ تباهي ڪئي ويئي ۽ پوءِ پير صاحب کي هندستان کان جهاز ذريعي حيدرآباد آندو ويو، جتي جيل اندر مارشل لا ڪورٽ ۾ ڪيس هلايو ويو، جنهن ۾ پردي پويان هٽرادو شاهديون ڏياريون ويون ۽ پير صاحب کي معافي نامي لاءِ چيو ويو، جنهن کان پير صاحب سڌو جواب ڏيندي چيو تہ ”وطن جي آزاديءَ جا عاشق معافي نامن تي دستخط نہ ڪندا آهن، مون ڪو بہ ڏوهه ناهي ڪيو.“

پوءِ ڪيس 20 مارچ 1943ع تي مارشل لا ڪورٽ پاران سزاءِ موت ٻڌائي شهيد ڪيو ويو ۽ سنڌ جو سورهيہ بادشاهه هميشہ هميشہ لاءِ امر ٿي ويو. سندس دفن ٿيڻ واري جاءِ کي راز ۾ رکيو ويو تہ جيئن سندس جماعت کي هن جي مزار تي گڏ ٿيڻ جو موقعو نہ ملي جنهن جي اڄ تائين ڪابہ ثابتيءَ واري خبر پئجي نہ سگهي آهي. حر مجاهدن سورهيہ بادشاهه جي شهادت کي قبول نہ ڪيو ۽ چوندا رهيا تہ اسان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ

انگريزن جي هيءَ چال آهي، سورهيه بادشاهه زنده آهي، اسان انگريزن کان سنڌ آزاد ڪرائڻ لاءِ وڙهندا رهنداسين ۽ هنن پنهنجون ڪارروايون جاري رکيون.

پير صاحب جي ٻنهي فرزندن کي جيڪي اڳيئي نظربند هئا، انهيءَ حيثيت ۾ تعليم لاءِ برطانيا موڪليو ويو جيڪي پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ هتي جي حڪومت جي گهر تي واپس آندا ويا. گادي بحال ٿي، حر مجاهدن تي ڪيس هلائي ختم ڪيا ويا.

اصل ۾ ٻي مهاڀاري جنگ سان گڏ حر تحريڪ پوري برصغير ۾ انگريزن خلاف سڀن کان وڏي گوريلا جنگ هئي جنهن انگريزن کي هن خطي ۾ گهڻو ڪمزور ڪيو ۽ هنن پوري برصغير مان هٿ پٽي پاڻ کي آجو ڪيو. هندستان ۽ پاڪستان جي انگريزن کان آزاديءَ ۾ حر تحريڪ جو مک ڪردار ۽ وڏي قرباني آهي.

انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ به پاڪستان ۽ هندستان جي 1965ع يا 1971ع وارين جنگين ۾ حر مجاهدن هندستان پاران ٿيل حملن ۾ سنڌ جي سرحدن جي بهادريءَ سان حفاظت ڪندا رهيا آهن.

تاريخ شاهد آهي ته 1965ع واري جنگ ۾ ڀارتي فوج سنڌ جي ٿر واري سرحد کان وڏو حملو ڪري گهڻو اندر عمر ڪوٽ تائين اچي پهتي هئي، ته پير سائين پاڳاري شاهه مردان شاهه جي حڪم تي حر مجاهدن هندستاني فوجن سان سخت مقابلو ڪري نه صرف پنهنجي وطن جي حدن مان تڙي ڪڍيو بلڪ سرحدن کي پار ڪري وڃي هندستان جي شهرن ۽ قلعن کي فتح ڪيو ۽ انهن تي پنهنجو قبضو قائم رکيو جيستائين ناهه ٿيو.

هن جنگ ۾ ڪيئي حر مجاهدن پنهنجي سورهيائيءَ جو ثبوت ڏيندي شهادت ماڻي، جن جي بهادريءَ جا داستان ۽ شهادتن جا نشان ۽ يادگار ٿر ۾ موجود آهن ۽ عمر ڪوٽ قلعي ۾ به هنگورا معرڪه نالي شاندار يادگار ٺهيل آهي.

سنڌ جي هنن سورمن حر مجاهدن جي بهادري ۽ قربانين جا تمام گهڻا واقعا آهن جيڪي عوام کان اوجهل آهن، جن کي سرڪاري طور تاريخ جي رڪارڊ تي آڻڻ گهرجن ۽ وطن جي جنگ وڙهندڙ سورهين ۽ شهيدن جا سبق نصاب جي ڪتابن ۾ ڇپرائي نئين نسل کي پڙهايا وڃن ته اسان جو نسل ۽ عوام پنهنجي حقيقي هيرن ۽ سورهين کان واقف ٿي سگهي.

(روزاني ايڪتا، 27 جون 2019ع)

### مددي ڪتاب


1. ”حر گوريلا تحريڪ“
2. ”پاڪستانجي آزاديءَ ۾ سنڌ جو حصو“، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري
3. ”تاريخ لبِ سنڌ“، ڊاڪٽر نبي بخش خان
4. ”سنڌ جا عوامي ڪردار“، دادا سنڌي

# دولھہ دريا خان جي اوطاق



سن ۾ سائين جي ايم سيد جي درياھ واري بنگلي تي وينا هئاسون تہ سائينءَ جي تمام ويجهي ۽ بااعتماد ساٿي سيد غلام شاھ مون کي مخاطب ٿيندي چيو تہ "عنايت، ٺوڙي ڦاٽڪ واري پل کان ٿورو پري دولھہ دريا خان جي جوڙايل اوطاق آهي جيڪا روڊ کان ئي نظر ايندي آهي، ان تي بہ ٿي پيرا سائين جي ايم سيد اسان کي وٺي هليو هو، انهن وقتن ۾ زبون حال هئي ليڪن هاڻي تہ بلڪل ڊير ٿيڻ واري آهي، اوهان هن تاريخي اوطاق کي ڏسو ۽ ڪو مضمون لکي ان کي تاريخ ۾ محفوظ ڪيو تہ ڏاڍو سنو ڪم ٿيندو." ٻئي ڏينهن 25 آگسٽ 2019ع تي واپس ايندي آئون ۽ عبدالحڪيم ميمڻ وجي ان زبون حال قديمي آثار تي پهچي ان جي فوٽوگرافي ڪئي، وڊيو ٺاهي ۽ پرسان رهندڙ ڳوٺاڻن سان بہ ملياسين جيڪي ذات جا ڪوسا هئا. انهن ۾ هڪ شعور وند سماجي ورڪر هو، جنهن سان اوطاق بابت ڪچهري ٿي. اوطاق جا آثار ان جي شاندار ماضيءَ جي گواهي ڏيندي نظر آيا ۽ مون ان جي عروج واري دور بابت اخبارن ۾ هڪ مضمون لکيو.

دولھہ دريا خان جنهن جي بهادري ۽ وطن دوستيءَ لاءِ سنڌ جي هر ساڃاھ وند کي خبر آهي، سنڌ جي سومرا دور کان پوءِ سمان دور ۾ ڄام نظام الدين عرف "ڄام نندو" جڏهن سنڌ جو حڪمران ٿيو تہ هن سنڌ کي تمام گهڻي ترقي وٺرائي. مڪليءَ جي پرسان ساموئي آهي، سمان حڪمران جي گادي جو هنڌ هئي. ڄام نظام الدين 896ھ بمطابق 1440ع ۾ حڪومت سنڀالي. هو هڪ ذهين، فرض شناس، مخلص شفيق ۽ نيڪ نام سلطان هو. هن پنهنجي حڪومت 900ھ – 1494ع دوران ٺٽو شهر آباد ڪرايو ۽ ان کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو، تعليم جي ترقيءَ لاءِ وڏيون درسگاهون قائم ڪري ٻاهرين ملڪن کان تعليم جا ماهر گهرايا ۽ انهن جي علم کان سنڌ جي عوام کي روشناس ڪرايو ۽ تعليم عام ڪئي.

ڄام صاحب هنرمنديءَ کي ترقي ڏياري ۽ ان وقت جي حساب سان وڏا وڏا ڪارخانا قائم ڪرايا ۽ عوام کي روزگار ۽ هنرمندي حاصل ٿي. سنڌ جي واپار کي ترقي ملي. ڄام صاحب زراعت جي ترقيءَ لاءِ ڪوهه کوٽايا ۽ سنڌ ۾ پهريون آبپاشي نظام قائم ڪيو، جنهن ڪري سنڌ کي خوشحالي نصيب ٿي، جيڪا ان کي عربن جي دور کان اڳ حاصل هئي. ۽ پوءِ ڦرلٽ ۽ برباديءَ جي ور چڙهي وئي هئي، اها سنڌ ٻيهر ڄام نظام الدين جي دور ۾ مڪمل آزاد ۽ خوشحال وطن ٿي اڀري، جنهن ۾ مسلم ۽ غير مسلم امن ۽ شانتيءَ سان خوشحال زندگي گذارڻ لڳا. حڪومت ۾ هندو به وزارتن تي مامور هئا، جنهن ڪري قومي وحدت پروان چڙهي، علم، ادب، هنر ۽ فن جو بي مثال دور تاريخ ۾ سنڌ جو سونهري دور ليکيو وڃي ٿو.

ڄام نظام الدين جي حڪومت ۾ سندس هڪ وزير لکمير جو هڪ ملازم نوجوان ڇوڪرو هو، جنهن جي ڏاهپ ڄام صاحب کي نظر اچي وئي ۽ کيس پاڻ وٽ ملازم رکي کيس قبوليو ناڻُ ڏنائين ۽ کيس تعليم ۽ تربيت ڏياري فوج ۾ موڪليائين، جتي هو ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري سپهه سالار جي عهدي تي فائز ٿيو. سندس بهادري، ايمانداري، ڏاهپ، وطن پرستي ۽ وفاداري عيوض دولهه دريا خان، نواب مبارڪ خان، نواب خان اعظم ۽ فرزند خاص جي لقبن سان نوازيو ويو ۽ سنڌ جي وزير اعظم جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو. هي دور سنڌ جو سونهري دور هو، جنهن ۾ ڄام نظام الدين سنڌ جو بادشاهه ۽ دولهه دريا خان سندس سپهه سالار ۽ وزير اعظم رهيو. هن دور ۾ عربن جي ڪالهه کان پوءِ پهريون ڀيرو سنڌ جي منظم فوج نهي جنهن سنڌ جي سرحدن جي ڪاميابي سان حفاظت ڪئي. هن دور ۾ بهاولپور، ملتان، سبي، مڪران ۽ ڪڇ سنڌ ملڪ جا حصا هئا. 890ھ - 1485ع ۾ ارغونن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ سبيءَ جي قلعي تي سندن ڪاهه ۽ فتح کي دولهه دريا خان شڪست ڏئي سندن سردار کي ماري ۽ ارغونن جي لشڪر کي پڇائي اهڙو سبق سيکاريو جو ڄام نظام الدين جي دور ۾ وري ڪڏهن سنڌ جي ويجهو نه آيا. ان دور ۾ ارغونن جي لشڪر جي وڏي هاڪ هوندي هئي، جتي ويندا هئا ته اتي جون فوجون جنگ کان پهريائين هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏينديون هيون. انهن کي ماري پڇائڻ دولهه دريا خان جو وڏو ڪارنامو هو. ان جنگ کان سواءِ دولهه دريا خان جا ڪيترائي ڪارناما هئا جن جي ڪري کيس به جاگيرون به انعام طور ڏنيون ويون: هڪ جاگير ڳاها جيڪا هن وقت جي ضلعي دادوءَ ۾ هئي ۽ ٻي ڄام شوري جي تعلقي مانجهند جي علائقي ۾ هئي. هتي دولهه دريا خان پنهنجي اوطاق نهرائي جيڪا موجوده ديهه ڪاسائي ۾ گوپانگ اسٽيشن پرسان آهي، هن وقت هن شاندار اوطاق جا ڪنڊر ۽ هڪ زبون حال گنبذ جي صورت ۾ موجود آهن.

جيئن ته ڄام نظام الدين ۽ دولهه دريا خان جي وقت ۾ سنڌ جو سونهري دور هو، جنهن ۾ هنر کي ترقي ملي ۽ سنڌ ۾ مذهبي عمارتن کان سواءِ پهريون ڀيرو رهائشي

عمارت سازيءَ ڪي بہ ترقي ملي ۽ هن دور ۾ ئي رهائشي جاين تي گنبذ جوڙيا ويا، ان ڪري بهادر سپهہ سالار ۽ ذهين وزير اعظم جي اوطاق بہ هڪ شاندار طرز تعمير جو نمونو آهي، جيڪا ونگن وارن دروازن ۽ گنبذن جي اڏاوت سان سينگاريل هئي. هن ۾ اڳيان ورانڊو وچ ۾ هال ۽ اولهہ پاسي کان 3 ڪوٺيون ( ڪمرا) نهيل هيون جن ۾ وچين ڪوٺي وڏيڪ بند ۽ محفوظ هئي جنهن ۾ دريا خان جي رهائش هوندي هئي. ڇت تي نَوَ (9) گنبذ نهيل هئا، ٽي اڳيان ورانڊي مٿان، ٽي وچين هال ۾مٿان ۽ ٽي پوئين ٽن ڪوٺين مٿان. وچين هال وارو وچون گنبذ جيڪو سڀن گنبذن جي وچ ۾ هو ۽ اهو ٻين گنبذن کان ٿورو اونچو هو ۽ هن کي انڪنڊو ناهيو ويو هو، جيڪو ٻين سڀنن ۾ نمايان هو، ٻيا سڀ گنبذ اڌ گول شڪل وارا هئا. ورانڊي ۽ هال کي هوادار رکڻ لاءِ ونگدار دروازا هئا جن مان ڪجهہ اڄ بہ موجود آهن. هن عمارت جي سڄي تعمير پڪين سرن سان ٿيل آهي جن جي خوبصورتي اڄ بہ نمايان نظر اچي ٿي. عمارت ٻاهران ڪوٽ هو، جنهن جي چئني ڪنڊن تي مورچا نهيل هئا جنهن مان هڪ جا ڪجهہ بنياد آهن، باقي سڀ مٽجي ويو آهي. اوطاق اونچي پٽرائين درڙي تي آهي. هن دڙي تي اوطاق کان 100 قدمن جي پنڌ تي وڏي ايراضيءَ ۾ ٻين جاين جا آثار بہ نظر اچن ٿا جيڪي صرف پڪين سرن جي ٽوٽن ٽڪرن جا آهن، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هتي ٻيا گهر بہ نهيل هئا جيڪي آباد هوندا. هتي هڪ وڏو گول پٿر بہ پيل آهي جنهن لاءِ مقامي ماڻهو چون ٿا تہ اوطاق جي ڪوٽ اندر نهيل هڪ چبوتري جو آهي. بهرحال هي هڪ تاريخي يادگار آهي جيڪا سن کان ڄامشوري ايندي ٿوڙي ڦاٽڪ واري پل کان پوءِ روڊ تي ڪاسائي اسٽاپ کان ٿورو پهريان کبي هٿ تي گوپانگ اسٽيشن پرسان پٽرائين وڏي دڙي تي روڊ کان ئي نظر اچي ٿي.

دولهہ دريا خان هتي اوطاق نهرائڻ کان سواءِ ٻين هنڌن تي مسجدون بہ نهرايون ۽ کوهہ بہ کوٽرايا هئا. ننڍي پرڳڻي ۾ آبپاشي نظام لاءِ ٻن وڏن واهن جي کوٽرائڻ جو ڄام نظام الدين کي مشورو بہ دولهہ دريا خان ڏنو هو ۽ ان کان سواءِ منڇر مان هڪ واهہ پڻ کوٽرايو جنهن جو نالو ”ساوه“ ٻڌايو وڃي ٿو جيڪو ” ڳاها“ پرڳڻي جي ماڻهن جي مدد سان کوٽرايو ويو هو مطلب تہ دولهہ دريا خان بهادر سان گڏ اعليٰ پائي جو منتظم ۽ سڌارڪ ذهن رکندڙ داناءَ شخص هو، جنهن پنهنجي وطن جي تعمير ۽ ترقي لاءِ غير معمولي ڪارناما سرانجام ڏنا.

تاريخي ڪتابن مان ڄاڻ ملي ٿي تہ دولهہ دريا خان پاران هتي اوطاق جوڙائڻ جا بہ ڪجهہ مقصد هئا. هڪ تہ سيوهڻ جي قلعي ۽ ننڍي ننگر جي وچ تي هي اوطاق هڪ مضبوط مورچو بہ هئي جنهن جي اڏاوت لاءِ جيڪو هنڌ طئي ٿيو، ان دڙي جي اوپر ۾ برساتي درياهہ هو ۽ ٽن پاسن کان پري پري تائين کليل ميدان هئا جن تي نظرداري ٿيندي هئي ۽ ڪجهہ پنڌ تي اوپر ۾ سنڌو درياءَ بہ هو جنهن تي ويجهو هئڻ ڪري

نظرداري رهندي هئي. ان دور ۾ مانجهند ۽ ڪوٽڙي جي علائقي ۾ چانگ قبلي وارا وڏي پئماني تي بدامني ۽ فساد برپا ڪندا هئا، انهن جي سرڪوبيءَ لاءِ ڄام نظام الدين جي حڪم تي دولهه دريا خان هن علائقي ۾ آيو ۽ معتبر ترين شخصيت ۽ ڄام صاحب جي ويجهي دوست سيد سخي شاهه ابراهيم (حيدر شاهه سنائي جو ڏاڏو سائين جي ايم سيد جو پڙ ڏاڏو) کي ڄام صاحب کان مدد لاءِ چورايو ۽ شاهه صاحب دريا خان جي ڀرپور مدد ڪئي. چانگن کي علائقي مان تڙي ڪڍي ڇڏيو پر هن جنگ ۾ سيد ابراهيم شاهه شهيد ٿي ويو، جنهن جي مزار خانوٽ ۾سان آهي. اڳتي هلي دولهه دريا خان جي شاهه ابراهيم جي پوٽي سيد شاهه حيدر سنائي ۽ سيد عبدالرزاق لڪياريءَ سان دوستي ٿي وئي ۽ سيد محمد جونپوريءَ جي سازش کي روڪڻ لاءِ مخدوم بلاول ۽ شاهه حيدر سنائي جي صلاح ۽ مدد سان سندس ٻيڙا سن وٽ سنڌو درياءَ ۾ ساڙايا ۽ ڪيس سڌ مان تڙي ڪڍيو ويو. پوءِ دولهه دريا خان هتي هي شاندار قبائين اوطاق جوڙائي (سندس هڪ اوطاق ۽ حويلي مڪلي جي اوير ۾ به آهي) ۽ اڪثر هتي اچي رهندو هو ۽ هن اوطاق تي راڄن جا فيصلا، دوستن احبابن سان ڪچهريون ۽ راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون رهنديون هيون.

ڄام نظام الدين 914هه -1508ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس پٽ ڄام فيروز ننڍي عمر ۾ تخت نشين ٿيو ۽ جلد ئي عياشن ۽ ناسمجهيءَ ڪري سازشن ۽ مسخرن جي ور چڙهي ويو جيڪي دريا خان کان برداشت نه پئي ٿيو ۽ ڄام فيروز سندس ڳالهه سمجهڻ لاءِ تيار ئي نه هو. ان ڪري پاڻ سپهه سالاري ۽ وزير اعظم جي عهدي کان استعيفيٰ ڏئي اچي هن اوطاق تي رهيو. سندس پٽ ڄام سارنگ، علاؤالدين، محمود خان، احمد خان ۽ موتڻ خان وڏي جاگير "ڳاها" تي رهندا هئا. پاڻ هن ڪاسائي جاگير جي اوطاق تي سنگت ساٿ ۽ سپاهه سان رهندو رهيو. جلد ئي ڄام صلاح الدين ڪڇ مان ڪاهي اچي ٺٽي تي حملو ڪيو. ڄام فيروز سندس مقابلو نه ڪري سگهيو ۽ ڀڄي اچي ڪاسائين واري اوطاق تي دولهه دريا خان وٽ پهتو ته منهنجي مدد ڪر. دولهه دريا خان پنهنجو سپاهه ساڻ ڪري ٺٽي روانو ٿيو، پر پاڻ ڏاهپ ۽ حڪمت عمليءَ سان ڪجهه نياپو ڄام صلاح کي پهچرايائين جنهن ڪري دولهه دريا خان جي ٺٽي پهچڻ کان اڳ ئي ڄام صلاح ٺٽو ڇڏي وري ڪڇ هليو ويو ۽ دولهه دريا خان ڄام فيروز کي ٻيهر ٺٽي جي تخت تي ويهاريو ۽ سندس والده جي اصرار ڪرڻ ته ڄام فيروز اڪيلو آهي ۽ ناسمجهه آهي، تون ساڻس گڏ هج، پوءِ دريا خان ٻيهر وزير اعظم ۽ سپهه سالار جو عهدو سنڀاليو پر ڪجهه وقت کان پوءِ وري ڄام فيروز ساڳي روش اختيار ڪئي ته وري دولهه دريا خان واپس اچي ڪاسائي پهتو ۽ ڄام فيروز مغلن ۽ ارغونن جي چاڙتن جي ور چڙهي ويو، جن هن کي غافل ڏسي شاهه بيگ ارغون کي نياپو اماڻيو، جنهن پهريان بکر ۽ ٻيا علائقا فتح ڪيا ۽ ٺلتيءَ وٽ دولهه دريا خان پٽن ۽ سپاهه سان گڏ ارغونن جي رستا روڪ

ڪئي ليڪن هنن جي مقابلي ۾ ارغونن جو تمام وڏو لشڪر هو، جنهن هنن کي شڪست ڏني ۽ شاهه بيگ ارغون نيٺ 926هه - 1519ع تي اچي ٺٽي ٻاهران دنگ ڪيو. اها صورتحال دولهه دريا خان کان برداشت نه ٿي ته اچي، ساٿين سوڌو ٺٽي پهتو ۽ ڄام فيروز سان مليو پر ڄام فيروز جنگ لاءِ تيار نه ٿيو ته دولهه دريا خان پنهنجي ساٿين سوڌو وڃي، ارغونن جو مقابلو ڪيو ۽ سنڌ جي آزادي ۽ ناموس لاءِ وڙهندي وڙهندي پنهنجي پٽن ۽ ساٿين سوڌو شهيد ٿي ويو پر پنهنجي جيئري ارغونن کي ٺٽي ۾ پير پائڻ نه ڏنائين. سندس مزار مڪليءَ ۾ ڄام نظام الدين جي مقبري سامهون آهي. ڄام فيروز ٺٽي مان نڪري ڀڄي ويو ۽ ٺٽي تي ارغونن قبضو ڪري ڦرلٽ ۽ قتل عام ڪيو. ڪجهه وقت کان پوءِ ڄام فيروز اچي پيش پيو ۽ ڪجهه زمين ٽڪرو وٺي ويهي رهيو ۽ سنڌ جا وري سور شروع ٿي ويا ۽ ارغونن ۽ ترخانن اهڙا ڪِيس ڪيا جو ڌرتي ڏٽين جو هميشه ساهه مٺ ۾ رهيو.

سنڌ جي تاريخي ڪردار جنهن انتهائي جُرئت ۽ بهادريءَ سان سنڌ وطن جي حفاظت ڪندي پنهنجي جان جو نذرانو ڏيئي ڌرتيءَ جي سينڌ سنواري آهي، ان شهيد دولهه دريا خان جي تاريخي يادگار اوطاق سن کان ڄامشورو ايندي گوپانگ اسٽيشن جي ڀرسان "درياخان جي ماڙي" طور مشهور آهي جيڪا هاڻي جهري ڀري پوئين پساهن ۾ آهي. بهادر سنڌ جي سورمي جي هن اهم يادگار، جتي سندس آخري وقت گذريو، ان کي بچائڻ لاءِ سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم پاران سنڌ ثقافت کاتي کان گهر ڪجي ٿي ته هن قومي ورثي جي جلد مالڪي ڪري بچايو ۽ اصل حالت ۾ بحال ڪيو وڃي، نه ته هي تاريخي يادگار بلڪل ميسارجي ويندو.

نوٽ: هي مضمون ڇپجڻ کان پوءِ اسان عملي طور هن قومي ورثي بچائڻ لاءِ ڪوشش ورتي ۽ ڪامياب ٿياسين. ياد رهي ته هن تاريخي ورثي لاءِ سيد غلام شاهه جي ڏنل تجويز تي سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم پاران اسان 25 آگسٽ 2019ع تي وڃي، هن زبون حال قديمي آثار تي پهچي ان جي فوٽوگرافي ڪئي ۽ سنڌ ثقافت کاتي سان رابطو ڪري هن ماڳ جي رنوويشن لاءِ ڳالهيون ڪري آماده ڪيو. ڳالهين ۾ پروفيسر ناگپال صاحب به مدد ڪئي ۽ مون منظور ڪناسرو صاحب کي ڪيس پٽ اپ ڪرڻ لاءِ نيون تصويرن ۽ وڊيوز سان گڏ پراڻن تاريخي ڪتابن ۾ ڏنل هن اوطاق جون پراڻيون تصويرون، نقشا، ماپ وغيره سميت اوطاق بابت مختلف ليکڪن جو لکيل سمورو تاريخي مواد پهچايو. مواد جي حاصلات ۾ مانواري علي نواز ٻٽ به منهنجي مدد ڪئي. اسان جون گڏيل ڪوششون ڪامياب ٿيون، جنهن سبب آرڪيالاجي ڊپارٽمنٽ جي ڪوشش سان انڊوومينٽ فنڊ ٽرسٽ پاران سنڌ جي هڪ بهادر قومي هيرو دولهه دريا خان جي اوطاق، سنڌ جو تاريخي ورثو اصلوڪي حالت ۾ بحال ٿي رهيو آهي، جيڪو سنڌ جي تاريخ سان پيار ڪندڙ سڀن دوستن لاءِ وڏي خوشي جي ڳالهه آهي. دولهه دريا

خان جي اوطاق تي تعميري ڪم هلندڙ هو، جنهن جو سيد غلام شاهه سان گڏجي فيبروري 2020ع ۾ ڀيهر معائنو ڪيوءِ ڏنوسين ته ڪم نهايت نفاست ۽ محنت سان سائيٽ سپروائيزر شاهد حسين جعفري ۽ آرڪيالاجي جي ماهر اشتياق انصاري صاحب جي نگرانيءَ ۾ جاري هو.



ان ڪان پوءِ 18 جون 2021ع تي جڏهن دولهه درياخان جي اوطاق تي، محبوب علي عباسي، سچل وڏو ۽ آئون گڏجي وياسين ته اُهو اوطاق وارو ڪم مڪمل ٿي چڪو هو. جنهن لاءِ انڊوومينٽ فنڊ ٽرسٽ جا ٿورائتا آهيون ۽ هن ڪاميابي تي سڀني سنڌ دوستن کي مبارڪون ڏجن ٿيون.

# وسڪاري جي موسم ۾ ٿر جو سير



پياري دوست حڪيم ميمڻ سان پروگرام طئي ٿيو ته هن سال (2019ع) جي وسڪاري واري موسم ۾ ٿر هلبو. پوءِ 15 آگسٽ تي ننگر پارڪر ٿر لاءِ روانا ٿياسين. ساٿ ۾ پراڻو دوست ڊاڪٽر مشتاق ابڙو ۽ سندس مائٽ ممتاز ابڙو به گڏ هئا.

اسين صبح جو ڏهين وڳي ڪراچيءَ کان نڪري ٺٽي واري قومي شاهراهه رستي مڪلي باءِ پاس کان سجاول جي ٻاهران ئي بدين شهر کان ڪبي هٽ تي منيءَ لاءِ نڪرندڙ رستي جي موڙ تي هڪ ننڍي هوٽل تي چانهه پيئڻ لاءِ 20 منٽ ترسياسين. چانهه ڏاڍي سٺي ملي جنهن ڪري جسم ۾ چستي اچي وئي، خاص ڪري حڪيم صاحب لاءِ، جو ته ڊرائيونگ حڪيم صاحب ڪري رهيو هو. گاڏي به سندس هئي. ڪچهري ڪندي سفر جي خبر ئي نه پئي، اسين مني اچي پهتاسين ۽ ٻاهرين پيٽرول پمپ کان گاڏيءَ ۾ پيٽرول پرائي باءِ پاس کان ئي اسلام ڪوٽ ۽ پوءِ ننگر پارڪر کان پهرين گوڙي مندر تي پهتاسين ته هلڪي بارش شروع ٿي ويئي، جنهن جي باوجود دوستن کي مندر اندران ۽ ٻاهران گهمايو ۽ ان جي اڏاوت ۽ عبادت جي هجرن بابت به ٻڌايو ۽ فوٽو گرافي به ڪئي سون. مندر جي ٻاهران مقامي فقيرن کان ٿري راڳ به ٻڌوسين ۽ اتي مندر ۾ دادو شهر جو پراڻو دوست محمد چنو به ملي ويو جيڪو پڻ پنهنجي دوستن سان ننگرپارڪر لاءِ نڪتل هو. ٿر جي پهرين ماڳ تي ئي وسڪاري ۾ محمد چني جي اچانڪ ملاقات ۾ مزو اچي ويو.

مندر کان ٻاهر نڪري گوڙيءَ جي هن ننڍي ڳوٺ ۾ هڪ پيارو دوست ڏنراج جنهن سڄي عمر ڪراچيءَ ۾ سرڪاري ملازمت ڪئي ۽ پنهنجي اولاد کي به ڪراچيءَ ۾ پڙهايائين، ڪجهه وقت کان پنهنجي ڳوٺ ۾ رهيو پيو هيو ۽ ان اسان لاءِ انتظار پئي ڪيو، سو ان وٽ پهتاسين ته وسڪارو به تيز ٿي ويو. اسان سڀن جو ڏنراج وٽ پهچڻ تي پاڻ ڏاڍو خوش هو. سندس اوطاق ۾ جيڪا ٿر جي روايتي هڪ وڏي چوُنري واري اوطاق هئي اتي وجي چانهه به پيتي، سندس شاعري تي به گفتگو ڪئي. هن اسان کي

رات رهڻ لاءِ گهڻو زور ڀريو پر وسڪارو بند ٿيو ته ڪائنس موڪلائي روانا ٿياسين. ڏنراج موڪلائيندي پنهنجو شعر ٻڌايو:

سڄڻ آيا سڪ لٿي جتي ديدن ڪيا درشن
منڻ نه ٿڪيا مون وٽ سڄڻ وري سنبرن
الا آندا اوطاق تي، هي قسمت ميڙيا قربن
رب راضي راج چئي ٿي ملاقات مهمانن
ٿورائتو تن، جن ميهوڳي ۾ ملاقات ڪئي.
(ڏنراج واگهيلا)

وري اچي ننگر پارڪر واري روڊ تي چڙهياسين ۽ ڀالوا ۾ مارئي جي کوهه تان ٿيندا ننگر پهتاسين. ننگر شهر ۾ وقفي وقفي سان هلڪي بوندا باندي هلندي رهي.

ننگر پارڪر پهچڻ کان پهرين روپلو ڪولهي ريسٽ هائوس پهتاسين، جتي رهائش جو بندوبست ٿيل هو. هي ننگر پارڪر ۾ نئون ۽ خوبصورت ريسٽورنٽ ٺهيو آهي پر عيد جي موڪل تي ويل ملازم اجا نه موٽيا هئا. ان ڪري ڪاڌي پيتي جو ڪو بندوبست نه هو. ٻيو ته ننگر شهر 7 ڪلوميٽر پهرين آهي، ان ڪري شهر واري ريسٽ هائوس تي رهڻ جو فيصلو ڪيو سين، اتي ٻه بورچي ڪو نه هو ليڪن شهر ۾ هجڻ ڪري سامهون ئي هوٽل هو جنهن تان ماني ڪائي سمهي رهياسين. ٽائيم اجا رات جا 9 ٿيا هئا، جنهن ڪري عبدالحڪيم ۽ آئون دير تائين جاڳڻ وارا، ننڊ نه پئي اچي ۽ ٻئي ٻاهر نڪري اچي هوٽل تي چانهه پيئڻ ويناسين. هوٽل تي پير سائين پاڳاري جي تصوير لڳل هئي جنهن بابت مون هوٽل جي ڇوڪري کان پڇيو ته اوهان فنڪشنل ليگ جا آهيو يا پير سائين جا مريد آهيو. هن ٻڌايو ته اسين مريد آهيون. مون ڪائنس سندس ذات پڇي ته ٻڌايائين راڄڙ آهيون ۽ ننگر شهر ٻاهران اسان جا ڪيترائي ڳوٺ آهن. حڪيم ميمڻ ڪيس مون لاءِ ٻڌايو ته پير جي ڳوٺ جو آهي. پوءِ ته ڇوڪرو وڃي پنهنجي وڏي ڀاءُ کي وٺي آيو ۽ مون لاءِ چيائين ته پير سائين جي ڳوٺ جو آهي. هنن ٻنهي ڀائرن اسان کي وڏي عزت ڏني. وڏي ڀاءُ اسان کان رهائش جو پڇيو ته مون ٻڌايو ته سامهون ريسٽ هائوس ۾ ترسيل آهيون. ماني لاءِ زور ڀريائين ليڪن اسان ماني پهريان ئي کاڌي هئي ۽ چانهه جا پئسا زور ڀرڻ باوجود نه ورتائين ۽ قسم ڏنائين ته صبح جو ناشتو مون وٽ ڪندؤ ته مون چيو ته جيترو وقت ننگر ۾ آهيون ته ماني اوهان وٽ ڪائيندا سين ليڪن هڪ شرط آهي ته پئسا وٺندؤ جي نه ته پوءِ اسان ٻئي هوٽل تي هليا ويندا سين. همراهه مايوس ٿي ويو چيائين ته جيڪا اوهان جي مرضي ليڪن اوهان ديدار ڪرائيندا رهو. ايتري ۾ هڪ وڏو ٽولو نوجوانن جو موٽر سائيڪلن تي اچي هوٽل تي پهتو. اسان کان ٿورو پريرو ٿي وينا ۽ ڪجهه دير کان پوءِ انهن مان ٻه ڄڻا اچي اسان سان مليا ۽ مون کي چيائون ته

اوهان عنايت ڪٽياڻ آهيو، اسين اوهان کي سڃاڻون ٿا ۽ اسين ٽنڊو ڄام کان آيا آهيون، اوهان کي ڏنو سين تہ ملڻ تي دل چيو. اسان اوهان جا مضمون پڙهيا آهن. پوءِ ڪچهري ڪندي ٻڌايائون تہ هو سڀ دوست آهن ۽ هتي ايندا رهندا آهن. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي تہ اسان جا نوجوان پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت ڪندي سنڌ جي تاريخ پڙهن ٿا ۽ تاريخي ماڳ ڏسڻ وڃن ٿا. مون کانئن پڇيو تہ رهائش جو بندوبست آهي اوهان جو؟ هنن ٻڌايو تہ اسان جو ارادو واپس وڃڻ جو هو پر رستي ۾ وسڪاري جي ڪري دير ٿي وئي ۽ ٿڪجي بہ پيا آهيون ليڪن هتي ڪا رهائش نہ آهي ان ڪري واپس ويندا سين. مون کين چيو تہ رات آهي ۽ وسڪارو بہ ان ڪري ڏکيو سکيو رات هتي گذاريو ۽ مون ڪائونٽر تي وڃي هوٽل جي مالڪ سان ڳالهہ ڪئي. هن خوش ٿي چيو تہ حاضر سائين هوٽل جا صندل آهن رليون ۽ وهاڻا بہ ڪري ڏيان ٿو، ڀلي آرام ڪن تہ مون سندس ٿورا مڃيا تہ وراڻيائين تہ سائين مون کي خوشي ٿي آهي جو اوهان ڪو ڪم چيو. ائين ٽنڊو ڄام جي مهمانن جو بندوبست ٿي ويو جيڪي تعداد ۾ 22 ڄڻا هئا.

ننگرپارڪر ۾ پهتا هئاسين تہ اسان ڏڳهي سفر ڪري ٿڪجي پيا هئاسين ڇو تہ سفر ۾ ڪٿي بہ آرام نہ ڪيو هيوسين ليڪن حر مجاهد راڄڙ جي هوٽل تي جيڪي بہ ڪلاڪ ويناسين تہ هنن پائرن جي ڪچهري ۽ وري ٽنڊي ڄام جي نوجوانن جي ملاقات ۽ ڪچهري ننگرپارڪر جي تاريخي شهر ۾ وسڪاري جي هلڪي ڦوهار ماحول ۾ مستي آڻي ڇڏي هئي، جنهن اسان جا سڀ ٿڪ لاهي ڇڏيا ۽ هي رات هڪ يادگار رات بڻجي ويئي. پوءِ سين دوستن کان موڪلائي اچي ريسٽ هائوس واري ڪمري تي پهتاسين، جتي ڊاڪٽر مشتاق ابڙو ۽ ممتاز ابڙو گهري ننڊ ستا پيا هئا.

*** ننگر پارڪر**

هي شهر ضلعي ٿرپارڪر ۾ هڪ تعلقي جو هيڊڪوارٽر آهي. هي ننڍڙو شهر تاريخي طور تي تمام مشهور آهي هتي اوائلي دؤر کان هندو ڌرم جا مندر، آستان ۽ جين ڌرم جا مندر آهن ۽ سڀ کان وڌيڪ سندس مشهوري ڪارونجهر جبل جي ڪري آهي جنهن جي دامن ۾ هي شهر آباد آهي. ڪارونجهر جبل ٿر جي وارياسي علائقي ۾ وڏو جبل ليکيو وڃي ٿو. هونئن بہ ڪارونجهر سنڌ جي ٻين جبلن کان منفرد ۽ تمام وڌيڪ خوبصورت جبل آهي. وڏا وڏا گول ۽ لسا پهڻ هڪ ٻئي مٿان سٿيل نظر اچن ٿا ۽ برسات جي پوڻ سان هڪ ٻئي مٿان سٿيل پهڻن (پٿرن) جي پاڙن مان سائو گاهہ ڦٽي پئي ٿو تہ هر هڪ پهڻ نئين لباس ۾ نمايان نظر اچڻ لڳي ٿو، ان ڪري سندس خوبصورتي تي شاعري ڪئي وڃي ٿي. هن جبل ۾ ڪيئي چوٽيون آهن جن جي قطار جي ڊيگهہ 19 ڪلوميٽر آهي ۽ اوچائي سامونڊي سطح کان 305 ميٽر آهي. هن جون چوٽيون بيضوي شڪل ۾ ڦري اچن ٿيون. هنن ٽڪرين جي ٻاهرين گولائي اٽڪل 30/32 ڪلوميٽر آهي ۽ وڏي ۾ وڏي چوٽيءَ جي اوچائي هڪ هزار فوٽ آهي جنهن کي "صاحب

چڱا“ چيو وڃي ٿو جتي ”تڙوٽ“ ٿلهو نهرايو هو. هن جبل ۾ ڪيترئون ئي خوبصورت ماٿريون آهن ۽ برساتي ندين ۽ آبشارن جا خوبصورت قدرتي نظارا پسي سگهجن ٿا. هن جبل ۾ برساتي پاڻي کي گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ ڊيم به ٺاهيو ويو آهي. هن جبل جي شروعات ۾ جين ڌرم جو مندر ۽ ان کان اڳتي هڪ پرچاري آستان آهي. جبل جي اندر هندو ڌرم جا مندر، تيرٿ ۽ آستان آهن جن ۾ ساڙ ڌرو، گئو مکي، آنچليسور، ڀيم ڪن، جهرڻو، چندن گڊ مشهور آهن. جبل جي ٻاهران ننگر شهر کان ڦهريان پوڏيسر تلاءُ ۽ ٻئي پاسي ڪاسبو آهي جيڪو حسين ماڻهن ۽ مورن جي حوالي سان مشهور آهي.

ننگر شهر اصل ۾ پارڪر جو مرڪزي شهر آهي. هن علائقي تي پارڪر جو نالو پوڻ جو سبب هن علائقي جي پر ۾ رڻ ڪڇ آهي جيڪو اڳي سامونڊي ڪاري هو ۽ ماڻهو ان ڪاري کي پار ڪري ايندا ويندا هئا، ان ڪري ان کي ”پار اڪر“ چوندا هئا جيڪو اڳتي هلي پارڪر سڏجڻ لڳو. ننگر شهر سڀ کان پهرين سوڍي آسراءَ اچي آباد ڪيو. تعلقي ننگر پارڪر جي هن وقت آبادي هڪ لک ويهه هزار آهي جنهن ۾ ٽيهه هزار مسلمان ۽ نوي هزار ٻين ڌرمن وارا آهن ۽ ويجهي وقت ۾ هتي جي ڪجهه شيڊول ڪاسٽ وارن عيسائيت به اختيار ڪئي آهي.

صبح جو تيار ٿي ٻاهر نڪتاسين ۽ سڌو راڄڙن جي هوٽل تي پهتاسين جن اسان جو گرم جوشيءَ سان آڌرڀاءُ ڪيو. ناشتي کان پوءِ ننگر شهر کان ڪارونجهر جبل تي وياسين. رستي ۾ جين ڌرم جو شهر وارو مندر ۽ ان کان اڳتي جين ڌرم جي پرچارڪ مرڪز آهي، هي ٻئي اهم تاريخي ماڳ ڏسڻ به ضروري آهن.



## * جين ڌرم جو مندر

موجوده وقت ۾ ننگر پارڪر شهر جي بازار مان ڪارونجهر جبل تي وڃڻ جو رستو آهي جنهن تي ويندي بازار جي پڇاڙيءَ تي جين ڌرم جو هڪ پراڻو خوبصورت مندر آهي. هي مندر پٿر جي نقش نگاريءَ جو هڪ شاهڪار نمونو آهي. سڄي مندر جي سڄي اڏاوت پٿر جي آهي

جنهن تي خوبصورت مورتيون اڪريل آهن ۽ ٻيو بہ خوبصورت نقش نگاري جو ڪم ٿيل آهي. هن مندر جو مک دروازو تمام خوبصورت ٺهيل آهي. ننڍي وراندي مان هال ۾ داخل ٿجي ٿو، جنهن جي ڇت تي گول گنبذ آهي. هال مان آخري چورس ڪمري جو در آهي جنهن ۾ اڳ بت رکيل هوندو هو هن ڪمري جي مٿان ڊگهو چوٽيارو گنبذ آهي جنهن جي چئني پاسن تي بہ مورتيون، شينهن ۽ ٻين جانورن ۽ پکين جا ننڍا ننڍا مجسما ٺهيل آهن. جنهن ڪري هي ڊگهي چوٽيءَ وارو گنبذ تمام خوبصورت نظر اچي ٿو ۽ پٿر تي نقش نگاريءَ جي ڪاريگريءَ جو هڪ نادر نمونو آهي.

## * جين ڌرم جو پرچارڪ مرڪز



هن مندر کان مٿي جبل تي هلبو تہ ٿوري ئي مفاصلي تي نديءَ کي پار ڪرڻ کان پهريان ڪٻي هٿ تي ڪجھ اونچائيءَ تي جين ڌرم جي هڪ ٻئي مندر ۽ آستان جا آثار نظر اچن ٿا. روڊ جي ويجهو آهن جتي پنڌ وڃي سگهجي ٿو. هتي بہ پٿر جي اُڪر جو خوبصورت ڪم ٿيل آهي. هتي هڪ وڏو پٿر جو ٿلهو آهي جنهن تي هڪ ننڍي مندر جا آثار آهن ۽ رستي واري پاسي کان ديوار جي وڏن وڏن پٿرن تي وڏيون مورتيون اُڪريل آهن ۽ ٻين سيني پٿرن تي بہ خوبصورت ڊزائنيون ۽ شاهڪار چٽسالي جو ڪم ٿيل آهي. هنن آثارن لاءِ منگها رام اوجها پنهنجي ڪتاب ”پراڻو پارڪر“ ۾ لکي ٿو تہ هي جين ڌرم وارن جو خاص ۽ وڏو مرڪز هو، جتان جين ڌرم جي نظرياتي پرچار ڪئي ويندي هئي ۽ اتي جيڪي وڏن پٿرن تي وڏيون مورتيون اڪريل آهن، اهي جين ڌرم جي نيتائن جون آهن جن مان ڪجھ اڄ بہ موجود آهن. جين ڌرم جا ڪل چوويهہ (24) ڌرم نيتا ٿي گذريا آهن جن جا نالا ۽ ترتيب هيءَ آهي:

(1) رشپ ناٿ، (2) اجيت ناٿ، (3) ساميو، (4) ابيندن، (5) سُمتي، (6) پدم پريا، (7) سپرشو، (8) چندر پريا، (9) پشپ دلت، (10) سيتل، (11) شري انشاناٿ، (12) واسو پوئجيہ، (13) وِمل، (14) اننت، (15) ڌرم، (16) شانتي، (17) ڪنٿو، (18) ارا، (19) مَلي، (20) مُني سورت، (21) نِمي، (22) نيمي، (23) پارسو ناٿ، (24) وڌمان جيڪو مهاوير جي نالي سان

مشهور ٿيو، جنهن جين ڌرم هن پوري علائقي ۾ ڦهلايو ۽ سنڌس ديهانت عيسوي سن کان 536 سال اڳ ٿيو ۽ هن جي دور ۾ ئي گوتم ٻُڌ پنهنجي ٻُڌ ڌرم جو بنياد وجهي پرچار شروع ڪئي. پارڪر جو علائقو جين ڌرم جو مرڪز هو ۽ جين ڌرم وارا ٻين کان وڌيڪ مالدار هئا جنهن ڪري انهن جا مندر مضبوط ۽ خوبصورت نهيل آهن. هي پرچار جو مک مرڪز بهترين هنڌ تي تمام خوبصورت تاريخي يادگار آهي، جنهن جي پويان ڪارونجهر جي هڪ خوبصورت اونچي ٽڪري ڪر ڪنيون بيٺي آهي ۽ هڪ پاسي کان پهاڙيءَ جي دامن ۾ برساتي نديءَ جو خوبصورت منظر آهي. هتي هر طرف کان مختلف ۽ حسين نظارا نظر اچن ٿا.

اڄ به هلڪي بوندن واري رم جهم جاري هئي، جنهن ڪري ٿر جي وسڪاري جو پورو لطف ملي رهيو هو. ٻه وسڪارا اڳ ئي ٿي چڪا هئا جنهن ڪري پٽن ۽ ڪارونجهر تي ساوڪ هئي جنهن مان ڪارونجهر جا خوبصورت پهڻ جهاتيون پائيندي خوبصورت لڳي رهيا هئا. اسان 6 ڪلوميٽر گاڏيءَ تي سفر ڪندي ڪارونجهر تراين ۽ مٿاهن جبلن جي وچان نهيل پڪي روڊ سان وڃي نئين نهيل تفريحي مرڪز تي پهتاسين، جنهن جي پير ۾ وڏي ڪار پارڪنگ نهيل آهي. اتي ڪار بيهاري هڪ نندي ٽڪريءَ تي نهيل هڪ ننڍو پليٽ فارم آهي، جنهن تي پهچڻ لاءِ ڪشادي ۽ پڪي ڏاڪڻ نهيل آهي، جنهن تي سئو کان وڌيڪ ڏاڪا آهن. اسان انهن ڏانهن رخ ڪيوسين ته ممتاز ابڙي چيو ته آئونُ هيٺ ئي بيهندس اوهان تي اچو. مشتاق به ساڻس اتي گڏ بيٺو رهيو. حڪيم ۽ آئون ڏاڪڻ رستي مٿي وياسين جتي ڪارونجهر جي واديءَ جو چؤطرف خوبصورت نظارو پسي ڏاڪڻ تي چڙهڻ وارو ٿڪ ئي لهي ويو. هن هنڌ تان ڪاروجهر جبل جي وڏي حصي کي ڏسي سگهجي ٿو. ڪجهه دير وينا رهياسين ۽ پوءِ هيٺ لهي اچي ٻنهي دوستن سان گڏجي ساڙڌڙي مندر روانا ٿياسين، جيڪو هن تفريحي ماڳ کان ڏيڍ ڪلوميٽر اڳتي آهي ۽ اوڏانهن پنڌ ئي وڃي سگهجي ٿو، ڪار يا موٽرسائيڪل لاءِ رستو نه آهي.

بوندا باندي جاري هئي ۽ ڪارونجهر جي چوٽين ۽ وادين جا نظارا ڪندي اسان ساڙ ڌڙي تي پهتاسين.

# ڪارونجهر ۾ تاريخي ماڳ



ننگر پارڪر شهر کان ڪارونجهر جبل تي وڃبو ته شروع ۾ جين ڌرم جو مندر ۽ جين ڌرم جي پرچار مرڪز جا آثار آهن، انهن کان اڳتي پڪو رستو هيناهين مٿاهين جبل جي ننڍين ٽڪرين مان ور وڪڙ ڪائيندو ساڙ ڌڙو مندر تي پهچي ٿو. هي پڪو رستو تقريبن 6 کان 7 ڪلوميٽر آهي. هن رستي جي پاسي ۾ هڪ ننڍي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هاڻي هڪ تفريح گاهه به ناهيو ويو آهي جنهن تائين پهچڻ لاءِ پڪي ڏاڪڻ پڻ ناهي وئي آهي جنهن ذريعي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهچي ڪارونجهر جبل جي گهڻي حصي تي نظر ڦيرائي خوبصورت منظر پسي سگهجن ٿا. هن تفريح گاهه کان اڳتي هلبو ته رستي جي ساڄي هٿ تي ڪار پارڪنگ ناهي وئي آهي جتي گاڏيون بيهاري اڳتي ساڙ ڌڙي تائين ڪجهه پنڌ ڪرڻو پئي ٿو.

## ٭ ساڙ ڌڙو (مرگهه ڪنڊ)

جنهن کي اصل ۾ ساڙ ڌڙو ڌام چيو وڃي ٿو، هي هڪ پهاڙن جي ڪنڊ ۾ اونهي کن وارو چشمو آهي، جنهن ۾ سال جا ٻارهن ئي مهينا پاڻي موجود رهي ٿو. هن پاڻيءَ کي هندو ڌرم موجب پويتر جل (پاڻي) سمجهيو وڃي ٿو جيئن گنگا نديءَ کي سمجهيو ويندو آهي. هتي به مري ويلن جا هڏا وڌا وڃن ٿا ته جيئن انهن کي شانتي ملي سگهي. هندو ڌرم جي ويدن ۾ به ساڙ ڌڙي جو ذڪر ٿيل آهي. هن کي وڌائي بهتر ڪري ناهيو ويو آهي، جنهن ڪري ياتري هتي اچي تلاءُ ۾ اشنان ڪري پاڻ کي پاڪ پويتر ڪن ٿا. هتي هر سال مارچ مهيني ۾ شِوِ راتڙي جو ميلو ڌام ڌوم سان لڳندو آهي جنهن ۾ پري پري جا ياتري زيارت لاءِ اچن ٿا.

هن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اوائلي دور ۾ هندو ڌرم جي هڪ وڏي گياني ۽ تپسيا ڪندڙ مهاتما جنهن جو نالو پاراسر برهمڻ هو، ان کان ڪا غلطي ٿي وئي جنهن جي

معافي لاءِ ڪيس مها گياني رشين چيو تہ 68 تيرٿن جو جل (پاڻي) ڪٺي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ان ۾ اشنان ڪر تہ تنهنجو پاپ ڌوپي ويندو؛ جنهن ڪان پوءِ پاراسر هن هنڌ تي 68 تيرٿن جو پاڻي گڏ ڪيو ۽ ان ۾ اشنان ڪري پويتر ٿيو هو، جنهن روايت موجب اڄ بہ هتي اشنان ڪري پنهنجي پاپن کي ختم ڪيو وڃي ٿو ۽ مري ويلن جي لاشن جو اڳني سنسڪار ڪرڻ ڪانپوءِ سندن هڏين کي هتي اڇلڻ سان سندن روح کي مڪتي ۽ شانتي ملي ٿي.

ساڙ ڏڙو ڏام جنهن کي مرگهہ ڪنڊ بہ چيو وڃي ٿو، هن جي آس پاس مختلف ديوتائن جا مندر آهن ۽ چئن خاص ٻاون جون سماڌيون پڻ موجود آهن. ساڙ ڏڙو ڏام ڪان ڪجهہ مٿي مهاديو شِوِ جو مندر آهي ۽ پر ۾ پولوناٿ جو مندر آهي، جتي ياترين کي رهائڻ ۽ پچن پاءُ جو بہ بندوبست ٿيل آهي.

## * گئؤ مُکي

هي ماڳ بہ ڪارونجهر جبل ۾ تمام اهم سمجهيو وڃي ٿو جيڪو ساڙ ڏڙي ڪان ڏکڻ طرف تقريبن چئن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي جنهن تائين صرف پنڌ ئي وڃي سگهجي ٿو. هن ماڳ تي ڳئون جي مُنهن شڪل ٺهي پئي آهي، جنهن جي وات مان پاڻي وهندو رهي ٿو. هتي بہ هندو ڌرم وارا درشن ۽ پوڄا پاٺ لاءِ ويندا آهن ۽ ٻيا عام ماڻهو هتي هي منظر پسڻ لاءِ پهچن ٿا.

## *چندن گڍ

هي هڪ ننڍو قلعو هو جيڪو ڪارونجهر جي هڪ اونچي چوٽيءَ تي راڻي چندن ٺهرايو هو. پارڪر تي جڏهن انگريزن قبضو ڪيو تہ راڻو چندن ۽ سندس ساٿي روپلو ڪولهي ۽ ٻيا هتي اچي رهيا ۽ هن قلعي مان انگريزن خلاف ڪارروايون ڪندا رهندا هئا. جنگ جي آخري مرحلي ۾ ڪرنل ايونس هن قلعي کي 1859ع جي مئي مهيني ۾ توبن سان اڏائي ڇڏيو ليڪن قلعي جا آثار اڄ بہ موجود آهن.

## * ڀيم گوڏا

هندو ڌرم ۾ چيو وڃي ٿو پانڊوئن ۽ ڪوروئن جي تاريخي جنگ دوران ڪوروئن جڏهن پانڊوئن کي 13 سال ڏيهہ نيڪالي ڏني هئي تہ پنج ئي پانڊو ڪجهہ وقت لاءِ ڪارونجهر ۾ بہ اچي رهيا هئا، جن جا يادگار هتي موجود آهن، جن ۾ مکيہ ڀيم گوڏا، ڀيم تلاءُ، ارجڻ ٻاڻ ۽ ڪجهہ ٻيا بہ نشان هتي موجود آهن. ڀيم گوڏا گئو مکيءَ ڪان بہ مٿي آهي. هي بہ هڪ چشمي وارو کن آهي، جتي هر وقت پاڻي موجود رهي ٿو. هن لاءِ روايت آهي تہ هتي پاڻي نہ ملڻ ڪري پانڊو جي پاءُ ڀيم لت هڻئي هئي تہ پاڻي نڪري پيو، تنهن ڪري هن کي ڀيم کن بہ چوندا آهن.

## * پونئرو (ٻهرو)

ڪارونجهر جبل ۾ هڪ پونئرو بہ مشهور آهي جيڪو هاڻي زبون حالت ۾ آهي. چيو وڃي ٿو تہ پارڪر تي سوڍن جي حڪومت دوران حڪومتي خزانو ۽ بارود هن پونئري ۾ لڪايو ويندو هو ۽ هن پونئري لاءِ چيو وڃي ٿو تہ گوڙي مندر واري پونئري سان مليل هو جيڪو زيرِ زمين سرنگهہ رستي محفوظ چرپر لاءِ ڪم ايندو هو. انگريزن جڏهن پارڪر تي قبضو ڪيو تہ خزاني جي تلاش ۾ هن پونئري جي کوٽائي ڪرائي ويئي ليڪن ڪو خزانو نہ ملڻ ڪري ڪم بند ڪرائي ڇڏيائون.

ڪارونجهر جبل ۾ ڪيئي ٻيا يادگار ۽ تيرٿ آهن، ان کان سواءِ جبل جي چوٽين، ماترين، ندين ۽ ابشارن جي پنهنجي هڪ وڏي خوبصورتي آهي، جيڪا پسڻ سان ذهن تروتازه ۽ پرسڪون ٿئي ٿو. ڪارونجهر جبل جي هڪ وڏي خاصيت اها آهي تہ جبل مان قدرتي طور هر وقت مختلف هنڌن تان هلڪو هلڪو دونهون نڪرندو رهي ٿو جنهن جو منظر دلڪش هوندو آهي. اگر هتي وڏيڪ تفرح گاهہ ناهيا وڃن، روڊ رستن کي بهتر ڪيو وڃي ۽ عام ماڻهن جي لاءِ رهائش جو انتظام هجي تہ هي جبل پوري ملڪ جي ماڻهن ۽ غير ملڪي سياحن جي لاءِ وڏي ڪشش رکي ٿو.

روزاني ايڪتا 13 سپٽمبر 2019ع

**حوالا.**


1- ڪتاب - پراڻو پارڪر (ليکڪ - منگهارام اوجها)
2- ڪتاب - تاريخ ريگستان (ليکڪ - رائچند هريجن)

# ڪاسبو ۽ ڀوڏيسر تلاءَ



## ڪاسبو ۾ راما پير جو مندر

اسان ڪارونجهر تان لهي اچي ننگر پارڪر شهر واري حر مجاهد هوٽل تي مانجهاندو ڪيو ۽ ننگر شهر کان ڪاسبو ويندڙ رستي جي ساڄي هٿ تي انگريزن سان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ مقابلو ڪندڙ بهادر سالار امر روپلو ڪولهيءَ جي ڦاسي واري هنڌ تي نهيل يادگار تي سلامي ڀري پوءِ ڪاسبو لاءِ روانا ٿياسين. ننگر پارڪر شهر کان 7 ڪلوميٽر اڳتي ڪاسبو آهي جنهن جي لاءِ مشهور آهي ته هتي جا ماڻهو ٿر جي پوري علائقي ۾ تمام خوبصورت ٿين ٿا. مرد جاننا جوان ۽ ڪاسبي جون عورتون خوبصورت ٿين ٿيون جن جي ڊگهين ڳچين کي ڪونجن سان تشبيهه ڏني ويندي آهي، جيڪي جڏهن پاڻي ڀرڻ لاءِ گهاگهرون چيلهه ۽ متي تي کڻي ٽولي جي صورت ۾ هلن ٿيون ته ڪونجن جون قطارون محسوس ٿينديون آهن، ليڪن هاڻي اهڙا نظارا نظر نٿا اچن ۽ ڪاسبو ننڍو پسمانده ڳوٺ ٿي ويو آهي.

ڪاسبو ڪارونجهر جبل جي ويجهو آهي، جنهن ڪري برساتي پاڻي جبل تان هيٺ اچي ٿو ته هتي جا تلاءَ ۽ ڊورا پاڻيءَ سان ڀرجي وڃن ٿا، جن مان زمينون آباد ٿين ٿيون ۽ جانورن لاءِ گاهه به جام ٿئي ٿو، ان ڪري هتي خوشحالي رهي ٿي. هڪ وسڪارو ٿي چڪو هو ۽ ٻيو وسڪارو هلندڙ هئو جنهن ڪري هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي هئي، جنهن جي وچ مان هي پڪو روڊ سڌو ڪاسبو تائين آهي. ڪاسبو ۾ به وڏا مندر آهن، هڪ راما پير جو مندر ۽ ٻيو ڳوٺ جي ٻئي پاسي شِو مندر آهي. هنن ٻنهي مندرن تي وڃڻ لاءِ ڳوٺ جي وچ مان گذرڻو پوي ٿو، جتي ڪچا گهر ۽ گهٽيون سوڙهيون آهن. اسين پهرين راما پير مندر وياسين.

*** راما پير مندر**

صوفي سنت شري راما پير جو مندر وڏي احاطي اندر نهيل آهي جتي تمام گهٽي وڻڪاري آهي جنهن جي وچ ۾ وڏي ۽ اونچي ٿلهي تي مندر نهيل آهي. هن مندر بابت هتي جي ڀڳت گيان چند (ميگهواڙ) جيڪو مندر جو رکوالو آهي، ان ٻڌايو ته هي مندر

اڄ کان 435 سال اڳ ٺهرايو ويو هو، جنهن کان اڳ هتان سنت شري راما پير جو گذر ٿيو هو جيڪو اصل راجستان کان آيو هو ۽ هتي اسان جي وڏن جي مرنڌڙ ڍڳن کي ڪرشمي سان ڪڙو ڪري بيهاريائين ۽ ڪجهه وقت هتي رهي گيان به ڏيندو رهيو، هتان ان جي وڃڻ کان پوءِ هي مندر قائم ڪيو ويو. هن مندر تي مسلمان به وڏي تعداد ۾ حاضري ڀرڻ لاءِ اچن ٿا. هن مندر تي ميلي جو منظر لڳي رهيو هو. ڪجهه صوفي فقير راڳ ويراڳ ڪري رهيا هئا ته ڀئي پاسي ڀڳتين جي محفل جاري هئي ۽ ٻنهي طرفن ماڻهن جا وڏا ميڙ هئا جيڪي پٽ تي ويٺي محفل ۾ مگن هئا، حالانڪ ڪو خاص ڏڻ يا ميلو نه هو ليڪن وسڪاري جي خوبصورت موسم ۾ مقامي ماڻهو به سير تفريح ۽ پوڄا پاٺ لاءِ گهرن کان ٻاهر نڪري اچن ٿا، جنهن ڪري هتي هر هنڌ جڻ ڪو ميلو لڳو پيو آهي. هتي به بدين جو دوست احمد خان چانديو اچي وڏي ڀاڀوهه سان مليو ۽ چيائين ته آئون فيس بوڪ تي اوهان جا تاريخي ماڳن بابت مضمون پڙهندو آهيان، هتي اوهان کي پري کان ڏسي سڃاتو آهي، ڪجهه پل ويٺي ڪچهري ڪئي سون ۽ اسان کي دعوت ڏنائين ته واپسيءَ ۾ بدين مون وٽ ضرور اچجو.

*** شِو مندر**

مها ديو شِو جو مندر ڳوٺ جي ڀئي پاسي آهي. هي مندر به وڏي ايراضيءَ تي ٺهيل آهي، هتي 800 سال پراڻا وڻ لڳل آهن ۽ مندر انهن کان به اڳ جو چيو وڃي ٿو. هتي مور پکي تمام گهڻا آهن ۽ ننڍي قد وارا خوبصورت گهوڙا به هتي نظر ايندا آهن. هتي مندر ۾ مها ديو شِو جي لنگ سان گڏ نانگ ديوتا، گڻيش ديوتا ۽ هنومان جون مورتيون پڻ رکيل آهن. هتي جي برهمڻ سان پڻ ڪچهري ڪئي سون.

## * ٻاين جو ٻيسٽو

ڪاسبو کان 4 ڪلوميٽر پري ڪاڙوئي جي ويجهو پراڻو ڪاسبو ۾ ٻاين جو ٻيسٽو (عورتن جي پناهه گاهه) به مشهور تاريخي ماڳ آهي جيڪو جتي هڪ وڏو پٿر آهي جنهن جي هيٺان هڪ وڏي سرنگهه آهي جيڪا سامهون کان کليل باقي ٽن پاسن کان بند آهي ان لاءِ مشهور آهي ته هتي جڏهن به ڌاڙي ڦر لاءِ گجرات وارا حملي آور ٿيندا هئا ته مقامي طور دهل وڄايو ويندو هو، ڳوٺ جون سڀ عورتون سرنگهه ۾ لڪنديون هيون، مرد سرنگهه جي ٻاهران مهاڙي تي وڏو پٿر ڏيئي، پوءِ پاڻ وڃي دشمن جو مقابلو ڪندا هئا. پراڻو ڪاسبو جي پرسان هڪ جهرڻو به مشهور آهي جيڪو گامپرو تلاءُ جي پاسي ۾ آهي. ڪاسبو کان واپسيءَ تي روڊ پرسان ڪارونجهر جي دامن ۾ هڪ وڏي تلاءُ ڪناري هڪ ٽري فنڪار پنهنجي وطن جو ورد ڪري رهيو هو ته اسان به ڪجهه دير لاءِ هن خوبصورت منظر ۾ سندس محبتي ٻول ٻڌندي روح کي ريجهايوسين. هتي به ماڻهن

جو وڏو ميڙ هو جيڪو رمجهم واري موسم جو مزو وٺي رهيو هو. اسين به هن خوبصورت منظر مان مسرور ٿي واپس ننگر شهر آياسين ۽ ٿر جي مشهور سماجي تنظيم ٻانهن ٻيلي جي آفيس تي وجي انچارج سان ملياسين، ڪيس پنهنجي فورم جو ساٿين سميت تعارف ڪرايو. هن اسانجي گرمجوشيءَ سان پليڪار ڪئي ۽ پنهنجي پوري آفيس جو معائنو ڪرايائين، اسٽاف سان به ملايائين ۽ اسان جي چانهه بسڪيٽن سان خاطر مدارت ڪيائين. ڪجهري ڪندي معلوم ڪيوسين ته سندن تنظيم جا هتي ڪهڙا سماجي ڀلائي جا پراجيڪٽ آهن جنهن جو هنن وٽ ڪو به خاطرخواه جواب نه هو. سماجي ڀلائيءَ جي نالي تي صرف ڪاروبار جاري آهي جنهن تي صرف افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو. اسان آفيس کان نڪري پوڏيسر لاءِ روانا ٿياسين.

### * پوڏيسر تلاءُ



هيءُ تلاءُ ننگر پارڪر شهر کان 3 ڪلوميٽر ڀهريان سڄي هٿ تي روڊ کان اڌ ڪلو ميٽر اندر آهي. هي تمام وڏو تلاءُ آهي جنهن ۾ پورو سال پاڻي رهي ٿو. هي تلاءُ ڪارونجهر جبل جي دامن ۾ آهي، جبل مان ايندڙ برساتي نالن جي پاڻيءَ سان هيءُ تلاءُ ڀرجي وڃي ٿو.

پارڪر تي "پرمارن" جي حڪومت ۾ هي تلاءُ ٺهرايو ويو هو. ڇهين صدي عيسويءَ ۾ هتي هانسي راڻي جي حڪومت هئي، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ پاري ننگر هو. سندس پاءُ پوڏي پوڏيسر آباد ڪيو، جتي هي هڪ وڏو تلاءُ ٺهرايائين جنهن جي تري ۾ ٿامون لڳرايائين ته جيئن پاڻي زمين ۾ جذب نه ٿئي. پوءِ هڪ وڏو شهر آباد ٿي ويو جنهن ۾ ٻين ڌرمن وارن کان علاوه جين ڌرم جي اوسواڙن جا 3 هزار گهر هئا جيڪي وڏا دولتمند واپاري هئا ۽ پوڏي کي ڪافي رقم خراج طور ڏيندا هئا. سندن پڪن ۽ شاندار گهرن جا آثار بنيادن جي صورت ۾ هاڻي به اُتي نمايان نظر ايندا. جين ڌرم جي مندر "پوٽي ڏهرو" جي آسپاس نظر اچن ٿا. هتي سندن نهيل مندر جنهن کي پوٽي ڏهرو چيو وڃي ٿو، اهو به پوين پساهن ۾ موجود آهي.

*** پوٽي ڏهرو**

هي مندر مٺاهين هنڌ تي هڪ وڏي ٿلهي مٿان ٺهيل آهي. ٿلهي سميت پورو مندر پٿر جو جڙيل آهي جنهن جي هر هڪ پٿر تي شاندار اکر جو ڪم ٿيل آهي.

هن جي اڏاوت سڄي پٿر جي آهي ۽ بهترين ڇنساليءَ ۽ ڪاريگريءَ جو هڪ نادر نمونو آهي. مندر جي چوٽي ڊٿل آهي جنهن لاءِ ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪيئي سال اڳ مندر جي چوٽي خزاني هجڻ جي شڪ ۾ ڊاٺي ويئي هئي.

هن شاندار شهر جي زوال اچڻ جو سبب اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته جين ڌرم وارن سان سوڍن راڻن جو رويو سخت ٿيندو ويو ۽ ان اٽڪيٽ ڪري جين ڌرم وارا هتان لڏي گجرات هليا ويا. هنن جي شاهوڪاري ۽ واپار جي پئسي تي شهر هلندو هو. سنڌن پڪن ۽ شاندار گهرن جا آثار بنيادن جي صورت ۾ هاڻي به اُتي نمايان نظر اچن ٿا، هي شهر پوءِ ڦٽندو ويو، اڄ هتي صرف ڪجهه بنياد ۽ ڪنڊر وڃي بچيا آهن.

*** ڀوڏيسر مسجد**



ڀوڏيسر تلاءَ جي ڀئي پاسي تي هڪ خوبصورت مسجد آهي. هي پوري پٿر جي چورس ٺهيل تمام خوبصورت مسجد آهي جنهن جي ڊيگهه 30 فوٽ ۽ ويڪر به 30 فوٽ آهي. ٽن پاسن کان ديوارون اٿس، اڳيان ۽ وچ ۾ پٿر جا ٿنڀا اٿس ۽ ڇت تي هڪ گنبذ ٺهيل آهي. هن مسجد جي اڏاوت ۾ سنگِ مرمر جهڙو هلڪي ڳاڙهي رنگ جو پٿر استعمال ٿيل آهي. ديوارن، ٿنڀن ۽ اڳياڙيءَ تي تمام سهڻو اُکر جو ڪم ٿيل آهي، ٻاهران ڪشادو صحن آهي، ننڍي چوديواري ۽ در پڻ ٺهيل آهي.

هي مسجد گجرات جي سلطان محمود بيگڙو ٺهرائي، جنهن جي نالي سان تختي مسجد جي محراب پرسان لڳل آهي جنهن تي فارسي ۽ گجراتيءَ ۾ نالو محمود شاهه بن مظفر شاهه بن غياث الدين ۽ سن 1505ع ۽ نسبت 1562 لکيل آهي. جنهن موجب 880 هجري سن ٿيندو. چيو وڃي ٿو ته ان وقت ۾ پارڪر جي سوڍن ۽ ڪوسن ڪي ڏاڍو زور هوندو هو. پارڪر مان گذرندڙ قافلن جي مسافرن کان ٽيڪس به وصول ڪندا هئا ۽ پوءِ انهن جو مال ۽ دولت به ڦري وٺندا هئا، جنهن ڪري به پيرا سلطان محمود بيگڙو هتي

اڃي هنن سان جنگيون ڪري ويو هو ليڪن پوءِ بہ سوڍا ۽ ڪوسا ساڳيون ئي وارداتون ڪندا رهيا ۽ دهليءَ جي سلطان جي ڪوتوال ۽ ٻئي قافلي ۾ سلطان محمود بيگڙو جي والده ڪي بہ ڦريائون جنهن ڪري سلطان محمود بيگڙو وڏي لشڪر ۽ تياريءَ سان اچي پوڏيسر تي حملو ڪيو، جنهن ۾ سلطان جا سپاهي ۽ سوڍا وڏي تعداد ۾ مارجي ويا. سلطان جي سوڀ ٿي ۽ ڪجهہ وقت اتي ئي رهي پيو جنهن دوران هيءَ مسجد بہ ٺهرايائين ۽ پنهنجو هڪ ڪوتوال هتي ڇڏي ۽ ڏن مقرر ڪري واپس ويو هليو. تاريخي ڪتابن ۾ ذڪر ملي ٿو تہ سلطان محمود بيگڙو جو پڙڏاڏو راجپوت هو ۽ مسلمان ٿيو جنهن ڪري گجرات جو پهريون مسلمان حاڪم سڏيو وڃي ٿو، جنهن جي پوٽي احمد شاهہ نئون شهر احمد آباد نالي ٺهرايو ۽ سندس پٽ محمود شاهہ بيگڙو جڏهن تخت نشين ٿيو تہ هن گرنار ۽ پاوا ڳڍ جا بہ قلعا راجپوتن کان فتح ڪيا ۽ اتي بہ مسجدون ٺهرايائين. سلطان محمود بيگڙو 1459ع ۾ گاديءَ تي ويٺو ۽ 1511ع تائين حاڪم رهيو ۽ وفات ڪيائين.

مسجد جي پرسان ڪجهہ قبرون آهن جيڪي سلطان جي خاص سپاهين جون چيون وڃن ٿيون. تلاءَ جي پرسان پٿرن تي بهادر راجپوتن جا نقش ٺهيل آهن جيڪي گهوڙن تي سوار هٿ ۾ تلوارون ۽ ڀالا ڪنيو بيٺا آهن. هي نقش انهن بهادر راجپوتن جا چيا وڃن ٿا جيڪي محمود شاهہ بيگڙو سان جنگ ۾ بهادريءَ سان وڙهندي ”جهونجهار“ ٿيا. سندن نالا گجراتي ۾ لکيل آهن.

پوڏيسر تلاءَ جي پر ۾ هڪ ننڍو شِوَ جو مندر پڻ آهي جيڪو تمام آڳاٽي زماني جو لڳي ٿو جنهن جي تاريخ نٿي ملي.

هن تلاءَ جي ويڪر 200 فوٽ ۽ ڊيگهہ 400 فوٽ هئي ليڪن هاڻي ان ڪي ٻاهران نئون بند ٻڌي ڪجهہ وڌايو ويو آهي. بهرحال پوڏيسر تلاءَ جنهن جي پسمنظر ۾ ڪارونجهر جبل آهي، جنهن جي دامن ۾ پوٽي ڏهرو ۽ سڌي ميدان تي هي تاريخي مسجد تمام خوبصورت لڳي ٿي. پرپاسي زمينون آباد آهن، جنهن جي ساوڪ جو خوبصورت نظارو پڻ ڏاڍو دلڪش آهي، جنهن ڪي پسڻ لاءِ هتي ڪافي تعداد ۾ عوام اچي ٿو. اسان ڪي هتان جي نظارن ڪي پسندي سج لهي ويو ۽ واپس ريسٽ هائوس پهچي سامان سهيڙي واپس مٺيءَ روانا ٿياسين.

روزاني ايڪتا 26 سپٽمبر 2019ع

**حوالا.**

1. ڪتاب: ”پراڻو پارڪر“، ليکڪ: منگهارام اوجها
2. ڪتاب: ”تاريخ ريگستان“، ليکڪ: رائچند هريجن

# پارڪر ۾ پاري ننگر



ٿرپارڪر ٻن علائقن جو جڙيل نالو آهي ٿر+ پارڪر= ٿرپارڪر. هي ٻئي مختلف قسم جون زمينون آهن ٿر جي زمين نرم ۽ وارياسي آهي، جڏهن ته پارڪر جي زمين سخت پٿريلي آهي جنهن جي وڏي حصي تي ننڍا وڏا پهاڙ آهن. هن علائقي تي پارڪر جو نالو پوڻ جو سبب هن علائقي جي پير ۾ رڻ ڪڇ آهي جيڪو اڳي سامونڊي ڪاري هو ۽ ماڻهو ان ڪاريءَ کي پار ڪري ايندا ويندا هئا، ان ڪري ان کي ”پار اڪر“ چوندا هئا، جيڪو اڳتي هلي پارڪر سڏجڻ لڳو.

پارڪر جي موجوده پٽن ۽ رڻ ڪڇ بابت تاريخ ٻڌائي ٿي ته اوائلي دور ۾ هي سڄو علائقو سمنڊ هو جيڪو مختلف وقتن تي زلزن ۽ زمين جي اٿل پٿل جي ڪري آيل تبديلين سبب پوئتي ڌڪجي ويو آهي.

پهرين صدي عيسويءَ ۾ به پاري ننگر تائين سمنڊ هو، ان وقت پاري ننگر وڏو شهر هو، جنهن جي آبادي چاليهه هزار کان مٿي هئي ۽ هتي وڏو بندرگاهه هو، جنهن ڪري هتان ملڪان ملڪ سامونڊي جهازن ذريعي واپار ٿيندو هو ۽ واپاري اڪثريت ۾ جين ڌرم جا اوسواڙ هئا. ان وقت ۾ هاڪڙو درياهه امرڪوٽ جي پرسان گذري اچي ننگر پارڪر جي پرسان سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو.

پاري ننگر جي بندر کان سواءِ ننگر پارڪر پرسان اڏيگام بندر، پکو بندر، ڪاسبو بندر، ٻڙ بندر، ووڙائو بندر ۽ راهمڪي بازار ان وقت مشهور بندر هئا. ان کان پوءِ به رڻ ڪڇ وارو علائقو چوٿين صدي عيسويءَ تائين سمنڊ رهيو، جنهن کان پوءِ وڏي زلزلي ۽ ڌرتي ڌڏڻ سبب سمنڊ جي جاءِ خشڪ ٿي ويئي ۽ هي رڻ ٻڻجي ويو.

اڄ به ويرا واهه جي پرسان پاري ننگر شهر جا کنڊر ۽ آثار نظر اچن ٿا. جنهن وقت هي شهر آباد هو ان وقت هتي پنج هزار ٻه سؤ گهر جين ڌرم وارن اوسواڙن جا هئا، جن جي هتي اڪثريت هئي، انهن کانسواءِ نوَ سؤ گهر لوهارن جا، ست سَؤ گهر راجپوتن جا، تيرهن سَؤ گهر لوهاڻن جا ۽ ٻارهن سَؤ گهر ٻين ذاتين جا هئا، جن ۾ ڍاتي، وورا، گانڌي، گرڊيرا، تيمان، مدار، ڪل، ڪٻڙيا، لالڻ، وڏيرا، مهنتا، ويگڙ، ڪانتيا ۽ ٻيا هتي جا

رهواسي هئا. ڇيو وڃي ٿو تہ موهن لال ڪرمچند گانڌي (مهاتما گانڌي) جا وڏا بہ پاري ننگر جا رهواسي هئا.

پارڪر جي علائقي ۾ اوائلي دور کان سوڍن ۽ راڻن جو راڄ هلندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ سدائين سنڌ جي حاڪميت ۾ رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مختصر وقت لاءِ گجرات جي اثر هيٺ بہ رهيو آهي ليڪن مقامي راڄداري هميشہ پرمارن، سوڍن ۽ راڻن راڄپوتن وٽ ئي رهي آهي.

پاري ننگر ۾ سندس اوج واري دور ۾ ان وقت جي هڪ ارب پتي اوسواڙ ڪاڄل شاهہ هڪ خوبصورت ۽ شاندار تلاءُ نهرايو هو، جنهن کي "ڪاڄلا سر" ڇيو ويندو هو ان جا بہ آثار موجود آهن.

ٿرپارڪر ۾ تلاءَ کي سَرِ ڇيو وڃي ٿو. ڪارونجهر جبل جي ڇوڌاري ڪيئي تلاءَ آهن جن مان مکيہ تلئان جا نالا هي آهن: (1) پوڏيسر تلاءُ، (2) نرياسر تلاءُ، (3) پاڙيسر تلاءُ، (4) راڻا سر، (5) آڏي گام جو تلاءُ، (6) گڏڙي چارڻ جو تلاءُ ۽ ان کان سواءِ ويرا واهہ جي پرسان "سنگها تلاءُ" ڇوڙهئي جبل واري رستي تي بڙ تلاءُ ۽ ٻيا ڪيترائي تلاءَ آهن.

پارڪر جي راڻن جو جيڪو تفصيل ملي ٿو سو (1) راڻي آسراءَ کان شروع ٿئي ٿو (2) راڻو ڏيوراڄ، (3) راڻو سڙڪجي، (4) راڻو ڪنگهار، (5) راڻو ارڄجي، (6) راڻو پيمجي، (7) راڻو باڪرجي، (8) راڻو گانگوجي، (9) راڻو اکوجي، (10) راڻو ماڻڪ راءِ، (11) راڻو ڏيپار ڏيو، (12) راڻو رامسنگهہ (13) راڻو وڻيور جي، (14) راڻو رائڌڻجي، (15) راڻو گجسي، (16) راڻو ڪائجي (ڪرڻ) جنهن جي انگريزن سان جنگ ٿي، (17) راڻو رتنجي، (18) راڻو همير جي، (19) راڻو رڻڇور جي، (20) راڻو اچل سنگهہ، جنهن کان پوءِ جاگيرون ختم ٿيون ليڪن هاڻي بہ انهن جا پوئنير راڻا ئي سڏجن ٿا ۽ پنهنجي راڄ پاڳ جي مهنداري ڪن ٿا.

پارڪر جي علائقي ۾ رهندڙ مسلمان قبيلن ۾ کوسا، سيد، سما، سومرا، چانديا، موندر، ٻورلي، ساند، پيلو، خاصخيلي، حجام، اُتر، کوکر، رند، راهما، نهڙيا، شورا، ڪاڙڪ، شيدي، ڪنڀار، منگريا، مگڻهار، لنجا، جوڻيجا، سنگراسي، هاليپوٽا، راڄڙ، سميجا، جيسر، پٽي، جهنجهي، ٽيٻا، ديدار، ڏيٽا، اونا، چنا، کيريا، ڏوهٽ، ڪيلهڻ، گجو، شيدي، لنگها وغيره شامل آهن.

هندو ذاتين ۾ شرمالهہ، راڄگر، سارسوت، جيڪي ٻيهمڻ آهن ۽ ٻيا لوهاڻا، جين، راڄپوت، ريٻاري، سوٿهڙ، چارڻ، جاٽ، مالهي، سونارا، ڪٽي، نائي، سامي، لوهار، ٻجير، ميگهواڙ، ڀيل، ڪولهي، ڀنگي ۽ ٻيون ذاتيون رهن ٿيون.

ننگر پارڪر تعلقي جي هاڻوڪي آباديءَ موجب 85 سيڪڙو هندو ۽ ٻيا رهن ٿا، 15 سيڪڙو مسلمان آباد آهن.

پارڪر جي علائقي ۾ ڪنهن به دور ۾ ڪو به وڏو قلعو نه ٺهيو. ڪارونجهر جبل تي ”چندن گڊ“ راڻي چند ٺهرايو. ٿرپارڪر ۾ ننڍي قلعي کي ”گڊ“ چيو وڃي ٿو.”چندن گڊ“ جا آثار اڄ به موجود آهن. ننگر پارڪر جا راڻا ڏکئي وقت ۾ ڪارونجهر جي اونچائيءَ تي چندن گڊ ۾ پناهه وٺندا هئا. انگريزن جي پارڪر تي ڪاهه تي ته راڻو ڪرڻ به روپلو ڪولهي ۽ ٻين ساٿين سميت هتي اچي رهيو، جتان روپلو ۽ سندس ساٿي انگريزن تي گوريلا ڪارروايون ڪندا رهندا هئا. 1859ع ۾ ڪرنل ايونس ”چندن گڊ“ کي توبن سان ڪيرايو جنهن کان پوءِ هاڻي ڪوٽ جا صرف آثار موجود آهن. ان کان سواءِ ڪڇ جي راجا راهمڪي بازار ۽ اوڪا ۾ ننڍا ”گڊ“ ٺهرايا هئا جن کي ڪچي گڊ چيو ويندو هو.

پارڪر جي علائقي تي هر حڪمران امر ڪوٽ جي قلعي مان ئي پنهنجو راڄ هلايو. ٽالپرن ٿر جي علائقي ۾ گڊ ۽ قلعا ٺاهيا، ليڪن پارڪر ۾ هنن به ڪو گڊ يا ڪوٽ نه ٺهرايو.

## * پاري ننگر




ننگر پارڪر ويندي رستي تي پهريان ويرا واهه آهي جيڪو پڻ پراڻو شهر آهي ليڪن هن جي پرسان هڪ قديمي شهر ”پاري ننگر“ جا کنڊر موجود آهن. هي شهر پنهنجي دؤر جو هڪ وڏو سکيو ستابو ۽ مشهور شهر هو. ڪيئي صديون اڳ اتي جهاز رانيءَ لائق پاڻي موجود هو ۽ پاري ننگر هڪ بندر هو. پاري ننگر جي تباهي ان حقيقت ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي، ته هڪ زلزلي ۾ زمين سمنڊ کي ڌڪي پوئتي هٽائي ڇڏيو، ڪڇ هڪ رڻ بڻجي ويو ۽ پاري ننگر جو مشهور معروف بندر برباد ٿي ويو. پاري ننگر جو بندر پهرين عيسوي صديءَ ۾ قائم ٿيو ۽ پوءِ وڌندو ويجهندو رهيو.

ڪن روايتن موجب سندس آدمشماري 40,000 هئي. پوئين دؤر ۾ مٽس پرمار سوڍن جي حڪمراني رهي. ان کان پوءِ دهليءَ جي ڪنهن شهنشاهه هن خوبصورت شهر کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو. هي واقعو 1226ع جو چيو وڃي ٿو. پاري ننگر جي کنڊرن ۾ جين

ڏرم سان لاڳاپيل پنج ڇهه وڏا مندر آهن، انهن مان گهڻا سنگ مرمر سان تعمير ٿيل آهن. وڏي وقت گذرڻ باوجود به انهن جا ڪجهه حصا باقي بچيل آهن جيڪي سنڌ جي شاندار ماضيءَ جي شاهدي ڏين ٿا. مندرن تي موجود اڪريل تصويرون يا خوبصورت بت ۽ ٻيون ڪي اهڙيون لاڳاپيل شيون تمام خوبصورت آهن. پاري ننگر جي خوشحال ماضيءَ جون ڪيتريون ئي شاهديون موجود آهن. سمنڊ پوئتي ڏکجڻ ڪري پاري ننگر جا واپاري ۽ شاهوڪار پوڏيسر پهتا ۽ اتان ڪان پوءِ ڪجهه عرصو ڄام ننگر ۾ رهيا ۽ اتان ڪان وري مانڊوِ پهتا. لڏپلاڻ جو سبب معاشي ترقي ۾ڌايو وجي ٿو. ٻيو سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪڇ وارو سمنڊ سڪي پوئتي هٽي ويو ۽ بندر ۽ بازاريون ڦٽي ويران ٿي ويا، ان ڪري سندن لڏپلاڻ جاري رهي ۽ پوءِ سمنڊ آهستي آهستي پوئتي هٽندو ويو ته هو به ان سان گڏ اڳتي وڌندا ويا ۽ اچي ڪڇ جي ساموندي ڪناري وٽ مانڊوِ پهتا.

ويرا واهه جي پرسان هن ڦٽل شهر جا نشان موجود آهن، جيڪي اٽڪل ٽي ڪلوميٽر ڊيگهي ۽ هڪ ڪلوميٽر ويڪري ميدان تي ڦهليل آهن، جتي اڄا تائين، پراڻن مندرن ۽ جاين جون پيڙهيون موجود آهن. ڪئپٽن ريڪس جي تحقيق آهي ته هي شهر 512 قبل مسيح آباد ڪيو ويو هو، جنهن ۾ هڪ لک گهر هئا. اهو شهر 1200ع ڌاري مسلمان حاڪمن سان مقابلن ۽ لڙاين جي ڪري ناس ٿي ويو. هن شهر جي پرسان سمنڊ هو. حقيقت اها آهي ته هن شهر جو زوال ان دور ۾ شروع ٿيو جڏهن سمنڊ پوئتي هٽڻ شروع ڪيو. ”پاري ننگر“ کان ٽن يا چئن ميلن جي پنڌ تي ”ڏوتڙ“ نالي هڪ وسندڙ بندر هو. ان بندر لاءِ هتان جا وڏڙا سينه به سينه ڳالهيون ڪندا اچن ٿا ته هن بندر تي جهازن کي جهلڻ لاءِ وڏا لوها زنجير ۽ ڪڙا پيل هوندا هئا. پنڊت نهرو پنهنجي جڳ مشهور تاريخ ۾ لکي ٿو ته: ”پنجين ۽ ڇهين صدي عيسويءَ ۾، گجرات جي لڳ ڀڳ ڪن ڪنارن وارن بندرن کي سمنڊ ڇڏي ويو، جنهن ڪري ڪيترا هندو واپاري، واپار جي سانگي لڏي جاوا ۽ بالي ٻيٽن ۾ وڃي آباد ٿيا.“ (جي هن وقت انڊونيشيا ۾ آهن). اهو به چيو وڃي ٿو ته گانڌيءَ جا وڏا به اصل هتي جا رهواسي هئا.

افسوس اهو آهي ته اڄ تائين، ههڙي تاريخي شهر جي کوٽائيءَ ڌانهن ڪو به توجهه نه ڏنو ويو آهي، بلڪ انگريزن جي دور ۾ هن ڦٽل شهر مان سنگمرمر جون ڪي ڇيزون ڪراچي جي عجائبخاني ۾ رکايون ويون هيون. مسٽر ڪزنس پنهنجي ڪتاب ”انٽني ڪئٽيز آف سنڌ“ ۾ پڻ هن ڦٽل شهر جو ذڪر ڪيو آهي. اها به روايت آهي ته هن شهر جا ڪيترائي عجائبات بمبئيءَ جي ميوزيم ۾ موجود آهن.

روزاني ايڪتا 03 اڪتوبر 2019ع

**حوالا.**


1- ڪتاب - پراڻو پارڪر (ليکڪ - منگهارام اوجها)

2- ڪتاب - تاريخ ريگستان (ليکڪ - رائچند هريجن)

# منيءَ ۾ هڪ منفرد مندر



اسين حڪيم ميمڻ جي گاڏيءَ ۾ سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم پاران ٿر جي سير تي نڪتل هئاسين. ٿر ياترا دوران پياري دوست نندلال مينگهواڙ جي قربائتي ڪوٺ تي منيءَ پهتاسين، جتي باءِ پاس واري روڊ پرسان نئين آباد ٿيل ڏرماڻي ڪالوني ۾ سندس گهر پهتاسين ته نندلال، سندس والد مرچومل، سينئر صحافي مينڊرو ڪاجهروي ۽ نندين پائرن اسان سين دوستن کي وڏي پاڀوهه سان ڀليڪار ڪئي. حال احوال کان پوءِ ڪچهري ڪئي سون ته خبر پئي ته هي سيئي وڏي جاڻ رکندڙ ۽ صوفي خيال وارا محبتي انسان آهن جن سان صوفي سنت ڪبير ڀڳت بابت سني جاڻ واري ڪچهري ٿي. رات جي ماني ڪائي فارغ ٿياسين ته نند لال اسان جي لاءِ جهوني ڀڳت تاراچند کي گهرايو هو جيڪو ٻه سازندن سميت اچي پهتو ته ساڻس ڪجهه ڪچهري ڪري پوءِ حڪيم ميمڻ، ڊاڪٽر مشتاق ابڙو، ممتاز ابڙو، نندلال ۽ مينڊري جي سين پائرن سميت سنگت سان گڏجي ڀڳت تاراچند کان شاهه لطيف ڀٽائي ۽ ڀڳت ڪبير جا ڪلام ٻڌاسون. ڀڳت تاراچند جو آواز ۽ آلاپ زبردست هو، جنهن اسان سيني جا ٿڪ لاهي ڇڏيا ۽ اسان کي سڪون ۽ سرور بخشيو، ڇو ته هي راڳ جو نرالو انداز هو.

*** الک مندر**

نندلال ايڪسائيز آفيسر آهي ۽ مينڊرو ڪاجهروي جو منيءَ ۾ ايونٽ مينيجمنٽ ۽ ڊيڪوريشن ڪاروبار آهي ۽ سينئر صحافي پڻ آهي. هنن جي خاندان جو اصل ڳوٺ ڪلوئي آهي ليڪن مني ضلعي هيڊڪواٽر نهڻ کان پوءِ هن شهر جي آباديءَ ۾ واڌارو ٿيو آهي ۽ نيون سوسائٽيون ۽ ڪالونيون پڻ نهيون آهن جن مان هڪ ڏرماڻي ڪالوني آهي، جنهن ۾ نند لال وارن جو خاندان ۽ برادريءَ وارا اچي آباد ٿيا آهن جن جي اڪثريت ڪبير ڀڳت جي پوئلڳ آهي جنهن ڪري صوفيت جو عملي مثال هنن جو پنهنجي برادري لاءِ قائم ڪيل الک مندر آهي.

صبح جي نيرن مينڌري ڪاجهروي ڪرائي جنهن ۾ هنن جي خاندان جا بزرگ به شامل ٿيا ۽ اسان کي سپين وڏو مان ڏنو. ان کان پوءِ الک مندر تي وياسين. هن مندر کي اسان اندران ۽ ٻاهران غور سان ڏٺو. هڪ ته هن منفرد مندر جي اڏاوت اسلامي مسجد- مقبري يا درگاهن جهڙي هئي، ٻيو ته مندر اندر ۽ ٻاهران ڪنهن به ديوي يا ديوتا جي ڪا به مورتي رکيل نه آهي ۽ نه وري ڪا تصوير ٽهيل يا لڳل موجود آهي. صرف شاهه لطيف ۽ پڳت ڪير جا بيت ديوارن تي خوبصورت انداز ۾ پينٽ ٿيل آهن. ان تي مون حيران ٿي هنن دوستن کان پڇيو ته هي ڇا ماجرا آهي، هي مندر آهي ليڪن نه مورتي نه ئي تصوير! هي ڪهڙو ۽ ڪنهن جو مندر آهي؟ منهنجي حيرت ۽ سوال تي صحافي مينڌري ڪاجهروي ٻڌايو ته هي ”الک مندر“ آهي (صوفين الله پاڪ کي اڪثر الک جي نالي سان پڪاريو آهي) جيڪو اسان پنهنجي سپن عزيزن لاءِ جوڙايو آهي ۽ طئي ڪيو آهي ته هتي ڪا به مورتي يا تصوير نه هوندي ۽ هتي هر مذهب وارو پنهنجي دين ۾ فرقي تي قائم رهندي ڪا به عبادت يا پوجا ڪري سگهي ٿو. هي اسان پنهنجي صوفي خيال موجب ته سڀ جو مالڪ هڪ الک آهي اسان سڀ برابري ۽ سراسري موجب گڏ هونداسين.

سچي ڳالهه ته آئون سندن سان ڪچهريءَ وارين ڳالهين مان ئي تمام گهڻو متاثر هئس ليڪن اڄوڪي نفسانفسي، نفرت ۽ منافقي جي دور ۾ هنن پريوار جي هي عملي صوفيت اسان کي حوصلو بخشي ٿي ۽ يقين ٿي ڏياري ته اسان سنڌين وٽ بلڪل پينگ نه ٿي آهي، اسان وٽ اڃا انسانيت موجود آهي. جيڪا سنڌ جي اصل سڃاڻپ آهي جنهن کري ويساهه پختو ٿو ٿئي ته يقينن... يقينن... سنڌ جيئندي سدا، سنڌ جيئندي سدا.

نندلال ۽ ٻين کان موڪلائي اسين صوفي مينڌري جي اڳواڻيءَ ۾ مٺي شهر مان گهر ڀاتين لاءِ ٽر جون ڪجهه سوکڙيون خريد ڪري پوءِ مشهور مٺي گڍ تي وياسين جتي مينڌري اسان کي وڏي پٽ تي پراڻي ڪوٽ (گڍ) جا آثار ڏيکاريا، اسان انهن جي فوٽو گرافي ڪئي. هنن آثارن جو تفصيلي ذڪر نئوڪوٽ واري مضمون ۾ ڏنو آهي. گڍ تان هيٺ اچي مينڌري ڪاجهروي کان موڪلائي نئوڪوٽ روانا ٿياسين.

# تاريخ جو گلدستو ڪارونجهر بچايو



سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ ڪا نئين ڳالهه نہ آهي، ليڪن ڪارونجهر جي ڪٽائي سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ سان هٿ چراند آهي جيڪا ڪنهن بہ صورت ۾ نہ صرف ٿر جي عوام بلڪہ سنڌ جي هر شعور وند ۽ غيرتمند کي قبول نہ آهي. ڪارونجهر قدرتي ۽ فطرتي طور خوبصورت ۽ تاريخ جو گلدستو آهي، جنهن ۾ هزارين سالن جي تاريخ اونچي ڳاٽ سان نروار نظر اچي ٿي. سنڌ جي سونهن ۽ سوڀيا جو هي اهم اهڃاڻ جنهن ۾ ڪيئي منفرد منظر ۽ دلڪش آبشار، نديون ۽ برساتي نالا آهن، تاريخي طور هن خطي جي اوائلي دور جي رهاڪن ڪڏهن بہ وطن پرستيءَ جو پاند نہ ڇڏيو آهي. هن ڪارونجهر جي سونهن سوڀيا بچائڻ لاءِ سنڌ جي هيري امر روپلي ڪولهيءَ ۽ ڪيئي راڻن راجپوتن پنهنجي سرن جا نذرانا ڏيئي ڪارونجهر جو ڳاٽ اونچو رکيو آهي.

تاريخي طور ڪارونجهر ۽ پارڪر جو مختصر تعارف هي آهي تہ ٿرپارڪر اصل ۾ ٻن الڳ الڳ لفظن ۽ علائقن ٿر ۽ پارڪر جي ميلاپ مان جڙيل آهي. ٿر نرم وارياسي سرزمين جو نالو آهي ۽ پارڪر ٿر جي پيٽ ۾ ڪجهہ سخت واري‌اسي زمين ۽ ان تي اپريل نندين وڏين جابلو ٽڪرين تي مشتمل علائقي جو نالو آهي جيڪو هن وقت انتظامي طور تعلقو ننگرپارڪر آهي. هن علائقي ۾ چوڙيو جبل، ووڙائو جبل ۽ ڪارسر جبل بہ وڏا جبل ليکيا وڃن ٿا ليڪن سڀن کان ڪارونجهر گهڻو وڏو جبل آهي ۽ سڀن کان منفرد ۽ خوبصورت آهي. ڪارونجهر جي دامن ۾ ننگرپارڪر شهر آباد آهي. هي جبل ٿرپارڪر جي علائقي ۾ وڏو جبل آهي، هونئن بہ ڪارونجهر سنڌ جي ٻين جبلن کان منفرد ۽ وڌيڪ خوبصورت آهي. وڏا وڏا گول ۽ لسا پهڻ هڪ ٻئي مٿان سٿيل نظر اچن ٿا ۽ برسات جي پوڻ سان هڪ ٻئي مٿان سٿيل پهڻ (پٿر) جي پاڙن مان سائو گاهہ ڦٽي سڄي جبل کي ڇهچ سائو لباس ڍڪي ڇڏي ٿو، ان ڪري سندس خوبصورتي تي شاعري ڪئي وڃي ٿي. ڪارونجهر جبل جي ايراضي 20 هزار ايڪڙ آهي. هن جبل ۾ ڪيئي چوٽيون آهن جن جي قطار جي ڊيگهہ 19 ڪلوميٽر آهي ۽ اوچائي سامونڊي سطح کان 305 ميٽر آهي. هن جون چوٽيون بيضوي شڪل ۾ ڦري اچن ٿيون. هنن ٽڪرين جي

ٻاھرين گولائي اٽڪل 30/32 ڪلوميٽر آھي ۽ وڏي ۾ وڏي چوٽيءَ جي اوچائي ھڪ ھزار فوٽ آھي جنھن کي ”صاحب چڱا“ چيو وڃي ٿو، جتي ”تروٽ“ ٽلھو نھرايو ھو. ھن جبل ۾ ڪيترين ئي خوبصورت ماٿريون آھن ۽ برساتي ندين ۽ آبشارن جا خوبصورت قدرتي نظارا پسي سگھجن ٿا. ھن جبل ۾ برساتي پاڻي کي گڏ ڪرڻ لاءِ ھڪ ڊيم بہ ٺاھيو ويو آھي.

*** جين ڌرم جا مندر**

ھن جبل جي شروعات ۾ جين ڌرم جو مندر ۽ ان کان اڳتي ھڪ پرچاري آستان آھي جنھن تي ھڪ ننڍي مندر جا آثار آھن ۽ رستي واري پاسي کان ديوار جي وڏن وڏن پٿرن تي وڏيون مورتيون اُڪريل آھن ۽ ٻين سيني پٿرن تي بہ خوبصورت ڊزائنيون ۽ شاھڪار چٽسالي جو ڪم ٿيل آھي. ھنن آثارن لاءِ منگھا رام اوجھا پنھنجي ڪتاب ”پراڻو پارڪر“ ۾ لکي ٿو تہ ھي جين ڌرم وارن جو خاص ۽ وڏو مرڪز ھو، جتان جين ڌرم جي نظرياتي پرچار ڪئي ويندي ھئي. جبل جي اندر ھندو ڌرم جا مندر، تيرٿ ۽ آستان آھن جن ۾ ساڙڌرو، گئومکي، انچليسور، ڀيم ڪن، جھرڻو، چندن گڊ مشھور آھن جيڪي سڀ اھم تاريخي ماڳ آھن.

*** ساڙ ڌرو**

(مرگھہ ڪنڊ) جنھن کي اصل ۾ ساڙ ڌرو ڌام چيو وڃي ٿو. ھي ھڪ پھاڙن جي ڪنڊ ۾ اونھي ڪن وارو چشمو آھي، جنھن ۾ سال جا ٻارھن ئي مھينا پاڻي موجود رھي ٿو. ھن پاڻيءَ کي ھندو ڌرم موجب پويتر جل (پاڻي) سمجھيو وڃي ٿو جيئن گنگا نديءَ کي سمجھيو ويندو آھي. ھتي بہ مري ويلن جا ھڏا وڌا وڃن ٿا تہ جيئن انھن کي شانتي ملي سگھي. ھندو ڌرم جي ويدن ۾ بہ ساڙ ڌڙي جو ذڪر ٿيل آھي.

***گئو مکي**

ھي ماڳ بہ ڪارونجھر جبل ۾ تمام اھم سمجھيو وڃي ٿو جيڪو ساڙڌڙي کان ڏکڻ طرف تقريبن ٽِئن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آھي جنھن تائين صرف پنڌ ئي وڃي سگھجي ٿو. ھن ماڳ تي ڳئون جي منھن جي شڪل نھيل نظر اچي ٿي، جنھن جي ٿڻن مان پاڻي وھندو رھي ٿو. ھتي ھندو ڌرم وارا درشن ۽ پوڄا پاٺ لاءِ ايندا آھن ۽ پري پري کان سياح ھي دلڪش منظر پسڻ ھتي پھچن ٿا.

***چندن گڊ**

هي ننڍو قلعو آهي جيڪو ڪارونجهر جي اونچي چوٽيءَ تي راڻي چندن نهرايو هو. پارڪر تي جڏهن انگريزن قبضو ڪيو ته راڻو چندن ۽ سندس ساٿي روپلو ڪولهي ۽ ٻيا هتي اچي رهيا ۽ هن قلعي مان انگريزن تي ڪارروايون ڪندا رهندا هئا. جنگ جي آخري مرحلي ۾ ڪرنل ايونس هن قلعي کي 1859ع جي مئي مهيني ۾ توبن سان اڏائي ڇڏيو، ليڪن قلعي جا آثار اڄ به موجود آهن.

***ڀيم ڳوڏا**

چيو وڃي ٿو پانڊوئن ۽ ڪوروئن جي تاريخي جنگ دوران ڪوروئن جڏهن پانڊوئن کي 13 سال ڏيهه نيڪالي ڏني هئي ته پنج ئي پانڊو ڪجهه وقت لاءِ ڪارونجهر ۾ به اچي رهيا هئا. جن جا يادگار هتي موجود آهن، جن ۾ مکيه ڀيم ڳوڏا، ڀيم تلاءُ، ارجڻ ٻاڻ ۽ ڪجهه ٻيا به نشان هتي موجود آهن.

***پونئرو (ٻهرو)**

ڪارونجهر جبل ۾ هڪ پونئرو به مشهور آهي جيڪو هاڻي زبون حالت ۾ آهي. چيو وڃي ٿو ته پارڪر تي سوڍن جي حڪومت دوران حڪومتي خزانو هت رکيل هوندو هو. هن ڪارونجهر جبل ۾ ڪيئي ٻيا يادگار ۽ تيرٿ آهن ان ڪان سواءِ جبل جي چوٽين ماٿرين، ندين ۽ آبشارن جي پنهنجي هڪ وڏي خوبصورتي آهي، جيڪا پسڻ سان ذهن تروتازه ۽ پرسڪون ٿئي ٿو. ڪارونجهر جبل جي هڪ وڏي خاصيت اها آهي ته جبل مان قدرتي طور هر وقت مختلف هنڌن تان هلڪو هلڪو دونهون نڪرندو رهي ٿو جنهن جو منظر دلڪش هوندو آهي. جيڪڏهن هتي وڌيڪ تفريح گاهه ناهيا وڃن. روڊ رستن کي بهتر ڪيو وڃي ۽ عام ماڻهن جي لاءِ رهائش جو انتظام هجي ته هي جبل پوري ملڪ جي ماڻهن ۽ غير ملڪي سياحن جي لاءِ وڏي ڪشش رکي ٿو. وزيراعليٰ سنڌ جو خاص معاون ويرجي ڪولهي چئي ٿو ته سنڌ حڪومت جي قانون مائيننگ ڪنسيشن آرڊر جي شق 25 موجب ڪارونجهر جون سموريون ليزون رد ڪيل آهن. 1980 ۾ وفاقي حڪومت ڪوهه نور ڪمپني کي ليز ڪئي هئي جنهن وري سب ليز ڪري WFO کي ڏني. مارچ 2011 ۾ جڏهن غير قانوني طور تي ڪوهه نور ڪمپني چوڙيو ماتا مندر واري جبل کي ٽوڙڻ شروع ڪيو ته آئون اڪيلو هوس، جنهن نه صرف احتجاج ڪيو، پر سپريم ڪورٽ تائين پهتاسين. 2015ع ۾ مانواري سپريم ڪورٽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر کي حڪم ڪيو ته جبل کي ٽوڙڻ وارو ڪم فوري طور روڪيو وڃي ۽ پوءِ ان حڪم تحت ڪم رڪجي ويوهو. هاڻ وري غيرقانوني طور جبلن جي ڪٽائيءَ جو ڪم تيزيءَ سان شروع ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڪيئي ننڍيون ننڍيون ٽڪريون آهن جنهن کي هاڻي تقريبن ٽوڙي ۽ ڪٽي چڪا آهن.

ڪارونجهر هزارين سالن کان آباد آهي ۽ هاڻ به ان کي صدين تائين آباد رکڻو آهي، جنهن لاءِ اسان سڀن کي سوچڻو پوندو ڇو جو اجا به وقت ويو ناهي، اسان ڪارونجهر ۽ پوري پارڪر جي حُسن جي حفاظت ڪري سگهون ٿا. اڄو ته سنڌ جي قدرتي حسن جي حفاظت لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيون. سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم پاران محترم ويرجي ڪولهي (خاص معاون وزيراعليٰ سنڌ)، محترم ڪرشنا ڪولهي، ارباب صاحبان، محترم سردار خان ڪوسو، ٿر سميت پوري سنڌ جي ايم اين ايز، ايم پي ايز ۽ حڪومتي ڌر جي عهديدارن، عوامي نمائندن ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪجي ٿي ته پنهنجي علائقي جي وارثي ڪئي وڃي. هتي پارڪر جون ننڍيون ننڍيون ٽڪريون راڻپور، ڏونگري، موڪڙيو، آسالڙي، مئو، ڇڻيندا، ڏنا گام، چوڙيو جبل جو ڪجهه حصو ۽ پوڏيسر جو ڪجهه حصو ٽوڙيو ويو آهي، مٿي ڏنل ننڍيون ٽڪريون پوريون ختم ٿي ويون آهن ۽ هاڻي اڇي غيرقانوني طور ڪارونجهر کي ڪٽيو پيو وڃي. اوهان سڀ راڻن، راجپوتن ۽ روپلو ڪولهيءَ جي تاريخ جو تسلسل آهيو. ڪارونجهر کي بچائڻ لاءِ اڳتي اچو، سڄي سنڌ اوهان سان گڏ بيهندي. اوهان جو ايوانن ۾ آواز اجان تائين ڇو نه آيو آهي. هن غيرقانوني ۽ غيرفطري عمل خلاف اوهان جي گجگوڙ ايوانن ۾ گونجڻ کپي ها، اوهان پارڪر جا وارث ۽ والي آهيو. سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم پوري سنڌ جي ساڃاهه وندن کي اپيل ٿو ڪري ته ڪارونجهر جي قدرتي، فطرتي ۽ تاريخي گلدستي کي بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو وڃي. هن اهم مسئلي تي سنڌ جي هر وڏي شهر ۾ سيمينار ڪرايا وڃن. سنڌ جي هن خوبصورت تاريخي گلدستي کي بچائڻ لاءِ اسان سڀن کي پنهنجو فرض ادا ڪرڻ گهرجي ۽ سنڌ حڪومت کي هن اهم مسئلي تي خصوصي توجهه ڏيئي سنڌ جي سونهن ۽ تاريخ کي بچائڻ لاءِ تڪڙو قدم کڻي هن غيرقانوني عمل کي فوري طور روڪرائڻ گهرجي، ورنه تاريخ اوهان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندي.

روزاني ايڪتا 14 نومبر 2019ع

# نظم

شهر هجن يا ٻيلا هجن،
محبوبن جا ميلا هجن.

فڪر شعور جي ڳالهه ٿئي،
روح رچيندڙ راڳ هجن.

نيهن جا نغارا وڄندا رهن،
سرندا مرليون ساز هجن.

سنڌ جي سونهن جو ورد ٿئي،
حق حق جا آلاپ هجن.

جت ماروئڙن لاءِ درد هجي،
حق ونڻ ڄڻ فرض هجي.

ڪين ٿين ”ضمير“ جا سودا،
واهڻ وسنديون آباد هجن.

(عنايت ڪٽياڻ - ضمير)

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

